# پنج گنج

تصنيف

عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحه

( ١٢٣٠ — ١٢٨٩ هه )

مهاڳ، سوانح ۽ ترجمي سان سينگاريندڙ

فقير صوفي سبحان بخش

سجاده نشين خادم درگاه بيدل سائين، روهڙي

ڇپائيندڙ

شاه عبداللطيف ڀٽ شاهه ثقافتي مرڪز

ڀٽ شاهه حيدرآباد سنڌ

١٣٩٦هه/١٩٧٦ع

# پنج گَنج

## عبدالقادر عرف قادر بخش بيدل رحہ

### پيش لفظ

حضرت شاه عبداللطيف رحہ جي رسالي جي هڪ جامع ۽ معياري متن تيار ڪرڻ بابت، سنه 1966ع ۾ بنده راقم، اعزازي سيڪريٽري جي حيثيت ۾ ”شاه عبداللطيف ڀٽ شاه ثقافتي مرڪز ڪاميٽي“ جي آڏو هڪ تفصيلي تجويز پيش ڪئي، جنهن جي مد نظر ڪاميٽي پنهنجي گڏجاڻي مؤرخ 30 سيپٽمبر 1966ع ۾ فيصلو ڪيو تہ پهريائين شاه جي رسالي جي مختلف قلمي نسخن توڙي شاه جي سوانح بابت بنيادي ماخذن کي سوڌي سنواري شايع ڪجي، ۽ ان کان پوءِ رسالي جي معياري متن تيار ڪرڻ جو ڪم هٿ ۾ کنيو وڃي. ڪاميٽي انهي سڄي ڪم جي ذميواري بنده جي حوالي ڪئي.

هن تحقيقي ڪم جا بہ مکيہ پهلو هئا: (1) شاه صاحب جي سوانح بابت اڻ ڇپيل يا اڻاتي ڇپيل ذخيري کي شايع ڪرڻ، جئن تفصيلي سوانح حيات لکڻ لاءِ مواد موجود ٿي سگهي، (2) شاه صاحب جي رسالي جي معياري متن جي مرتب ڪرڻ لاءِ رسالي جي جملي قلمي ۽ ڇپيل نسخن جو پتو لڳائي، انهن کي ڀيٽڻ ۽ شاه جي ڪلام جي لغت ۽ معنيٰ کي سمجهڻ، جئن شاه صاحب جي پيغام کي پروڙي سگهجي.

هن وقت تائين انهن بنهي پهلوئن تي تحقيق ۽ اشاعت کي اڳتي وڌايو ويو آهي ۽ جملي پنڌرهن ڪتاب شايع ٿي چڪا آهن ۽ هي انهي سلسلي جو سترهون ڪتاب آهي، جيڪو شايع ٿي رهيو آهي.

هيءُ ڪتاب شاه جي ڪلام ۾ سمايل معنيٰ ۽ فڪر سان تعلق رکي ٿو. ڀٽائي صاحب جي حياتي ۾ سندس بيتن ۽ واين کي سندس فقيرن، راڳاين توڙي عالمن فاضلن ٻڌو ۽ انهن ۾ سمايل معنيٰ کان متاثر ٿيا. جن ڀٽائي صاحب جي ڪلام کي سهيڙي قلمبند ڪري

’رسالي‘ جي صورت ڏني، تن پڻ معنيٰ ۽ مفهوم کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي. اِهو انهي مان معلوم ٿو ٿئي جو شاه جي رسالي جا قلمي نسخا، جيڪي اسان تائين پهتا آهن، تن مان گهڻو ڪري سيني ۾ ڪن خاص لفظن يا فقرن جي هينان يا پاسي کان حاشيي ۾ انهن جون معنائون فارسي زبان ۾ لکيون ويون آهن. ڪن لفظن جون معنائون البت اوت تي ڪيون ويون آهن ۽ صحيح ناهن، تہ بہ رسالي جي معنيٰ کي سمجهڻ جون اهي اوائلي ڪوششون هيون ۽ انهي لحاظ سان قابل قدر آهن.

جن عالمن فاضلن رسالي جي ڏکين لفظن، اصطلاحن يا فقرن جي ’معنيٰ‘ کان اڳتي وک وڌائي بيتن جي ثابت سٽن، سڄن بيتن، واين جي مصرائن يا سڄين واين جي مفهوم ۽ معنيٰ کي سمجهڻ جي ڪوشش ڪئي، تن مان سڀ کان پهريون غالباً جناب پير محمد راشد صاحب رحہ هو، جن جي ملفوظات ۾ مختلف معنوي نڪات تي شاه جا بيت شاهدي طور آندل آهن. حضرت پير صاحب جن ڀٽائي صاحب جي وفات (1165هہ) کان پنج سال پوءِ سنه 1170 هہ ۾ ڄاوا ۽ سنه 1233 هہ ۾ وفات ڪيائون ۽ انهي لحاظ سان هو ڀٽائي صاحب کي ويجهي ۾ ويجها عالم ۽ ولي هئا، جن ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ سمايل معنيٰ کي مثال طور آندو.

ان بعد موجوده معلومات جي روشني ۾ ائين معلوم ٿئي ٿو تہ ڪم از ڪم ٻن ٻين عالمن ڀٽائي صاحب جي بيتن جي معنيٰ تي غور ڪيو، ۽ خاص طرح قرآن پاڪ، حديث شريف ۽ مولانا جلال الدين رومي جي مثنوي جي روشني ۾ ڀٽائي صاحب جي بيتن ۾ سمايل معنيٰ کي سمجهايو.

فقير قادر بخش بيدل روهڙي ۾، ۽ ميين نور محمد درس، ڳوٺ راڄي خاناڻي (ضلعو حيدرآباد) ۾، اها خدمت سرانجام ڏني.

ميين نور محمد درس، شاه جي رسالي جو نسخو پنهنجي هٿ اکرين لکڻ شروع ڪيو ۽ تاريخ 15 ذوالقعده 1283 هجري تائين ڪلياڻ کان وٺي سر سسئي آبري تائين پهريان نو (9) سر لکي پورا ڪيائين. ان بعد باقي سر سندس پٽ ميان دوست محمد ۽ پوءِ احمد فقير لکي پورا ڪيا. ميين نور محمد رسالو لکندي حاشيي ۾ پنهنجي طرفان نہ فقط ڏکين لفظن جون معنائون لکيون، پر ڪن بيتن جي تصوف جي لحاظ سان تشريح ڪئي ۽

مضمون جي مناسبت سان ڪلام پاڪ جون آيتون، حديثون ۽ مولانا رومي، شيخ سعدي، خواجہ حافظ، شيخ فريد الدين عطار ۽ مولانا جامي جا اشعار شاهدي طور آندا *.

ميين نور محمد درس جي تشريح کان ويهہ سال اڳ سنه 1264 ھ ۾ بيدل سائين پنھنجو ھيءُ ڪتاب لکيو، جنھن ۾ انسان جي سچائي عملي زندگي، اخلاقي بلندي، ذھني ۽ قلبي صفائي، حقيقت جي تلاش ۽ حق جي شناس جي درجي بدرجي چاڙھ موجب 'چاليھہ درجا' چوندي انھن مان ھر ھڪ تي پنجن سرچشمن، بلڪ معرفت جي پنجن خزانن يا گنجن مان دليلن ۽ مثالن سان روشني وڌائين ۽ انھيءَ لحاظ سان ان کي 'پنج گنج' سڏيائين. اھي پنج سرچشما يا معرفت جا پنج خزانا يا پنج گنج، جيڪي پنجن پختن دليلن ۽ طور ھر 'درجي' جي مفھوم ۽ ماھيت کي روشن ڪن ٿا، تن جي وضاحت خود بيدل سائين سندس پنھنجن لفظن ۾ ھن طرح ڪئي آھي:

"پھريون دليل قرآن شريف مان موافقت رکندڙ آيت مبارڪ آھي.
ٻيو دليل صداقت سان ڀرپور حديث شريف آھي.
ٽيون دليل فيض ڀريل مثنوي معنوي جا بيت آھن.
چوٿون دليل وجد ڀريل شاھہ صاحب ڀٽائي جو بيت آھي.
پنجون دليل راھ ھدايت ڏانھن ترغيب ڏيندڙ حڪايت ۽ بيان آھي.

سو مقرر تعداد جي ڪري انھيءَ جو نالو 'پنج گنج' رکيوسون (يعني منجھس پنج گنج سمايل آھن) ۽ پنھنجي طاقت ۽ قوت آھر انھيءَ جي لکڻ جي ميدان ۾ اجتھاد ۽ ڪوشش جي سواريءَ کي ڊوڙايوسون. الله جي آسري ۽ انھيءَ تي ڀروسو آھي، جنھن مان شروعات آھي ۽ ڏانھس ئي انتھا آھي."

انھن پنجن سرچشمن مان ھڪ سرچشمو شاھ صاحب جو رسالو آھي، جنھن مان بيدل سائين طرفان چونڊيل چيدا بيت اعليٰ معنوي حقائق تي شاھد آھن ۽ ڀٽائي صاحب جي سوچ ۽ فڪر جي معيار کي روشن ڪن ٿا. شاھ صاحب جي اعليٰ فڪر کي اجاگر ڪرڻ لاءِ ھن صدي دوران جيڪي ڪجھہ لکيو ويو آھي، ان ۾ علامه آءِ. آءِ. قاضي جن جون تحريرون بين الاقوامي حيثيت رکن ٿيون. انھيءَ ۾ ڪو بہ شڪ ڪونھي تہ قاضي صاحب جن حضرت شاھ صاحب جي فڪر جا وڏي ۾ وڏا ڄاڻو ھئا. اھو ايڏو وسيع موضوع

آهي، جنهن تي هن ڪان پوءِ پڻ سنڌ جا بلڪ دنيا جا عالم سوچيندا رهندا ته نت نيون حقيقتون واضح ٿينديون. مگر شاه صاحب جي بيتن ۾ سمايل معنىٰ ۽ فڪر کي پروڙڻ لاءِ جيڪي پهريون ڪوششون ٿيون، تن ۾ بيدل سائين جو ڪتاب ’پنج گنج‘ معياري حيثيت رکي ٿو.

هن ڪتاب کي بيدل سائين جي خاندان جي هڪ نيڪ مرد ۽ بيدل سائين جي درگاه جي سجاده نشين جناب فقير سبحان بخش صاحب صوفي مهاڳ، سوانح ۽ سنڌي ترجمي سان سينگاريو آهي. اها محنت ۽ محبت ڪيس مبارڪ هجي. بيدل سائين جي سوانح بابت هن کان اڳ پورو تحقيقي ڪم نه ٿيو آهي ۽ انهي ڪري فقير سبحان بخش جيڪي معلومات مهيا ڪيا آهن، سي هن سلسلي ۾ هڪ خاص اضافي جي حيثيت رکن ٿا. آءٌ فقير صاحب جو ممنون آهيان، جو منهنجي ترغيب تي هيءُ ڪتاب حضرت شاه عبداللطيف بابت هلندڙ تحقيق جي سلسلي ۾ شاه عبداللطيف ثقافتي مرڪز ڪاميٽي کي اشاعت لاءِ ڏنائون

حيدرآباد سنڌ خادم العلم

9- فيبروري 1976ع نبي بخش

# مهاڳ

**نحمده و نصلي عليٰ رسوله الڪريم**

**الله تعاليٰ انبياءَ عليهم السلام ۽ اولياءَ ڪرام کي پنهنجي عرفان ۽ قرب سان هن ڪري نوازيو آهي ته بيخبر انسانن کي الله جي عرفان کان واقف ڪن ۽ وڇڙيل ماڻهن کي الله جي قريب ڪري ڪين صبغت الله جي رنگ ۾ رنگين ۽ سندس قرب ۽ عرفان حاصل ڪرڻ جا ذريعا ۽ وسيلا بڻجن. انهيءَ ڪري ئي سندس وجود مبارڪ سروپا رحمت آهي. انهن حضرات منجهان هڪ اهل الله حضرت ”بيدل“ قدس سره به هڪ آهي.**

**جيئن دنيا جي فيلسوفن ۽ سائنسدانن پنهنجي عقل ۽ سوچ سان قدرت جا ڪيئي راز کولي ظاهر ڪيا آهن، جن جي ڏسڻ ڪري ڏندين آڱريون آهن، اهڙي طرح تصوف جي مفڪرن معرفت جي اٿاه سمنڊ ۾ ٽٻي هڻي اهي راز کوليا، جن کي ڏسي نه فقط انسان حيرت انگيز ٿيا پر انهيءَ تان جان فدا ڪرڻ لاءِ تيار ٿي ويا. ۽ حقيقت جي محققن، قدرتي ڪرشمن مان ولايت ۽ عرفان جا اهي راز کولي ظاهر ڪيا آهن، جن جي اڳيان تحت الثريٰ کان عرش اعظم تائين حجاب هٽيو وڃن. فقط حيرت ئي حيرت وڃي رهي. هي درويش به انهن مان هڪ وحدت جو مفڪر هو.**
**انهيءَ جو ثبوت سندس لکيل تصوف جا ٽيويهه (23) ڪتاب آهن، جن مان صرف سنڌي زبان ۾ هڪ ڪتاب ڇپجي ظاهر ٿيو آهي. پر جيڪڏهن سندن سموري تصنيفات اشاعت هيٺ اچي وڃي ته پڙهڻ کان پوءِ خودبخود سندن حال ۽ خيال جي حقيقت نروار ٿي پوندي ۽ ڪنهن جي تشريح ڪرڻ جي ضرورت ئي نه رهندي.**
**بيدل صاحب پنهنجي وقت جو زبردست عالم، عارف ۽ شاعر هو. سندس مذهب سني حنفي هو. سندس طريقو قادريه صوفيه ۽ قلندريه هو ۽ سندس خيال هميشه وحدت ۾ غرق هو ۽ خيال سندس هن ڇهه ديواري کان اعليٰ ۽ بالا هئو. جيئن پاڻ فرمايو اٿس:**

**سني است باعتقاد مذهب**
**صوفي است باتحاد مشرب**
**تن تابع شرع، جان بوجدان**
**بيرون زخيال ڪفر و ايمان**

انهيءَ هاديءَ اعظم جي سوانح حيات جي لکڻ جي خدمت جو شرف حاصل ٿيو آهي، جو شائقن اڳيان لکي پيش ڪئي اٿم.

**لاشي فقير سبحان بخش**
**خادم درگاه عاليه بيدل و بيڪس قدس سرهما**
**روهڙي**

# سوانح حيات

بيدل صاحب جي پڙ ڏاڏي جو نالو ميان عبدالقادر قريشي هو، جيڪو اصل ملتان شهر جو رهاڪو هو. پاڻ قريشي صديقي ۽ غوث بهاوالحق جي گهراڻي سان تعلق رکندو هئو. هو پاڻ واپار ڪندو هو، جنهن ڪري سندس وقت سنو گذرندو هو. پاڻ ظاهري علم جي تحصيل ڪان پوءِ معرفت جي علم ۽ سلوڪ حاصل ڪرڻ جي شوق ۾ اهل الله جي صحبت جي تلاش ۾ رهيو. آخرڪار صوفي سيد جان الله شاهه روهڙائي، جيڪو ملتان روانو ٿي چڪو هو، انجي خدمت ۾ رهڻ لڳو. سندس بيعت ٿي ته ذڪر فڪر جي تلقين وٺي دم جي ڏمال شروع ڪري ڏنائون، حضرت بيدل سندس تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

سيد سادات سلوڪ و صفا
خارق عادات عقول و نها
گل گلستان نبي و ولي
شمع شبستان شهه ڪربلا
جان محمد رضوي بکهري
غوث زمان زبده آل عبا
قادري صوفي مهدي دهر
صاحب ارشاد ڪثير العطا
جان طلب از سال عروجش نمود
مرشد وقت و قطب آمدندا
سنه 1167 هه بمطابق 1754

حضرت بيدل صوفي شاهه عنايت الله ميران پور واري جو تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

شهنشاهي قدم عرش آستاني
همائي عشق قدسي آشياني
زقيد جسم جسماني مقدس
مجسم نور در عالم عياني
وجود لا تعين بي تنزل
شهود ذات بحت و بي نشاني

باسم الله مضافي شد عنايت
برائي اسم بي جسمي چوجاني
چو در ميران پور آمد راس اشرف
بنو شد ماتم اندر خادماني
سر پيوست با جسم مظهر
درون روضہ رشک جناني
چودل سال شهادت جست جان گفت
شهيد حق همو مرشد زماني
سنہ 1130 ھ بمطابق 1717ع

جڏهين ٻيو دفعو 1130 ھ ۾ صوفي شاھ عنايت الله ميران پور واري جي شهادت بعد صوفي جان الله شاھ ملتان روانو ٿي ويو تہ پوءِ ڪجھ ڏينهن بعد جڏهين روهڙي واپس آيو تہ ميان عبدالقادر بہ پوري خاندان سميت پنهنجي وطن کي هميشه لاءِ الوداع چئي، پنهنجي مرشد سان گڏجي روهڙي آيو ۽ پاڻ ريشم باف محلي ۾ هڪ جاءِ خريد ڪري رهڻ لڳو. اها جاءِ جنهن ۾ بيدل صاحب جي موجوده اولاد رهي ٿي، سا جاءِ 1302 ھ ڌاري ڍهرائي نئين نموني تيار ڪيل آهي.

ميان عبدالقادر گهڻو ڪري هر وقت پنهنجي مرشد جي خدمت ۾ گذاريندو هو ۽ آخرڪار مرشد جي خدمت ۾ گذاريندي دارالبقا ڏانهن راهي ٿيو. سندس آخري آرام گاه بيدل صاحب جي درگاھ جي اتر ۾ مولوي عبدالحليم صاحب جي ٽڪريءَ تي آهي.

### ميان عبدالقادر جي اولاد جو احوال

ميان عبدالقادر کي ملتان مان اچڻ وقت بہ نينگر ساڻ هئا:

(1) غلام فريد (2) غلام لطيف
اهي ٻئي پڻ صوفي جان الله شاه جي فرزند صوفي قلندر علي شاه جي صحبت ۾ گذاريندا هئا. اتان فيضياب ٿي معرفت جي منزل ماڻيائون. پاڻ ظاهري ڏنڌو واپار ڪندا هئا. آخرڪار وڃي بقا جو جهان وسايائون. سندن آخري آرام گاھ سندن والد جي پرسان آهي.

حضرت بيدل صوفي قلندر علي شاهہ رضوي جو تعارف هن طرح ڪرايو آهي:

آن ڪريمي ڪه فيض مشحون هی
مسرت بخش جان محزون هی
شه قلندر علي ڪه ارشادش
بحر مواج و رشڪ جيحون هی
در مقامات از مشائخ دهر
آن قلندر سرشت افزون هی
درج توحيد و ڪان معنیٰ را
سخن اوچو درّ مکنون هی
آفتابش باستوا چو رسيد
گفت هاتف ڪه ذات بيچون هی
سن 1187 ھ

**غلام فريد ۽ غلام لطيف جي اولاد**

ميان غلام فريد کي هڪ نينگر ميان محمد محسن نالي هو ۽ ميان غلام لطيف جي نينگر جو نالو ميان بيگ محمد هو هي ٻئي نينگر پڻ وڏن جي دستور مطابق صوفي قلندر علي شاهہ جي وڏي فرزند فتح علي شاهہ عرف جمن شاهہ جي خدمت ۾ گذاريندا هئا.

**سيد عبدالوهاب شاهہ عرف شاهہ شاهان جي روهڙيءَ ۾ آمد**

حضرت صوفي جان الله شاهہ اول پنهنجي خليفي ميان غلام رسول وٽجاري کي وصيت ڪئي تہ ”اسان جي اولاد مان هڪ سجاده نشين اهڙو ٿيندو، جنهن کي فيض جي ضرورت حاصل ٿيندي، تنهن ڪري اوهان ماڻهو سيڙائي روهڙيءَ موڪليندا جيڪو مٿين وصيت جو فرمان سرانجام ڏئي“. آخرڪار ان فرمان جي سرانجاميءَ جو سهرو سيد عبدالوهاب شاهہ پاڳناڙيءَ تي آيو، جنهن کي شاهہ شاهان سڏيو ويندو آهي.

جڏهن شاهہ شاهان روهڙيءَ ۾ وارد ٿيو، تڏهن صوفي جان الله شاهہ اول جي گاديءَ تي مير فتح علي شاهہ عرف جمن شاهہ مسند نشين هو. پاڻ ڪين مودبانہ نموني وصيت جو پيغام پيش ڪيو، پر جمن شاهہ ڪاوڙجي ويو ۽ چيائين تہ ” ڪڏهن ائين بہ ٿيو آهي جو

مريد مرشد کي فيض بخشي اهڙي فيض جي اسان کي ڪا بہ ضرورت نہ آهي“. انهيءَ جواب ملڻ تي شاهہ شاهان اُتي ڪڙو ٿيو ۽ دستور موجب محافي ۾ چڙهي روانو ٿيو تہ جمن شاهہ جي نندي پاءُ جان علي شاهہ ڊوڙي وڃي صوفي شاهہ شاهان جي محافي کي ڪلهو ڏنو. صوفي شاهہ شاهان محافو جهلائي نينگر کان نالو دريافت ڪيو، جنهن جواب ۾ چيو تہ ”منهنجو نالو آهي جاني“ پاڻ فرمايائين تہ:

”واهہ واهہ جاني آيا- جاني دا مٽ نهين ڪوئي ثاني“

پوءِ پاڻ محافي کان لهي فيض عطا ڪيائين ۽ وصيت جو بار ادا ڪيائين.

مٿيون صورتحال فقير محمد محسن ۽ فقير بيگ محمد جي روبرو ٿيو. انهيءَ ڪري محمد محسن صاحب آداب بجا آڻڻ کان پوءِ صوفي شاهہ شاهان کي دعوت ڪري پنهنجي گهر جي لڳ مسجد جي حجري ۾ رهائڻ لڳو ۽ هر قسم جي خدمت سرانجام ڏيڻ لڳو ۽ فيض برڪت حاصل ڪندو رهيو. صوفي شاهہ شاهان انهيءَ حجري ۾ ڇهہ مهينا رهيو ۽ وعظ ۽ فيض جي تلقين ڪندو رهيو. اڪثر هرشام جو وعظ اتي ٻيهي ڪندو هو، سندس وعظ موثر ۽ فيض پريوهوندو هو. سندس وعظ ۾ ايترو اثر هو، جو مسجد جي ٻاهران جيڪڏهن راهہ گذر ماڻهوءَ جي ڪن تي سندس وعظ جو آواز پهچندو هو تہ اهو ماڻهو سندن وعظ ٻڌڻ کان سواءِ اڳتي وڌي نہ سگهندو هو. انهيءَ ڪري مسجد جو نالو ئي ”وعظ واري مسجد“ پئجي ويو. انهيءَ عرصي ۾ صوفي جان علي شاهہ کي سلوڪ طئي ڪرائي ۽ فيض سان پرپور ڪري، پنهنجي نياڻيءَ جو ساڻن نڪاح ڪرائي، پوءِ پاڻ ياڳناڙيءَ روانو ٿي ويو.

ياڳناڙيءَ رواني ٿيڻ وقت فقير محمد محسن ۽ فقير بيگ محمد کي خلافت عطا ڪري، اها وصيت ڪيائين تہ ”هميشه جان علي شاهہ جي خدمت ۾ رهجو“ ۽ هيٺيون شيون تبرڪ طور ڏنائين:

1- تاج مبارڪ
2- گودڙي مبارڪ (گيڙو رتل)
3- هڪ بيت: ميءِ که خوردم ببلد بهاگ بلوچ
نشه در لوه ري نمود تمام

اهي شيون هن وقت بہ موجوده سجاده نشين فقير صوفي سبحان بخش وٽ موجود آهن.

تبرڪات جي ملڻ وقت خليفہ محمد محسن، شاھ شاھان جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: قبلا! نيڪ نينگر عطا ٿئي. پاڻ هٿ کڻي دعا گهرڻ کان پوءِ فرمايو تہ ”انشاءَ الله تعالىٰ اوهان کي نر نينگر عطا ٿيندو.“

## وصيت جي ترتيب جو سلسلو

ميان غلام رسول وڻجارو اصل خراسان جو وينل هو ۽ واپار سانگي روهڙي اچي نڪتو. صوفي مير جان الله شاھ جي ذڪر فڪر جي تلقين ورني، ڪجھ ڏينهن کان پوءِ سمورو سامان وڪڻي مرشد جي خدمت ۾ رهي پيو. سلوڪ ۽ فيض حاصل ڪرڻ کان پوءِ ڪين وطن ورڻ جي اجازت ملي، پر مٿي بيان ٿيل وصيت ڪيائين. پوءِ پاڳناڙيءَ ۾ سندس رهڻ جو سبب بڻجي پيو، انهيءَ ڪري وصال ڪرڻ وقت پنهنجي خليفي غلام محمد پاڳناڙيءَ واري کي وصيت ڪيائين تہ ”اوهان جو هڪ مريد سيد عبدالوهاب شاھ فيضياب ٿيندو، اُن کي روهڙيءَ ڏانهن وصيت جي سرانجاميءَ لاءِ موڪلجو.“

## ميان عبدالقادر عرف بيدل جي ولادت جو احوال:

شاھ شاھان جي دعا کان پوءِ فقير محمد محسن کي 1230 ھ ۾ هڪ نينگر تولد ٿيو. اُن وقت پاڻ صوفي جان علي شاھ جي صحبت ۾ وينو تہ ڪيس دائيءَ وڃي اطلاع ڏنو تہ سائين جن کي مبارڪ هجي، جو اوهان کي جمندي ڳالهائيندڙ هڪ نينگر ڄائو آهي، پر هڪ پير کان ڪجھ مندو آهي“. تنهن تي صوفي جان علي شاھ فرمايو تہ ”اهو مندو نہ آهي. پر روهڙيءَ جو جهندو آهي“.يعني مشهور معروف اهل الله ٿيندو. ائين چئي خليفي صاحب کي مبارڪ ڏنائين.

دائي جمندي ڳالهائڻ جي باري ۾ هيءُ ٻڌايو تہ نينگر جي ناڙي وڍڻ لاءِ ڇري ڳوليائين ٿي تہ نينگر ڇري جو ڏس پاڻ ڏنو آهي (معلوم ٿئي ٿو تہ بيدل صاحب جمندي جام هو). خليفي محمد محسن پنهنجي نينگر جو نالو ” عبدالقادر“ رکيو، پر پاڻ جڏهين وڏا ٿيا تہ محبوب سبحاني جي اسم گرامي سبب پاڻ کي ”قادر بخش“ بہ سڏائڻ لڳا.

## خليفي محمد محسن جي وفات

هڪ دفعي خليفو محمد محسن دستور مطابق فجر نماز تي صوفي جان علي شاھ جي خدمت ۾ آيو. نماز بعد صوفي صاحب کي غمگين ڏسي عرض ڪيائين تہ ”قبلا! ڇا ڳالھ آهي، جو اوهان جي طبيعت تي سخت ملال آهي ۽ صاحبزادي علي اڪبر جي طبيعت ڪيئن آهي؟“ صوفي صاحب وراڻيو تہ ”نينگر علي اڪبر شاھ جي طبيعت سخت ناچاڪ آهي“. تنهن تي خليفي محمد محسن چيو تہ ”قبلا! اجازت ملي تہ سمورو احوال معلوم ڪجي“. صوفي صاحب اجازت ڏني تہ پاڻ ڪچهري ڇڏي گهر هليو ويو.
ٻئي ڏينهن خليفو محمد محسن فجر نماز تي آيو ۽ نماز ادا ڪرڻ کان پوءِ عرض ڪيائين تہ ”قبلا! گذريل رات لوح محفوظ جو معائنو ڪيو ويو، نينگر جي عمر ختم ٿيل هئي ۽ بنده جي عمر اجا ٻارهن (12) سال باقي هئي، تنهن ۾ هڪ سال بيماريءَ جو، باقي 11 سال صحت سلامتي جا هئا: سو هڪ سال بيماريءَ وارو پنهنجي لاءِ جهليو مون، باقي يارهن سال نينگر جي نالي داخل ڪيا اٿم. خدمت قبول پوي ۽ اميد تہ قبول پوندي“. صوفي جان علي شاه اهو ٿي دفعا پڇيو تہ ”اوهان پنهنجي رضا ۽ خوشيءَ سان ڪيو آهي؟“پاڻ چيائين تہ ”قبلا! هائو“. پوءِ خليفي محمد محسن گهر وڃڻ جي اجازت گهري ۽ گهر وڃي بستري داخل ٿيو ۽ پورا ٻارهن مهينا بيمار رهيو، سال 1259 ھ ۾ رحلت ڪيائين: ۽ سيد علي اڪبر شاه پورا يارهن سال زنده رهيو، جنهن عرصي ۾ مٿي ۾ سور بہ نہ پيو.

سيد علي اڪبر شاه جي وصال جي تاريخ بيدل صاحب هن طرح سان بيان ڪئي آهي:

چون علي اڪبر شه والا گهُر
صوفي و رضوي نجيب و نامور
صاحب سجاده سلک قادري
شجره حسنين را نيکو ثمر
ره برون جسته ز قالب عنصري
در هوائي لا مکان بکشاد پر
تافت بر ديوار نور از آفتاب
باز قرص آفتابش شد مقر
گفت تاريخ وصالش هاتفي
قد ولق عند المليک المقتدار
سنہ 1270 ھ

جڏهين خليفو محمد محسن صاحب 1259 هه ۾ وصال ڪري ويو ته صوفي جان علي شاھ پنهنجي درگاھ ۾ خليفي صاحب ڪي اهڙي هنڌ رکايو، جو هن وقت صوفي جان علي شاھ جي بلڪل قدمن ۾ موجود آهي. خليفي صاحب بابت بيدل صاحب جا ارشاد:

هو ويچارن واهرو، مساڪينن ماڻ
يمحوالله مايشاءُ و يثبت، آڏوتين اُهڃاڻ
ڪڍ ٿهين جي ڪاڻ، ته وسئون ڪي ويجهو ٿئين.

---

هو ويچارن واهرو، مسڪينن ملجاءِ
وجي آڳهه اُن جي، سور سپيئي سلجاءِ
تنهن ريتيءَ سان رلجاءِ، جا پٽي پرين جي پيرن ۾.

---

هو ويچارن واهرو، يتيمن ياور
ترت رسن تک تار ۾، دانا دلاور
اهڙا اَڪابر، ماندن لئي مولئ مڪا.

---

هو ويچارن واهرو، شارڪ ڇڏ تون شڪ
هاهوتي ٿيا حق، نالي آهن آدمي.

## خليفي بيگ محمد جي اولاد جو احوال

خليفي بيگ محمد کي سنه 1248 هه ۾ فقط هڪ فرزند تولد ٿيو، جنهن جو نالو عبدالله هو. ڪيس ظاهري علم جي تعليم ڏياري وڏو عالم ۽ فاضل ڪيائين، جنهن هڪ وقت پنهنجي گهر جي لڳ اوطاق ۾ مدرسو قائم ڪيو، جنهن ۾ بيدل صاحب جو فرزند محمد محسن عرف بيڪس، سيد ويڏل شاھ ۽ قاصي غلام حيدر وغيره شهر جا ڪافي معزز حضرات پڙهي وڏي علم جا صاحب ٿيا. انهيءَ ڪان سواءِ سلوڪ ۽ فقيري جي تعليم ۽ تلقين بيدل صاحب ڪان وٺي معرفت جو مقام حاصل ڪري رباني عالم ٿيو. انهيءَ ڪان پوءِ بيدل صاحب پنهنجي نياڻي "پرور ڏني" ڪيس نڪاح ڪري ڏني، جنهن مان هڪ صاحبزادي تولد ٿي پر ڪجهه وقت گذرڻ بعد سنه 1282 هه ۾ بيبي پرور ڏني رحلت ڪري وئي. سندس مزار بيدل صاحب جي درگاھ تي هڪ تجر جي اندر آهي.

## خليفي بيگ محمد جي محويت جو هڪ مثال

هڪ دفعي دستور موجب سياري جي موسم ۾ پنهنجي اوطاق ۾ باهه ٻاري ويٺو هو. تان جو ڪيس محويت ۽ استغراق ٿي ويو. انهيءَ حالت جي ڪري سندس وارن ڪي اچي باهه لڳي پر ڪيس ڪا به خبر ڪا نه رهي. جڏهن وارن جي سڙڻ جي بوءِ سندس فرزند فقير عبدالله ڪي ڪوٺيءَ جي ٻاهرين حصي ۾ پهتي ته جلد اُٺي اُها باهه وسائڻ لڳو ته خليفو صاحب چوڻ لڳو ته: ابا ڇا آهي؟ ٻڌايو ويو ته :قبلا! وارن ڪي باهه لڳي هئي. سنه 1272 هه ۾ پاڻ انتقال ڪري ويو، سندس مزار به سيد صوفي جان الله شاه جي درگاه تي خليفي محمد محسن صاحب جي لڳ آهي.

## فقير عبدالله جي اولاد جو احوال

فقير عبدالله سنه 1287 هه ۾ ٻي شادي ڪئي، جنهن مان به نينگر تولد ٿيا: پهريون (1) بيگ محمد 1290 هه ۾ ۽ ٻيو (2) غلام اللطيف 1295 هه ۾.

فقير عبدالله پنهنجي وڏي پٽ ڪي سنڌي تعليم ڏياري. تان جو ميان بيگ محمد پرائمري ماستر ٿيو. ننڍي پٽ سنڌي تعليم سان گڏ عربي ۽ فارسي تعليم حاصل ڪري، سڄي زندگي فقيري خيال ۽ راڳ ويراڳ ۾ گذاري. انهيءَ ڪان سواءِ جهوڪ شريف جي سجاده نشين صوفي عبدالستار ڪان زباني راه وني، سيد رڪيل شاهه ۽ نصير فقير جو پير پائي ٿي، دم جي ڌمال ڏنڻ لڳو. فقير عبدالله جي انتقال جو جڏهن وقت قريب آيو ته دستور موجب فجر نماز لاءِ سرديءَ جي موسم ۾ اُٿي ٻاهر نڪتو ته ڪيس سرديءَ جي سٽ آئي ۽ انهيءَ بيماريءَ ۾ سنه 1301 هه ۾ رحلت ڪيائين. سندس مزار بيدل صاحب جي مزار جي لڳ ڪٺهڙي جي اندر آهي ۽ سندس مزار تي هي نظم لکيل آهي:

## نظم

وه معلم و فقير حق آگاه

(عجيب قسم جد استاد ۽ حق ڪان باخبر فقير هو)

گل گلزار فيض عبدالله

(عبدالله فيض جي باغ جو گل هو)

یوم یک شنبه بیست و پنجم
(آچر ڏينهن پنجويهين تاريخ)
کرد رحلت بجنب باغ ارم
(رحلت ڪيائين باغ ارم ڏانهن)
سنہ 1301 ھ

**فقير قادر بخش عرب بيدل جي اولاد جو احوال**

فقير بيدل صاحب پهرين شادي پنهنجن عزيزن مان سنہ 1257 ھ ۾ ڪئي، جنهن مان فقط هڪ نياڻي تولد ٿي، پوءِ ڪجهہ وقت گذرڻ بعد حرم گذاري ويا. ٻي شادي سنہ 1271 ھ ۾ ڪيائين، جنهن مان ٽي پٽ تولد ٿيا:

(1) **محمد محسن عرف بيڪس** 26 **جماد الثاني** 1275 ھ ۾ (2) **محمد فريد** 23 **جماد الاول** 1277 ھ ۾ (3) **خدا بخش جيڪو ننڍي هوندي ئي گذاري ويو.**

**فقير محمد محسن عرف بيڪس جي اولاد جو احوال**

بيدل صاحب جا ٻہ نينگر محمد فريد ۽ خدا بخش ننڍي عمر ۾ ئي رحلت ڪري ويا، باقي فقير محمد محسن عرف بيڪس 1138 ھ تائين ظاهري علم فقير عبدالله کان حاصل ڪيو ۽ معنوي علم ۽ سلوڪ پنهنجي والد بيدل صاحب کان پرايو. جڏهن پاڻ تيرهن سالن جو ٿيو، تڏهين سندس والد فقير بيدل صاحب سنہ 1289ھ ۾ رحلت فرمائي ويو تہ ڪيس سورن اچي سيهو ڪيو. جيئن پاڻ فرمايو اٿس تہ:

ماهي مئن نون بخش ڏکان دا ڏاج
روئيندي پٽيندي مئن رين گذاري
بابل مائي مئن جيئري ماري
جيوين رانجهن چوڙيا راج

انهيءَ ڪري جسم کي جوشون جلائي جيءَ ۾ جهاتڙيون پائڻ لڳو. رات جو گهر ڇڏي مولوي عبدالحليم صاحب جي ٽڪريءَ تي دم جي ڌمال جي ڌن مچائڻ لڳو ۽ ڏينهن جو رنگين ڪپڙا پهري شهر جون گهٽيون گهمڻ لڳو. جڏهين سندس عمر سترهن سالن جي

ٿي، تڏهن فقير عبدالله کي خيال آيو ته نينگر کي شادي ڪرائجي ته سندس طبيعت مان جوش گهٽجي ۽ قرار اچي، سو صاحبزادي کي شاديءَ لاءِ چيائين پر هن صفا انڪار ڪري ڇڏيو. تنهن تي سيد رسول بخش شاهه بڪار وارو هڪ ٻيو سيد نامعلوم ۽ ٽيون پيائي ڪشنچند پير ڳوٺ وارو اهي ٽيئي بيدل صاحب جا پيارا مريد هئا. عبدالله فقير انهن ٽنهي تي زور رکيو ته ڪنهن طرح سان صاحبزادي کي شادي ڪرڻ لاءِ مڃايو. آخرڪار پنهنجي سالي سندس نڪاح ۾ ڏنائين. پر درد جي دونهين ڪيس فرصت نٿي ڏني جو شادي ڪرڻ مان جو مقصد آهي سو ٿئي. انهيءَ ڪري فقير عبدالله وري ٻيهر بيڪس سائين ڏانهن مٿين ٽنهي چٽن جي ميڙ موڪلي، جن وڃي عرض ڪيو ته ”قبلا! شادي ڪرڻ مان مطلب آهي ته اولاد پيدا ٿئي، سو مهرباني فرمايو ته جيئن اوهان جو نينگر اڪين سان ڏسون.“ پاڻ مشڪي چوڻ لڳو ته ”چاچا ڏاڍو زورآور آهي! اسان کي ته نينگر ڄائو آهي“ تعجب مان پڇڻ لڳا ته ”قبلا! اهو نينگر ڪهڙو آهي؟“ فرمايائون ته ”چاچا جو وڏو پٽ بيگ محمد چاچا جو آهي ۽ سندس ننڍو پٽ فقير غلام لطيف اسان جو آهي.“ اهو ٻڌي سڀ خاموش ٿي ويا.

انهيءَ کان پوءِ فقير صاحب نينگر تي شفقت جي نظر رکڻ لڳو ۽ لب مبارڪ سندس منهن ۾ وڌي، انهيءَ ڪري سيني مريدن ۽ معتقدن جون نظرون نينگر ڏانهن کپي ويون. جڏهين فقير محمد محسن عرف بيڪس سنه 1298 هه ۾ رحلت فرمائي ته تڏهين دستور موجب ٽئين ڏينهن تي وعظ واري مسجد ۾ فقير بيڪس صاحب جي دستار فقير غلام اللطيف کي ٻڌائي وئي. هيءَ دستار سيد وڏيل شاهه ٻڌائي، جو اُن وقت مسجد ۾ موجود هو. فقير غلام اللطيف پندرهن سالن تائين ته عربي، فارسي ۽ سنڌيءَ جي تعليم ۾ گذاريو، انهيءَ کان پوءِ ميران پور جي سجاده نشين صوفي عبدالستار کان رباني راه وٺي ذڪر فڪر ۽ دم جي ڌمال ۾ گذارڻ لڳو. سيد رکيل شاه ۽ نصير فقير جلالاڻي سندس پير پائي هئا.

انهيءَ کان پوءِ کيس آواز ڪلام ڪرڻ جو شوق ٿيو، انهيءَ ڪري ٽولو ٺاهي هر روز شام جو بيدل صاحب جي درگاهه تي آواز ڪلام ڪرڻ لڳو ۽ پنهنجي شعر ۽ ڪلام ۾ پنهنجو تخلص ”مسڪين“ رکيائين. مشهور ڳائيندڙ ”لعلو“ ۽ ”منو“ سندس شاگرد هئا. کيس پنج فرزند هئا: (1) داتا بخش (2) حيدر بخش (3) مهدي بخش (4) سبحان بخش (5) سردار بخش.

فقير غلام اللطيف انتيهن سالن جي عمر ۾ 23 ربيع الثاني جي سنه 1333 ھ ۾ رحلت ڪئي. سندس مزار بيدل سائين جي ڏاڪڻي ٿلهي تي آهي ۽ سندس مزار جي تختيءَ تي هي فارسي نظم لکيل آهي:

پُر نور فقير از زمره فقرا بود
(اهو نور ڀريو فقير، فقرا جي ٽولي مان هو)
خوش طبع و خوش خلق و مسڪين بود
(خوش طبع، خوش خلق ۽ مسڪين هو)
آن منظور نظر فقير محمد محسن بود
(اهو فقير محمد محسن جو منظور نظر هو)
فرزند آن و سرگروه فقرا بود
(سندس فرزند ۽ فقراءَ جو سرگروهه هو)
تاريخ آن از هاتفه پرسيدم و گفت
(انهيءَ جي تاريخ هاتف کان پڇيم ته چيائين)
آن هادي خوش رو از لطيف بود
(اهو خنده پيشاني هادي، لطيف کان هو)

شجره سبحانيه

## فقير قادر بخش "بيدل" جو احوال

### تعليم

فقير صاحب جي ولادت سنه 1330 ھ ۾ ٿي. (سندن ولادت جو احوال صفحي 21 تي ڏسڻ گهرجي.) ننڍپڻ کان ئي ذهين ۽ بلند خيال هئا، انهيءَ ڪري جڏهن عمر جا پنج سال پورا ٿيا ته 1236 ھ ۾ ڪين تعليم حاصل ڪرڻ لاءِ تعليم گاهہ ۾ وهاريو ويو. انهيءَ کان پوءِ سندن والد صاحب بہ وقت بہ وقت پنهنجي نينگر کي تعليمي نڪتن ۽ تصوف جي اسرارن کان واقف ڪندو رهيو. تنهنڪري ستن ورهين جي عمر ۾ ئي برڪ ۽ بيمثال تعليم يافتہ ٿي پيو، ۽ تقويٰ ۽ طاعت، ورد ۽ وظائف جي شغل ۾ رهڻ لڳو.

### تلقين

سندن والد صاحب سنه1243 ھ ۾ صوفي جان علي شاھ وٽ سندن بعيت ڪرائي، ذڪر فڪر جي تلقين ڪرائي. انهيءَ ڪان پوءِ ڪهڙي ذڪر فڪر ۾ لڳي ويا ۽ ڪهڙي جوش مان جيرا جلائڻ لڳا، اهو صورتحال هن طرح سان بيان ٿيل آهي:

ذال ذڪر دي نال اُنائين ساھ پساھ سدائي
ٻاجھ ذڪر دي جا ئي گذري سا سپ عمر اجائي
فاذڪروني اذڪرڪم سڻ رانجهن راه بتائي هوئي صفائي

---

يي ياد مولىٰ دي وچ نت رهين ٻاجھ ذڪر نہ دم اُناوٽاهي
نال فڪر فنا دي راتيان ڏينهان خيال ٻڌ خودي نو گواوٽا هي
در پير منان دا متان چوڙين، اهين خاڪ دي نال رل جاوٽا هي
بيدل مرشد جڏان وت مهر ڪري، تڏان مطلب ڪلي پاوٽا هي

---

دم دي سرت سنڀال رکين، دم هي اسرار الاهي دا
دم دي نال تون جوشون جالين، دم دي وچ دوئي نون ڳالين
دم نون بيخود هوڪي پالين، ويکين نور صفائي دا
دم دي سرت سنڀال رکين، دم هي اسرا الاهي دا

---

فڪر نفي اثبات ڪسي دن، مار ڪي ڦر جيوا ويگا
”لا اِللهٰ“ دي شيشي ڪولون، ماهي مک وکلاويگا
”بيدل“ مطرب عشق دا آخر، گيت اناالحق ڳاويگا

---

جوشون جلائي جسم ڪي جيءَ ۾ ڪي پائج جهاتڙيون
ريءَ درد سپ ڳالهيون ڦڪيون وهوا برھ جون باتڙيون
جي تو طلب تڪرار آ گوندر گذارج راتڙيون
تو سر سگهو ٿينديون ادا بيشڪ برھ برساتڙيون

---

نحو و فقه سی میري خاطر ملول هی
کسب- فنا مین کوشش کرتا هون اور بس

”بيدل“ نہ ھو درد کلآ درياءَ مين اتنا غرق
مين بھي تيري خيال مين رھتاھون اور بس

---

يا رب دوئي کی سی مجکون فراغ بخش
وحدت کي ميکدہ سی لبالب اياغ بخش
اندھارلآ مين پڑا ھون مين کثرت کی وھم سی
وحدانيت کی لطف سون روشن چراغ بخش

ازانسواءِ رسالت ماب جي درگاھ ۾ ھيٺين التجا اکثر کندا رھيا:

مين ھون پابند کثرت مين اغثني يا رسول اللہ
پڑا ھون چاہ ظلمت مين اغثني يا رسول اللہ
بھت بدکار ھون ليکن صبح اور شام رکھتا ھون
نظر تيري شفاعت مين اغثني يا رسول اللہ
گنھگاران کي حالت پر نھين ھر گز کوئي مشفق
سوا تيري قيامت مين اغثني يا رسول اللہ
تيری ديدار سی ابتک نہ ھون فائز کہ رھتا ھون
نفس اپني کي شامت مين اغثني يا رسول اللہ
لطائف سب ميری اپنی نظر رحمت سی زندہ کر
پکڑ لی ھاتھ غفلت مين اغثني يا رسول اللہ
سلوک راہ عرفان ميری پر في الفور آسان کر
مين ھون عاجز مشقت مين اغثني يا رسول اللہ
نھين کوئي رھنما ”بيدل“ مسکين بی سر وپاکا
تيری بن راہ- وحدت مين اغثني يا رسول اللہ

انھيءَ ڏن ۽ ڏيان ۾ ۽ اللہ وارن جي درگاھن تي مراقبا کندي برابر ٽي سال گذري ويا. انھيءَ ھوندي بہ تعليم ۾ کو ناغو نہ پيو. انھيءَ زماني ۾ ھڪڙي وقت مخدوم شاھ حيدر حقانيءَ جي درگاھ روھڙيءَ تي ٽي راتيون رھيا، جنھن جي وصال جو سنہ فقير بيدل صاحب ھنن لفظن ۾ فرمايو آھي:

شاهہ حيدر کہ هست غوث زمان
هادي فيض بخش عالمان
سال معراج او خرد مي جست
گفت دل شکل مصطفیٰ است بدان
1039 ھ

پهرين ۽ ٻي رات خواب ۾ ڏٺائون تہ هڪ نوراني شکل واري کين ارشاد فرمايو تہ ”اوهان جي امانت اسان وٽ آهي.“ آخر ٽين رات فقير صاحب عرض ڪيو تہ: قبلا! اوهان ڪٿي جا آهيو؟ ارشاد ٿيو تہ”آءٌ لعل شهباز سيوهڻ جو آهيان.“
سيوهڻ شريف جو سفر: فقير صاحب لعل شهباز جي ڏس ملڻ بعد خواب جي حالت ۾ ئي روهڙي دريا جي ”حاجي ٽڙ“ ڏانهن سيوهڻ شريف وڃڻ لاءِ روانا ٿيا، جتان انهيءَ زماني ۾ ٻيڙا سيوهڻ ۽ ڪراچي تائين ويندا هئا. پر جڏهين اُتي پهتا تہ ٻيڙو ڪنارو ڇڏي اڳتي نڪري ويو هو. پاڻ اهو ڏسي غمگين ٿي ويهي رهيا تہ اوچتو هڪ نوراني شکل واري شخص کين مٿي ڪٺي ٻيڙي ۾ ويهاري ڇڏيو، فقير صاحب انهيءَ درويش کان نالي جي پڇا ڪئي تہ جواب مليو تہ آءٌ سيد عبداللطيف آهيان، تان جو اک کلي وئي. ان وقت سندن عمر 15 سال هئي.
سندن شاهہ صاحب جي باري ۾ فرمايل اظهار – عقيدت هن طرح سان آهي:

مرشد وقت سيد السادات
مظهر جلوهائي غيب شهود
شاهہ عبداللطيف کز لطفش
طالبان مير سند بامقصود
ساقي بزمہ عشق و محفل درد
اولين نور آخرين بنمود
پيشوائي موحدان که رهاند
سالکان را کلامہ او زقيود
عرش و کرسي زوجد او در چرخ
آسمان پيش مسجد او بسجود
فيض بخش- جهان در ايامي

كس بمثلش نديده و نشود
سال وصلش سروش غيبي گفت
شاهہ شاهان عشق وجد وجود
سنه 1165 ھ

صبح ٿيڻ تي پاڻ دريا جي ”حاجي تڙ“ تي پهتا ۽ ڏٺائون تہ راتوڪي خواب موجب ٻيڙو ڇٽي ويو آهي. خيال آيتن تہ رات شاهہ صاحب وڏا قرب ڪيا، هاڻي ڏسجي تہ ڪهرو ٿو سبب ٺهجي تہ اوچتو هڪ زميندار گهوڙي تي چڙهي اچي ويو ۽ ننڍي ٻيڙيءَ تي سوار ٿي وڏي ٻيڙي ڪي وجي پهتو. زميندار سان گڏ فقير صاحب بہ ٻيڙيءَ تي سوار ٿيا.

وڏي ٻيڙي هلندي هلندي هڪ هنڌ لنگر هنيون، تنهنڪري سيئي ٻيڙي وارا هيٺ ٻيٺ تي لهي ماني کائڻ لڳا. فقير صاحب ٻيڙي تي ئي ويهي رهيو. تان جو هڪ نوراني صورت درويش ظاهر ٿيو، جنهن جي هٿ ۾ ماني ۽ کير هو سو فقير صاحب جي اڳيان رکيو، فقير صاحب ماني ۽ کير کائي ٿانو واپس ڪري عرض ڪرڻ لڳا تہ پنهنجي نالي کان واقف ڪريو، وراڻي ملي تہ ” آءُ خواجہ خضر آهيان“، ائين چئي غائب ٿي ويو. اهو صورت حال موجود ماڻهو ڏٺو تہ حيرت ۾ پئجي ويا ۽ سيوهڻ شريف جي پهچڻ تائين هرڪا خدمت سرانجام ڏيڻ لڳا.

فقير صاحب سيوهڻ شريف جي پتڻ تان لهي سڌو قلندر شهباز جي درگاه ڏانهن روانا ٿي ويا. جڏهن درگاه جي ٻاهرئين دروازي وٽ پهتا تہ ”سوره مزمل“ جي تلاوت شروع ڪري درگاه شريف ۾ داخل ٿيا. داخل ٿيندي ئي مٿن مدهوشي طاري ٿي وئي ۽ انهيءَ حالت ۾ برابر ست ڏينهن ۽ اٺ راتيون درگاه ۾ محو ۽ مدهوش پيا رهيا. خادمن ڪافي زور لڳايو تہ فقير صاحب کي درگاه کان ٻاهر ڪجي پر ڪو بہ حيلو هلي نہ سگهيو، تنهنڪري انهيءَ حالت ۾ ئي ڇڏي ڏنائون. انين ڏينهن جيئن اک کلي تيئن پاڻ ۾ قلندري رنگ جون صفتون ۽ جوش جلال ڏٺائون. انهيءَ ڪري ڪين لعل شهباز جون اهي سڀ ٻوليون ڳالهائڻ آسان ٿي پيون، جيڪي قلندر شهباز ڄاڻندو هو. فقط سنڌي مادري ٻوليءَ تي ٻنجو اچي ويو، تنهنڪري سنڌي زبان ڳالهائڻ جي جاءِ تي ٻيءَ ڪنهن ٻوليءَ ۾ جواب ڏيندا هئا. انهيءَ وقت وجد جي حالت ۾ هي شعر چوڻ لڳا.

میرا مرشد مکمل ھی قلندر

حسيني حيدري سلطان سرور
قلندر چون محمد رهنما هی
قلندر چون علي مشڪل ڪشا هی
قلندر نور حسن المجتبیٰ هی
قلندر نسل شاھ ڪربلا هی
ميرا مرشد مڪمل هی قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور
قلندر آفتاب اوليا هی
قلندر مظهر سر صفا هی
قلندر صورت شير خدا هی
قلندر محض ذات ڪبريا هی
ميرا مرشد مڪمل هی قلندر
حسيني حيدري سلطان سرور
”بيدل“

فقير صاحب فنا في القلندر ٿي، قلندري فيوضات ۽ جلالي انوار ۾ رڱجي لعل ٿي نڪتا ۽ دل دلبر کي ڏيئي ”بيدل“ بڻجي پيا. ڪجھ ڏينهن کان پوءِ قلندريہ دربار ۾ عرض ڪيائون تہ: قبلا!

تن تابع شرع، جان بوجدان
بيرون ز خيال ڪفر و ايمان
(يعني: ظاهر هر شريعت جي حد اندر هجي ۽ باطن لا مڪان تي)

جو عرض قبول پيو ۽ اُن سان گڏ ارشاد ٿيو تہ ائين ٿيندو پر هتان ”پير ڳوٺ“ سيد رشد الله شاھ وٽ وڃجو ۽ ان کان پوءِ ”پريان لوءِ“ مخدوم محمد اسماعيل وٽان ٿي پوءِ روهڙيءَ وڃجو. انهي فرمان مطابق سڌو پير ڳوٺ آيا ۽ اچي مسجد شريف ۾ ويٺا. ان وقت معلم سيد علي گوهر شاھ کي مثنوي جا ڪجھ سبق پڙهائي رهيو هو. فقير صاحب ڪجھ اڳير وڌي اُنهن بيتن جي شرح ڪرڻ لڳو، جن بيتن جي معنیٰ نينگر کي سمجھ ۾ نٿي آئي ۽ اهڙي تہ سيلس نموني ۽ موثر نموني ۾ سمجهايائون، جو نينگر کي سمجھ

۾ اچي ويو. انهيءَ ڪري استاد ۽ شاگرد جو رخ فقير صاحب ڏانهن ويو ۽ ڪين محبت ڏيڻ لڳا.

جڏهين صاحبزادو فارغ ٿيو تڏهين پنهنجي والد صاحب کي عرض ڪيائون تہ: هن قسم جو فقير آيو آهي، سو مون کي اجازت ڏيو تہ جيترا ڏينهن هتي آهي، اوترا ڏينهن مان وٽس پڙهان. سندس والد صاحب فرمايو تہ: ان فقير کي مون وٽ وٺي اچ. جڏهين فقير صاحب کي عرض ڪري پير صاحب وٽ وٺي ويا تہ ڏسندي ئي فرمايائون تہ "رات هي فقير اسان سان مليو هو." پٺ کي چيائون تہ "توهان ان فقير وٽ پلي پڙهو، هي اسان جو معزز مهمان آهي."

پوءِ جيترا ڏانهن فقير صاحب اُتي هئا تہ نينگر کي پڙهائيندا رهيا. انهيءَ نينگر وڏي هوندي پنهنجو تخلص "اصغر" رکيو. فقير صاحب پنهنجي ڪتاب ۾ علي گوهر جي تاريخ هن طرح لکي آهي:

جناب پير علي گوهر آن ڪريم رشيد
چو رمز اِرجعي از پرودگاه راز شنيد
گزاشته جسم دربن واگاه ناسوتي
بسوي گلشن لاهوت مرغ جانش پريد
بسوي اصل خود آردر جوع هر چيزي
به بحر وحدت آن قطره سفر رسيد
بتافت رخ ظهورات آن سراپا نور
بقاف معنیٰ سيمرغ وش نهان گرديد
دلم چو سالش بجست هاتف گفت
به آفتاب به پيوست نور حيّ وحيد
سنه 1268 هه

پير ڳوٺ ۾ ڪجهہ ڏينهن رهڻ ڪري سندن جلال ۽ جذبو سمائجي ويو. ان کان پوءِ پريالوءِ روانا ٿي ويا. مخدوم محمد اسماعيل جي زيارت کان پوءِ شريعت جي اتباع جو شوق پيدا ٿيو. ان بعد پاڻ روهڙيءَ ۾ اچي پنهنجي والد صاحب جي خدمت ۾ قدم بوس ٿيا. ٻئي ڏينهن فقير صاحب پنهنجي والد جي فرمان موجب سکر مولانا عبدالرحمان وٽ

پڙهڻ ويا تہ سهي، پر جوش ۽ جلال ڪري اڳتي پڙهي ڪونہ سگهيا. جيئن هڪ ڏينهن جو واقعو آهي تہ فقير صاحب شرح مُلاَّ جو دستخط تي پڙهي رهيا هئا تہ طبيعت جوش سان پرجي وئي ۽ منهن مبارڪ سرخ ٿي ويو ۽ اوچتو اکين مان زور سان نير وهي ڪتاب جي لفظن ڪي ميٽي ڇڏيو. تڏهين مولانا صاحب فرمايو تہ: ٻچا! اوهان جو ڪجهہ پڙهيو آهي، سو اوهان واسطي ڪافي ۽ وافي آهي. اڳتي اوهان پڙهي ڪونہ سگهندا، تنهنڪري والد صاحب کي سلام عرض رکي، پرهڻ جي باري ۾ مجبوريءَ جي معذرت پيش ڪجو! مولانا صاحب جو فرزند مولوي عبدالڪريم ڳالهہ ڪندو هو تہ بابو جڏهين بہ شاگردن کي پرهائيندي انهيءَ جاءِ تي پهچندو هو تہ فقير صاحب جي ڏنل صورت حال جي ڪري، سندن اکين مان نير وهي ايندا هئا.

### لعل شهباز جي ٻي ظاهر ملاقات

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ ڪان پوءِ فقير صاحب وٽ هڪ نوراني صورت وارو درويش آيو تہ پاڻ اُٿي آداب بجاءِ آڻي درويش کي باعزت وهاريو. درويش فرمايو تہ: اوهان جي سنڌي ڪلام ٻڌڻ واسطي آيا آهيون. فقير صاحب عرض ڪيو تہ: قبلا! سنڌي زبان کي گويا تالو لڳي ويو آهي، انهيءَ ڪري سنڌي ۾ ڪو بہ ڪلام چيل نہ آهي. درويش فرمايو تہ اوهان سنڌي زبان ۾ ڪلام شروع ڪري ڏيو، انشاءَ الله هاڻي ڪو بہ اٽڪاءُ نہ ٿيندو. ائين چئي اُٿي کڙا ٿيا تہ فقير صاحب بہ اٿي ساڻن دروازي تائين گڏجي آيا. پوءِ واپس وري اچي پنهنجي وٿاڻ تي وينا. صحبت وارن مان ڪنهن ڪانئس سوال ڪيو تہ: قبلا! ڪير درويش هئا. پاڻ فرمايائون تہ: سنڌ جا سلطان لعل شهباز هئا ۽ بہ قرب ڪري ويا: پهرين وحدت الوجود جو حال عطا ڪيائون. ٻيو سنڌي زبان جو تالو کوليائون.

قلندر دل اندر، من اندر قلندر
سدا شائقن جي، دل اندر قلندر

---

سرور سنده قلندر که زين سلطان بود
مخزن سرّ لدن مطلع نور جان بود
شهبازيست که در عالم تکين عروج
وصف طيرانش بيرون زحد امکان بود
در دريائي معارف چمن باغ بقا

مرقد روشن او شهر به سيوستان بود
جامع شرع و توحيد شه قطب الدين
مير مخدوم حسيني و ولي عثمان بود
دل چو تاريخ و صالش بجسته ز سروش
هاتفم گفته او لعل يمن عزفان بود
سنہ 1650 ھ

**مک ماهي دا**

شهباز قلندر جي ٻوباره نوازش کان اڳيءِ بيدل صاحب ورد وظائف ۽ تقوىٰ طاعت ۾ مشغول ٿي ھئا تہ ڪجھ ڏينھن کان پوءِ سنه 1245 ھ ۾ اوچتو ڪرمچند جي اولي اھڙو تير تفنگ لڳوءِ جنھن سرت گنوائي ساري. جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

ٿل: عشقي سانون چاٽي چڪائي
پل ڳئي ساڏي سرت سيائي

1. صرف نحو تي فقه مئن پڙھيا
تقوىٰ وچ ٻھون مين ڪريا
پيچ زلف وچ جڏان مين اڙيا
مذھب دين دي وسري وائي

2. عشقي اپنا تاب ويکايا
علم عقائد ياد نہ آيا
جلوي حسن دي ھوش گنوايا
چسم سيه جڏان چوٽ لبائي
"بيدل"

مجاز جي حقيقت سندن تصنيفات ۾ ڪافي بيان ٿيل آھي پر اسان بوالھواس ۽ سَڌون ڪندڙن کي گمراھيءَ کان بچڻ لاءِ سندن صرف ٽي نڪتا پيش ڪريون ٿا: مجاز ھڪ "حال" آھي نہ "قال"، يعني جيڪڏھن طالب بت پرست. مان وحدت جو نور نظر نہ آيو تہ اھا صورت بُت اھي ۽ طالب بُت پرست. جيڪڏھن "حال" غائب نہ آھي ۽ اجا "غير" ۽ "دوئي"

نظر تي اچي ۽ مرڻ کان اڳي پاڻ نہ مئو آهي تہ اهو عشق قال، برباد ۽ باطل آهي. جيئن پاڻ ارشاد فرمايو اٿن: مَنْ يَّعْشِقُ عَلىٰ صُوْرَتِ وَلَمْ يُطْلِعَ مَعنَاه كَعْبُدُ الصّنَمِ (بيدل) يعني جيڪو طالب ڪنهن صورت تي عاشق ٿئي ٿو ۽ ان جي معنىٰ ۽ حقيقت کان آگاه نہ آهي، سو بت پرست وانگر آهي.

بيدل ويک حسن دي اولي نور سارا نروار (بيدل)

---

قاف قدر معشوقاندا سوئي جاني،
جوئي آپ ڪنون آزاد هوندا
جان جان غير سراپا گم نهو،
تان تان بره سيون برباد هوندا
نيهن لاوڻ دي وچون سالڪان نون،
موتو اقبل الموت مراد هوندا
بيدل گم ٿيون سيئي پُر پيون،
اينوين عشق ڪنون ارشاد هوندا
"بيدل"

**غلام محمد جو بيک**

فقير صاحب ڪرمچند جي عشق ۾ وحدة الوجود جي ڪرشمن ۾ برابر ٽي سال گذاري "فنا" جا مقام ۽ منزلون طئي ڪري اجان مس فارغ ٿيا تہ اوچتو سنه 1248 هہ ۾ غلام محمد دارونگر (مغل) حال درزڪو ڪم ڪندڙ شڪارپوري جي بيک ۾ هڪ اهڙو ڦهري کان لڳو، جو دانهن ڪري چوڻ لڳا:

ظوئي ظاهر هوندا تيڏي اکيان وچون
ڪوئي غازي غمزي باز هين تون
دل نال ڪرشما لُٽ ڳڌءِ
سهڻي چال سراپا ناز هين تون
پنبڙين تير پواندي سيگ تينون
ڪيسا تِڪڙا تير انداز هين تون
بيدل درس تيڏي وچ مست هويا

سانون ساقي محفل راز هين تون

عين عشق تيڏا هلاّ امام ساڈا، ڏوجها مذهب دين نہ ڄاڻندا مين
مين طرف تساڏي سجود ڪيتا، قبلا هورنسي ڪو پڇاڻندا مين
مين ٿون علم عقائد ڀل ڳيا، تيسان خادم در خوباندا مين
”بيدل“ بره جيسي ڪائي چيز نهي، چاوندا قسم پلي قرآن دا مين

انهيءَ مقناطيس ڪشش غلام محمد کي بہ اهڙو جڪڙي وڌو جو ڪيس گهر ۾ رهڻ ئي نہ آيو ۽ وقت بوقت شڪارپور ڇڏي سڌو فقير صاحب وٽ روهڙيءَ هليو ٿي آيو. اها روش بہ ڪافي وقت هلي. غلام محمد جي مائٽن کي اها روش نہ وڻي. انهيءَ ڪري ڪيس فقير صاحب وٽ اچڻ کان ڪافي روڪيائون ۽ ڪيترا حيلا هلايائون پر ڪجهہ بہ ڪين وريو. آخرڪار غلام محمد کي سندس مائٽن هڪڙي ڪمري ۾ بند ڪري قلف هڻي ڇڏيو ۽ ماني وغيره جو انتظام بہ اندر ڪمري ۾ رکيو ويو. غلام محمد جي وڇوڙي ۽ جدائيءَ فقير صاحب جي اندر ۾ اهڙو دود دکيايو، جو فرمائڻ لڳا تہ:

جان به لب آمده است زهجران حبيب کو
(هجر ۽ وڇوڙي کان جان چپن تي اچي وئي آهي ڪٿي آهي يار)
دردم زحد گذشت خدارا طبيب کو
(درد حد کان لنگهي ويو آهي خدا واسطي ڪٿي آهي طبيب)
آفاق کرد ساخت مرا دور چشم تو
(مون کي تنهنجي ديدار کان دنيا جي دور پري ڪري ڇڏيو آهي)
آخر زکس بپرس که ”بيدل“ غريب کو
(آخر ڪنهن کان پڇ تہ سهي تہ غريب بيدل ڪاڏي وڃي)

اندر ٻاهر مينون ڀهڻ نہ آوي
ٻاهر ڦران تيڏا برهہ ستاوي
فوج حسن دي چڙهہ چڙهہ آوي
جوڙ ڪري جنسار جذبي دل جڙي هي

---

بره ڪاسائي دي دست پيوسي

حسن ڪيتي قربان ٿيوسي
سر نشانا ناز ڪيتوسي
تير ستم دا گھاوندا گھڙي گھڙي هي
”بيدل“

آخرڪار هن طرح فرمائي سڌا شڪارپور روانا ٿي ويا ته:

”بيدل“ چوڙ بزرگي سڄي
پيچون يار سهڻي دي وڄي
بند حيا و شرم دا ڀڄي
نيڻن ويک نظارا عشقي ديد اڙي هي

شڪارپور پهچڻ شرط امين شاه چشتي جي مزار تي ڪجهه وقت مراقبو ڪري، دلربا ڏانهن رخ رکيائون ۽ گھر جي اهڙي هنڌان اچي ويٺا، جتان غلام محمد جي ڪوٺي هئي. فقير صاحب جوش جي حالت ۾ اشهد آڱر سان ديوار کي ليڪو ڪڍيو، نتيجي ۾ ديوار کي شگاف ٿي پيو. غلام محمد ٻاهر نڪري آيو ۽ ٻئي گڏجي روهڙيءَ پهتا. جڏهن گھر وارا ڪوٺيءَ جو تالو کولي اندر گھڙيا ته ڏسن ته ڪوٺي خالي آهي. سو جاچڻ لڳا ته متان غلام محمد ديوار کي ڪو سوراخ ڪري نڪري ويو هجي، پر ڪو به سوراخ يا شگاف نظر نه آين. وڏي سوچ ويچار ۾ پئي سڌو روهڙي فقير صاحب وٽ آيا. ڏسن ته غلام محمد فقير صاحب وٽ وينو آهي. انتظار دور ٿيو ۽ فقير صاحب جي قدمن تي ڪري پيا، ۽ چيائون ته: قبلا! اسان جيڪي به اوهان سان بي ادبيون ۽ گستاخيون ڪيون آهن، تن جي معافي ملي. غلام محمد اوهان جو آهي ۽ اوهان کي پرتو آهي. اسين هن وقت واپس وڃڻ جي اجازت ٿا ونون، جو گھر وارن کي تسلي ڏئي انتظار دور ڪريون. ائين چئي موڪلائي هليا ويا.

انهيءَ کان پوءِ پاڻ تصوف جي ڪتابن جو مطالعو ڪرڻ ۽ ”وحدت الوجود“ يا ”همه است“ (سڀ سو آهي) جي خيال ۾ ٻيون هڻڻ لڳا. جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

1. هستيءَ کي همه اوست ۾، ڪيو گم جني
ڏنو ترت تني، اڪين شعاع شهود جو

2. هوڪو همه اوست جو، سٽج ساڻ يقين
اينما تولوا فثم وجه الله، حق ريءَ آهي ڪين
فرق ڪفر ۽ دين، بيشڪ بهانو اٿئي.

3. هوڪو همه اوست جو، سٽج ڏيان ڏري
الا اِنه بڪل شيءِ محيط، پرين ناهه پري
ٿو سهسين ويس ڪري، سيوئي آهه سپرين.

4. هوڪو همه اوست جو، سٽي رک ويساهه
وهو الله و في السمٰوات والارض، هرجا آپ الله
اوهو شهنشاهه، اولي عبديت جي.

5. مڙوئي محبوب آهه، سدائي سي پار
ولا اسم الا وجود واحد، صورت سهس هزار
جامان سو جنسار، پهرينڊڙ هڪ پرين.

فقير صاحب انهيءَ ڏُن ۽ ڏيان ۾ هئا تہ سنه 1256 ھ ۾ فقير غلام محمد، بيدل صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: قبلا! بندي جا ٻہ سوال آهن. هڪ تہ پنهنجي غلاميءَ ۾ داخل ڪري، ذڪر فڪر جي تلقين ڪري ۽ طريقت ۾ هلائي پار پهچائيو. ٻيو تہ پنهنجي قدمن ۾ رکجو. فقير صاحب قرب جي نظر سان ڏسي مشڪڻ لڳا ۽ تلقين ڪري طريقت ۾ داخل ڪيائون. انهيءَ ڪان پوءِ فقير غلام محمد ناز ڇڏي نياز ۽ مريدانو رويو اختيار ڪيو.

**سندن مريد**

انهيءَ ڪان پوءِ سندن جوانيءَ جي وقت ۾ جيڪي شخص طريقت ۾ داخل ٿي فيض ياب ٿيا، تن جا اسم گرامي هي آهن:

1- فقير عبدالله سندن سوٽ جو ساڻن گڏ رکيل آهي.
2- لعل محمد فقير

3- ڏاڙهون فقير، جيڪي سڄي عمر سندن خدمت ۾ رهيا ۽ فوت به اُتي ٿيا ۽ درگاهه جي مقام ۾ رکيا ويا.

4- ديوان شوڪت راءِ خيرپوري.

5- پارو شاه ٽڪر تي رهندڙ پائي وسڻ رام جو گرون.

### پهرين شادي

سنه 1257 هه يعني 27 ورهين جي عمر ۾ سندن والد کين شادي ڪرائي، جنهن مان هڪ نياڻي تولد ٿي. انهيءَ کان پوءِ سندن حرم فوت ٿي ويا. جيڪي بيدل صاحب جي درگاه ۾ اولهه طرف زناني مقام ۾ رکيل آهن.

### ابتدائي دور جون تصنيفون

سنه 1258 هه ۾ فقير صاحب "رياض الفقر" فارسي نظم ۾ لکيو، جنهن ۾ اهل بيت عظام، اصحاب ڪرام ۽ اولياءَ الله جي خدمت ۾ عقيدت جا گل پيش ڪيل آهن ۽ ڪيترن عارفن جي سخنن جي شرح به ٿيل آهي. هيءُ ڪتاب 80 صفحن جو آهي.

وري سنه 1259 هه ۾ "سلوڪ الطالبين" ۽ "رموز القادري في شرح قصيده غوثيه" لکيائون. سلوڪ الطالبين فارسي نظم ۾ آهي ۽ پنهنجو تخلص "طالب" ڏنو اٿن. هي نظم سي حرفي جي صنف ۾ چيل آهي. فقط "الف" جي چيل شعرن جو انداز اٺ (8) آهي، اهڙيءَ طرح نظم ۾ جملي پنجاسي (85) شعر آهن. "رموز القادري" ۾ سيد عبدالقادر جيلاني قدس سره جي عربيءَ ۾ چيل "سقان الحب" جي شعرن جي فارسي نظم ۾ شرح آهي. هيءُ ڪتاب جملي بائيتاليهه (42) صفحن جو آهي.

### سندن والد صاحب جو انتقال

انهيءَ کان پوءِ ساڳئي سال 1259 هه ۾ سندن والد خليفو محمد محسن صاحب گذاري ويو، جنهن جي وصال جو مفصل بيان اڳ اچي چڪو آهي. سندن آخري آرامگاهه صوفي مير جان الله شاه جي درگاه تي آهي.

### فقير غلام محمد جو انتقال

سندن والد بزرگوار جو صدمو اڃا پورو لٿو ئي نه هو ته سنه 1261 هه ۾ سندن محبوب ۽ مريد فقير غلام محمد اربعا ڏينهن 19 جمادي الثانيءَ ۾ پرواز ڪري ويو، بيدل صاحب،

فقير غلام محمد جي مزار اهڙي هنڌ مقرر ڪئي، جو قدمن ۾ رهڻ واري وصيت بلڪل پوري ٿي ۽ فقير غلام محمد، فقير بيدل صاحب جي بلڪل قدمن ۾ آهي.

بيدل صاحب فقير غلام محمد جي فراق ۾ ڪافي شعر چيا آهن، پر هتي صرف هڪ عربي (ترجمي سان) ۽ ٻه فارسي شعر هن لاءِ پيش ڪجن ٿا ته فقير غلام محمد جو مرتبو ۽ پاڻ ۾ جو عشقي جذبو هون، سو معلوم ٿي وڃي.

**عربي شعر (ترجمي سان)**

1 – يا اَخيّ اَين اَنت، اِن الدهر فرق بيننا.
(اي منهنجا ادا! تون ڪٿي آهي، آءُ ڪٿي آهيان بيشڪ زماني اسان جي وچ ۾ فراق ۽ جدائي وجهي ڇڏي.)
2 – ما اطعنا فراقكم، لٰكن برضاءِ القدير سلمنا.
(اسان کي توهان جي فراق سهڻ جي طاقت نه آهي پر قادر جي رضا کي تسليم ۽ قبول ڪيوسون.)
3 - كنت دهراً انيسنا، فالان ليس الا خيالكم معنا.
(ڪو زمانو اهڙو هو، جو تون اسان سان اُنس ۽ محبت ونديندو هئين، هاڻي اسان سان صرف توهان جو خيال ۽ تصور آهي.)
4 – منذ يوم الوداع عيني جرت الدع حسرت حزنا.
(وداع ۽ جدائي جي ڏينهن کان وٺي، ڏک ۽ غم جا نير وهي رهيا آهن.)
5 – خلت اَن لا تكون تفارقنا، اذ تفارقت بغتة انا.
(مون ڀانيو ٿي ته تون اسان کان جدا نه ٿيندين پر اوچتو تون مون کان ڌار ٿي وئين.)
6 – قدرمان الزمان من بعدک بنبال الهموم ممتحنا.
(توکان پوءِ مون کي زماني امتحان وٺندي ڏکن ۽ ڏولاون جا تير اچلائي هنيا)
7 - لست انا قادر اعلىٰ فرج، ضاق عيشي بذكر ماكنا.
(مون کي طاقت نه آهي اُن زندگيءَ کي ڪشادي ۽ بافرحت بنائڻ جي، جيڪا منهنجي زندگي تنگ ۽ ڏکن ڀري ٿي پيئي آهي، (روح رهاڻ کي) ياد ڪري جنهن ۾ گڏ هئاسون.)

**فارسي نظم**

1. آن مخلص يگانہ که خوش بود محبتش
رفت از جهان، بماند دل داغ حسرتش
2. مقبول حق غلام محمد که دور زد
خون شد دلم ز سوز غم و درد فرقتش
3. يا رب دوام باد بحق حبيب تو
فيضان ابر رحمت برخاک تربتش
4. جانش مدام غرق به بحر وصال دار
شادان نما به هويت نور وحدتش
5. شب چهار شنبه نوزدهم آخرين جهاد
رسته ز قيد هستي تاريخ رحلتش

---

1. بزير خاک جا کردي بهرجايت خدا حافظ
غلام احمدي بادت محمد مصطفیٰ حافظ
2. ره نا ديد سر کردي به تنهائي مطاعت را
زشر رهزنان بادا علي المرتضیٰ حافظ
3. مذاق روح تو شرين ز شربت جام عرفان باد
زتلحيهائي غم بادت حسن المجتبیٰ حافظ
4. بسويء عالم ارواح زين جا کرده رحلت
زهر کرب وبلا اي جان شهيد کربلا حافظ
5. به درويشي بسر بردي حيات مستعار خود
بهر سختيت بادا همت آل عبا حافظ
6. زپا آفگند مارا محنت دوري و مهجوري
ترا اي جان شه بغداد تاج الاوليا حافظ
نيارد بيدل مسکين بجز فاتح فرستادن
دعايء مخلصان بادت زهر رنج و عنا حافظ

**سير سفر**

غلام محمد فقير جي راهہ رباني وني وڃڻ کري سندن حالت هن طرح ٿي پئي:

اندر ٻهان مين نون ٻهڻ نہ آوي
ٻاهر ڦران تيڏا بره ستاوي
فوج حسن دي چڙه چڙه آوي
جوڙ ڪري جنسار جذبي دل جڙي هي
مين نون تساندڙي يار چنتا لڳ ڪڙي هي
(بيدل)

انهيءَ ڪري سير ۽ سفر جي ارادي سان مختلف اولياء ڪرام سان ملاقاتون اختيار ڪندي، الله وارن جي وصال جون تاريخون لکيون اٿن. بعضي حضرات جي خدمت ۾ اهڙا عقيدت جا گل پيش ڪيا اٿن، جڻ تہ سندن مريد ۽ طالب آهن. اهڙي قسم جي بيتن ۽ ڪلامن جا مصرعا آهن پر اُنهن کي پيش ڪرڻ جي گنجائش نہ آهي، تنهن هوندي بہ شاھ خير الدين سکر پراڻي واري جي لاءِ چيل ويهن مصرعن مان فقط ست بيت پيش ڪريان ٿو ۽ شڪر گنج اروڙ واري جي لاءِ چيل ستن مصرعن مان چار پيش ڪريان ٿو.

بيدل صاحب سنڌ خواه پنجاب ۾ جيڪي همعصر يا پرده نشين اولياء ڪرام هئا، گهڻو ڪري تن سيني سان روح رهاڻ ڪئي آهي. سندن لکيل ڪتاب ”تاريخهاي رجال الله“ ۾ سرور عالم صلعم، اهل بيت عظام، اصحاب ڪرام ۽ ٻين حضرات جي وصال جون تاريخون نظم جي صورت ۾ ڏنل آهن. سنڌ ۽ پنجاب جي اولياء ڪرام جون تاريخون ٻاويهہ عدد آهن.

**شاه خير الدين قدس سره**

درون روشن ز تنوير ڪمالات
برون سر خوش باظهار ڪرامات
زهي مرقد منور ديده دل
زهي را قدر شهنشاهي مڪمل
نواز شهايء او بيرون ز تعداد
بر اقطاب و بر ابدال و بر اوتاد
ز فيض مقدم آن مصطفيٰ زاد
معلا قدر شد سکهر چو بغداد

بر اوراق زبرجد گشت مرقوم
صفاتش شاهہ خير الدين مخدوم
مسيح از پرده داران حرم او
کليم و خضر مشتاق کرم او
خدا تا دل و جان همقدم باد
سر بيدل بخاک آن حرم باد

---

شاه محمود شکر گنج قدس سره
زير اين گنبذ خضرايء که خوش سامان است
شاه محمود و شکر گنج معلیٰ شان است
قطب اقطاب، زمان غوث الاغواث کريم
هادي اهل طريقت بره عرفان است
پيش تو آمده اين ملتجي اي شاه شهان
زارو خجلت زده از بسکه گر و عصيان است
بيدل از غايت پندرا ست بجان ولي
نظر لطف تو هر درد مرا درمان است

---

بيدل اهل دلون دا تون تهدلون بنده ملهہ خريد رهين

---

عشق جو يارو درازن ۾ عجيب اسرار هو
مست سالڪ منهن سچو عارف اتي اظهار هو

---

قربدارن جي ڪٽڪ ۾ مرد منصبدار هو
در تنهين داتا جي بيدل پرت جو پينار هو

---

مٿين چيل ڪلام جي ڪري، ڪن حضرات بيدل صاحب کي سچل سرمست جي مريدن واري فهرست ۾ لکيو آهي. اُنهن جي خدمت ۾ عرض آهي تہ پهرين بيدل جي ”تاريخهائي رجال الله“ ۽ انهيءَ قسم جا بيا ڪتاب چڱي طرح مطالع ڪري پوءِ اهڙي فتويٰ جاري ڪرڻ گهرجي ها.

انهيءَ سفر جي دوران بيدل صاحب تاريخهائي رجال الله کان سواءِ ٻيا جيڪي ڪتاب تصنيف ڪيا آهن، تن جي سنه وار فهرست هن ريت آهي: سنہ 1264 ھ ۾ ”نسخه دلڪشا“ ۽ ”نهر البحر“ ٻہ ڪتاب لکيا اٿن.

**دلڪشا نسخي جو تعارف**

هي هڪ ننڍو ڪتاب ذڪر ۽ فڪر ڪرڻ جي باري ۾ فارسي نظم ۾ لکيل آهي. ذڪر فڪر جي باري ۾ قرآن جون آيتون، حديثون ۽ عارفن جا سخن پيش ڪري، انهن جي شرح ڪئي اٿن.

**مثنوي نهر البحر جو تعارف**

هي ڪتاب فارسي نظم ۾ 96 صفحن جو آهي. انهيءَ ڪتاب ۾ فرمايو اٿن تہ مولانا رومي جي مثنوي بحر آهي ۽ هي انهيءَ جي نهر آهي. هن ۾ قرآن جي آيتن، حديثن ۽ عارفن جي سخنن جي شرح ٿيل آهي. اُهي سندون جملي 88 آهن.
سنہ 64 ھ ۾ ”مصباح طريقت“ ۽ ”منهاج الحقيقت“ فارسي شعرن ۾ چيل آهن، هي ٻئي ننڍا ڪتاب آهن. منجهن ”الف“ کان ”يي“ تائين غزل چيل آهن. هن طريقت ۽ حقيقت جو طور ۽ طريقو بيان ڪيو ويو آهي.

سنہ 66 ھ ۾ سندالموحدين لکيو اٿن.

**سند الموحدين جو تعارف**

هن ڪتاب ۾ وحدة الوجود جي ثبوت واسطي 27 عارفن جا شعر سند طور پيش ڪيل آهن ۽ پنهنجي طرفان ڪجهہ بہ پيش نہ ڪيو اٿن. هي ڪتاب 36 صفحن جو آهي.
سنہ 67 ۽ 68 ھ ۾ ”ڪرسي نامه ۽ ”رموز العارفين“ لکيو اٿن. ڪرسي نامو فارسي شعرن ۾ آهي. وڌيڪ شرح انهيءَ ڪري نہ ڪئي اٿم جو مون وٽ غير موجود آهي.

**رموز العارفين جو تعارف**

هن ڪتاب ۾ 25 عارفن جا "حال" بيان ٿيل آهن ۽ پاڻ انهن جي فارسي نظم ۾ شرح ڪئي اٿن. هيءُ ڪتاب 46 صفحن جو آهي.

**قاضي پير محمد جو بهانو**

بيدل صاحب مردن جي ملاقات ۽ تصنيفات جي شغل ۾ مصروف ٿي هئا ته اوچتو قاضي پير محمد جي بهاني سنه 1261 هه ۾ ڪين چشمن جي چوٽ اهڙي لڳي جو دانهن ڪري چوڻ لڳا:

تي ترڪ اُتاولي نين تيڏي، هين سوار برق رڪاب ڏوهين
جهٽ پٽ آون قرلٽ جاون، ڪرن عقل دا خانا خراب ڏوهين
وقت سوال جواب اسيران دي، هن لاشڪ ملڪ عذاب ڏوهين
بيدل لڙهه تناندي لڳ رهيا، سهڻا سٽ گناهه ثواب ڏوهين

ٿل: حيران هون که قد تمهارى کو کيا کهون
طوبىٰ کهون که سرو که نخل وفا کهون

1. تيرى حسن کي ديکهه تجلي اى رشک حور
سورج کهون که چاند که نور خدا کهون
2. مشکين زلف تيري کون اى غيرت ختن
مار سيه کهون که کمند دغا کهون
3. ابرو تماري کون جو هى شکل هلال عيد
محراب مسجده طاعت اهل صفا کهون
4. تيرلآ نين پر خمار کون سرمست باده ناز
يا بيخودي کا جام يا سحر بلا کهون
5. مزگان تيري کون جو هين چنگل عقاب کى
ناوک کهون که نوک سنان جفا کهون
6. غمزى تيري کون جو هين ستمگر غريب کش
جلاد خلق جانون که آفت خدا کهون
7. خال سيه تيري کون، جو هين عکس داغ دل
اسود حجر که دانه مرغ هوا کهون
8. لب لعل تيرى سى در دندان چمکتين هين

ٿل: حيران هون که قد تمهارى کو کيا کهون
طوبیٰ کهون کہ سرو کہ نخل وفا کهون
1. تيرلآ حسن کي ديکهہ تجلي اى رشک حور
مين اس شفق کى رنگ کون پروين نما کهون
تيري گلي کي خاک کون بيدل کى واسطى
غاليہ کهون عبير کهون طوطيا کهون

---

نازنين سب هين سنگدل ليکن
تون هين ممتاز بي نيازي مين
گذري بيدل کي عمر شمع صفت
گريہ و سوز و جانگدازي مين

جسم جور جفا انهان ظالمان دا، عين مهر وفا کر ڄاڻ سيو
گهٽي زهر انهان دي دستئون پي، پڇي شهد شفا کر ڄاڻ سيو
بار درد فراق دا چاهون چا، اهو درد دوا کر ڄاڻ سيو
بيدل مطلب ڪُلي عشق سمجهہ، ٻيا خيال خطا کر ڄاڻ سيو

---

فقير صاحب کان کنهن سوال ڪيو تہ قبلا! اوهان جو مذهب ڪهڙو آهي؟ جواب ڏنائون تہ:
مذهب بيدل چه پرسي زاهد خاموش باش
هر گلي را بلبل و هر شمع را پروانه ام

بيدل صاحب درد جي دونهين دکائڻ جو شائق هو ۽ ڪسب- فنا جو ماهر هو. جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

جو غم کا بار چاهتا هى اسى فرحت سون کيا مطلب
جو اپنا سر گنواتا هى اسى راحت سون کيا مطلب
اسي ره مين کوئي آوي، جو آوي ول نهين جاوي
جو لذت فقر کي پاوي اسى دولت سون کيا مطلب

عشق کا زخم پاوي جو، خودي اپني کو کھاوي جو
فنا کی جل مین ناوي جو اسی نعمت سون کیا مطلب
موحد رند مرادنه هوا اپنی سی بیگانه
جو پیوي جام رندانه اسی عزت سون کیا مطلب
عشق کیا مرکی جینا هی، درد کا جام پینا هی
جسیکا غم خزینا هی، اسی عشرت سون کیا مطلب
خوشي سون لوک بستی هین، آپت مین ملکر هنستی هین
جو عاشق دلشکستی هین اسی الفت سون کیا مطلب
بهت مذهب هین کثرت مین نجا بیدل مشقت مین
هوا جو غرق وحدت مین اسی ملت سون کیا مطلب

**قاضي پير محمد جو تعارف:** قاضي پير محمد روھڙيءَ جو رهاکو هڪ شريف خاندان جو فرد هو ۽ شادي ڪيل نوجوان، بيپرواه، لاجواب حسين شخص هو. سنڌي، عربي ۽ فارسي چڱي ڄاڻندڙ هو ۽ خوشخطيءَ ۾ ته پنهنجو مٽ پاڻ هو، تنهن ڪجھ وقت گذرڻ بعد بيدل صاحب کي پنهنجي محلي ۾ مسواڙ تي هڪ جاءِ جي وٺڻ جو مشورو ڏنو. انهيءَ ڪري بيدل صاحب قاضي صاحب جي گهر جي بلڪل سامهون اٺ آنا مسواڙ تي جاءِ وٺي ويٺا، انهيءَ جاءِ جو صورت حال هن طرح سان هو. هڪ ڪشادو صحن ۽ وڏو ڪمرو هو، جتي تڏا ۽ توريون پيل هونديون هيون، جنهن تي سندن صحبت ۾ رهندڙ سادات، عالم، فقير ۽ عام ماڻهو سندن ريجھ رهاڻ ۽ عارفانا نڪتا ٻڌڻ واسطي اچي ويهندا هئا. بيدل صاحب جتي وينو هوندو هو، اهو هنڌ ايترو هيٺ هو، جو سندن ڪٽ پوڻ کان پوءِ وچي ڪمري جي تلهي جي برابر لڳندي هئي ۽ کٽ جي لڳ ڪوه جي پاٽيءَ جو هڪ دلو رکيو هوندو هو، جنهن مان پاٽي پيري پيئندا هئا. انهيءَ اوطاق جي پاٽي ۽ صفائيءَ جي خدمت اڪثر سندن طالب سليمان فقير ڪندو رهندو هو.

بيدل صاحب جي انتقال کان پوءِ مٿين جاءِ جڏهين سندس مالڪ وڪڻڻ لاءِ تيار ٿيو ته فقير صاحب جا مريد ۽ معتقد جاءِ جي مالڪ کي اوترا پيسا ڏيڻ لڳا، جيڪي ڪيس ٻين وٽان مليا ٿي پر انهيءَ هوندي به هڪ نفساني ضد ڪري، ٻين ماڻهن کي وڪرو ڪري ڏنائين. اُها جاءِ هن وقت ٻن حصن ۾ تقسيم ٿيل آهي ۽ نئين نموني نهيل آهي. جتي

بيدل صاحب جي ڪٽ پٽي هوندي هئي، انهيءَ هنڌ جاءِ جي مالڪ احترام طور هڪ پڪ سريءَ جو ٿلهو ٺهرائي ڇڏيو آهي.

**ٻي شادي ۽ اولاد:** سنہ 1271 ھ ۾ بيدل صاحب، قاضي صاحب جي صلاح مشوري سان ٻي شادي آدم پوٽيءَ سان ڪئي، جنهن مان ٽي پٽ تولد ٿيا:

1- فقير محمد محسن عرف بيڪس، جو 26 جماد الثاني سنہ 1275 ھ ۾ تولد ٿيو.

بيست و ششم جماد الثاني زاد<br>
محسن و مولدش مبارک باد<br>
پنج هفتاد يک هزار و دو صد<br>
بدز هجري رسول شاه رشاد

2- محمد فريد جمعرات 23 جماد الاول سنہ 1277 ھ ۾ تولد ٿيو.

شب آدينه بيست وسيم<br>
از جماد الاول فريد زاد<br>
يا رب از فتنه دار مامونش<br>
به نبي و آله الامجاد

3- خدا بخش، جيڪو ننڍڙي هوندي ئي گذاري ويو.

**مثالي محبت**

قاضي پير محمد صاحب جي عادت هوندي هئي تہ جنهن ضد تي چڙهندو هو، اهو ڪم فقير صاحب کان ضرور پورو ڪرائيندو هو. بعضي تہ حاڪماڻي ۽ ظالماڻي روش کان ڪم وٺي ڏاڍا ڏکيا لفظ ڳالهائيندو هو، انهيءَ ڪري ڪن مريدن کي، خاص ڪري سيد قاسم علي شاه جو غصي جي ڪري منهن ۾ بت ڪاندارجي ويندو هو پر فقير صاحب جي ڪري خاموش رهندو هو.

اهڙي صورت ۾ فقير صاحب محفل ۾ فرمائيندا هئا تہ: عزيزو! جنهن شخص کي قاضي صاحب جي روش نہ وڻندي هجي، سو هتان اٿي هليو وڃي. ڇاڪاڻ تہ هادي سائينءَ جو سندن هن چيل شعر تي عمل هوندو هو.

جسم جور جفا انهان ظالمان دا عين مهر وفا ڪر ڄاڻ سيو
گهڻي زهر انهان دي دستئون پي، اها شهد شفا ڪر ڄاڻ سيو

انهيءَ سنگدليءَ جي باوجود قاضي صاحب کي فقير بيدل صاحب کان سواءِ آرام ۽ چين نه هوندو هو.

پڳت دوار ڪومل، بيدل صاحب جي صحبت ۾ گهڻو وقت رهيو هو، انهيءَ مون سان احوال ڪيو هو ته ” اسان اهڙا گهڻا موقعا ڏٺا، جو فقير صاحب، قاضي صاحب کان رسي، قاضي محلي واري اوطاق ڇڏي، بسترو ڪڻائي پنهنجي گهر واري اوطاق ۾ رهندا هئا ۽ صبح جو دستور موجب پنهنجي محبت ۽ صحبت وارن سان ريجهه رهاڻ ۾ لڳي ويندا هئا ته اوطاق جي ٻاهران درين جي سوراخن کان قاضي صاحب جهاتيون پيو پائيندو هو. پوءِ جڏهين ڪنهن صحبت واري جي نظر قاضي صاحب تي پوندي هئي ته اُهو فقير صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪندو هو ته ”قبلا! ٻاهران قاضي صاحب واجهائي رهيو آهي“ فقير صاحب انهيءَ ٻڌڻ شرط اجا ٻاهرئين دروازي تائين مس ايندا هئا ته قاضي صاحب ٻه اڳتي وڌي فقير صاحب کي ٻانهن ۾ هٿ وجهي پنهنجي محلي واري اوطاق ۾ وٺي ويندو هو. انهي درميان ڪو گفتو يا هڪ ٻئي کي ميار ڏيڻ جو سوال جواب اسان ڪڏهين نه ٻڌو ۽ نه وري ڪڏهين خبر ئي پئي ته ڪهڙي ڳالهه تي رنا ۽ ڪهڙي ڳالهه تي پرتا.

ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد قاضي صاحب جي طبيعت ۾ وڏو ڦيرو اچي ويو ۽ فقير صاحب جو بيعت تي غلامي ۾ نالو داخل ڪرايائين.

**مشهور مريد ۽ طالب**

سنه 1263 هه ۾ قاضي پير محمد ٻه بيدل صاحب کان ذڪر فڪر جي تلقين وٺي دم جي ڌن ۾ لڳي ويو، باقي ٻيا شخص جن جا نالا هيٺ ڏجن ٿا تن اڳي پوءِ مختلف وقتن ۾ ڪائن تلقين ورتي.

(1) سيد قاسم علي شاهه بڪاري
(2) سيد حمزه علي شاهه
(3) سيد حبيب الله شاهه
(4) سيد صفدر علي شاهه

(5) ميان سيد علي شاه
(6) سندن فرزند فقير محمد محسن
(7) سليمان فقير ميربحر
(8) قاسم علي فقير ميربحر
(9) حيات فقير پرديسي
(10) پنوه فقير پرديسي
(11) قاضي غلام حسين
(12) قاضي غلام مهدي
(13) قاضي غلام حيدر
(14) ڀائي ڪشن داس پير ڳوٺائي
(15) مائي رامي پير ڳوٺ جي ٽڪاڻي ۾ رهندڙ.

ان کان سواءِ جيڪي ارادتمند شخص پاڻ ڪي مريد سڏائي اڪثر سندن خدمت ۾ رهندا هئا ۽ سندن صحبت جا پياسي هوندا هئا، تن مان ڪن جا اسم گرامي ڏجن ٿا:
(1) ڪريم بخش خنياگر
(2) ميان عبدالوهاب ريشم باف
(3) حاجي جمڙو شيخ
(4) جمعدار آندل
(5) ديوان ڪشنچند خيرپوري
(6) منشي هيمراج
(7) منشي پريمچند
(8) منشي سلامت راءِ
(9) ڪرمچند وغيره.

**بيدل فقير جي تصنيفات جو سلسلو**

قاضي پير محمد بيعت ٿيڻ کان ڪجهه وقت پوءِ جن ڪتابن جي لکائڻ ۾ فقير صاحب جو ڪاتب ۽ مددگار هيو انهن ڪتابن جي فهرست هن طرح سان آهي:

**1- پنج گنج**

هي ڪتاب سنہ 1264 ھ ۾ لکيو ويو. هن ۾ چاليهہ درجا آهن، هر هڪ درجي ۾ ڪو موضوع مقرر ڪري ان کي پنجن دليلن سان ثابت ۽ مستند ڪيو ويو آهي. اهي پنج سندون هن طرح سان آهن:

-1 قرآن جي آيت عربيءَ ۾
-2 حديث مبارڪ عربيءَ ۾
-3 مولانا روميءَ جو بيت فارسيءَ ۾
-4 شاہ عبداللطيف جو بيت سنڌيءَ ۾
-5 ڪنهن معتبر ڪتاب جي حڪايت فارسيءَ ۾.

### 2- فوائد المعنوي

هي نثر ۾ آهي، هن ۾ تصوف جي باري ۾ اندازن بہ سئو مقالا پيش ٿيل آهن جن ۾ طالب لاءِ حقيقت ۽ مجاز سمجهڻ واسطي ڪافي خزانو بيان ٿيل آهي. هي ڪتاب پڻ سنہ 1264 ھ ۾ تصنيف ٿيو.

### 3- تقويت القلوب في تذڪره المحبوب

هي ڪتاب فارسي نثر ۾ 68 صفحن جو آهي ۽ سنہ 1266 ھ ۾ لکيو ويو. هن ۾ ڪو موضوع ڏنل نہ آهي، صرف ڪو موضوع خيال ۾ رکي انهيءَ تي ڪيترائي دليل ۽ سندون ڏئي دل ۽ خيال کي طاقت ڏياري وئي آهي. اهي سندون هن قسم جون آهن: قرآن جون آيتون، حديثون، اهل بيت عظام ۽ اصحاب ڪرام جا اقوال، ۽ عارفن جا عربي، فارسي، سنڌي ۽ هندي ۾ سخن.

### 4- ڪرسي نامو

هي ڪتاب سنہ 1267 ھ ۾ لکيو ويو. هن جو تعارف انهي ڪري پيش نہ ڪيو اٿم، جو غير موجود آهي.

### 5- قرتہ العينين

سنه 1280 ھ ۾ ”قره العنين في مناقب السبطين“ فارسي نثر ۾ لکيو ويو آهي. هن ۾ حضرت امام حسين عليه السلام جي شان ۾ ڪجهہ حديثون ۽ روضه الشهداءِ مان واقعا ڏئي، حضرت سيد الشهداءِ سان عقيدت ۽ محبت جو اظهار ڪيو ويو آهي. هي 106 صفحن جو ڪتاب آهي.

**6- سرود نامي جو تعارف**

هن ۾ سنڌي سرائڪي ڪلام لکيل آهي. انهيءَ کان سواءِ ڏوهيڙا، سي حرفيون، سنڌي وحدت نامو ۽ فرائض صوفيه آهي. هي جملي 283 صفحن جو ڪتاب آهي. ڪلام وغيره مختلف وقتن ۾ چيل آهي، شايد ڪتاب ترتيب جي صورت سنه 1280 ھ ۾ ورتي آهي.

**7- فارسي ديوان بيدل جو تعارف**

بيدل صاحب جي سيني ڪتابن ۾ هي ڪتاب گهٽو ۽ وڏو آهي. هن ۾ صرف فارسي غزل ۾ ڪلام نه آهن، پر شاعريءَ جو فن ۽ هنر نمايان آهي؛ يعني فرد؛ رباعي، مخمس ۽ مسدس کان سواءِ درد ۽ همه اوست جو عجيب داستان آهي. هي به مختلف وقتن ۾ چيل آهي. صرف قاضي پير محمد جي آخري عمر جي وقت ۾ مڪمل ڪتاب جي صورت ۾ لکيو ويو آهي. هن جي صفحن جو تعداد هن ڪارڻ نه ڏنو اٿم؛ جو هن وقت مون وٽ غير موجود آهي.

**8- غزليات هندي**

هي اردو غزلن جو ڪتاب آهي؛ اهو به مختلف وقتن ۾ لکيل آهي. سنه وغيره لکيل نه آهي، شايد اجان وڌيڪ اردو شعر لکڻ جو ارادو هو. پر ڪنهن  سبب ڪري اڌ ۾ رهجي ويو آهي.

**9- في بطن احاديث**

هي فارسي نثر ۾ آهي، هن ۾ ثابت ڪيو ويو آهي ته اسلام ٻن قسمن جو آهي: هڪ اسلام ظاهري ٻيو اسلام باطني آهي. انهيءَ ڪري ڇهن حديثن جي معنىٰ باشرح لکي اٿن. هن ۾ به ڪو سنه لکيل نه آهي. معلوم ٿو ٿئي مالڪ کي اجان ڪجهه وڌيڪ لکڻ جو خيال هو پر ڪنهن سبب جي ڪري اڌ ۾ رهجي ويو آهي.

**10- انشاءَ قادري**

هن ۾ خط و ڪتابت جا عجيب ۽ قسمين قسمين سرناما فارسي نثر ۾ لکيل آهن.

**11- تاريخ سنڌ**

هي فارسي نثر ۾ آهي. گهڻو ڪري اُهي تاريخي ٽڪرا لکيا ويا آهن، جن ۾ ٻين ملڪن جي بزرگان- دين جي سنڌ ملڪ ۾ رهائش اختيار ڪرڻ بابت ذڪر آهي.

### 12- چار خطبا هڪ وصيت نامو

هي چار خطبا شايد جمعي ۾ پڙهندا هوندا، جو فارسيءَ ۾ لکيا اٿن.

| | | | |
|---|---|---|---|
| -5 | نسخه دلڪشا | فارسي نظم | 1263 هه |
| -6 | فوائد المعنوي | عربي نثر | 1264 " |
| -7 | پنج گنج | عربي ۽ فارسي | 1264 " |
| -8 | نهر البحر | فارسي نظم | 1264 " |
| -9 | مصباح طريقت | " " | 1265 " |
| -10 | منهاج الحقيقت | " " | 1265 " |
| -11 | سندالموحدين | " " | 1266 " |
| -12 | تقويت القلوب | نظم ۽ نثر | 1266 " |
| -13 | ڪرسي نامہ | " نظم | 1267 " |
| -14 | رموز العارفين | " " | 1268 " |
| -15 | سرور نامہ | سنڌيءَ سرائڪي ڪلام | 1280 " |
| -16 | ديوان بيدل | فارسي نظم | 1280 " |
| -17 | غزليات هندي | | نا معلوم |
| -18 | في بطن احاديث | نثر عربي فارسي | " |
| -19 | انشاءَ قادري | فارسي نظم | " |
| -20 | تاريخ سنڌ | " " | " |
| -21 | قرة العينين | " " | 1280 هه |
| -22 | هير رانجهو | " نظم | نا معلوم |
| -23 | چار خطبا ۽ وصيت نامو | فارسي نثر | " |

بيدل صاحب نہ صرف وڏو عالم هو، بلڪ عربي، فارسي، سنڌي ۽ سرائڪي زبانن جو ماهر ۽ قادر الڪلام شاعر هو. صرف شاعر نہ بلڪ وحدت جي بي پايان بحر جو غواص ۽ لاهوتي موتي آڻيندڙ ٽوٻو هو. انهيءَ حقيقت جو ثبوت، سندن لکيل ٽيويهن ڪتابن ۾ اظهر شمس ۽ نروار آهي. ديوان بيدل فارسيءَ مان هڪ موهيندڙ عربي شعر ۽ ڪجھ فارسي غزل وغيره مثال طور پيش ڪريان ٿو:

وكن في الحب ماتمهل غريقاً
(جيترو ٿي سگهجي اوترو محبت ۾ غرق رھ)
وحيد في الخلائق والزوايا
(مخلوقات ۾ اڪيلو ۽ ڪنڊ ڪڙڇ ۾ رھ)
علو الشرف في ترک الرياست
(رياست ۽ وڏ ماڻهپ جي ڇڏڻ ۾، اعلىٰ عزت آهي)
فلا شرف لمن ركب لمطايا
(جو شخص سوارن تي سوار آهي، تنهن لاءِ شرف ۽ عزت نہ آهي)

—

نحن اقرب شنو از قرب خد دور مباش
همچو خفاش ازان جلوه مهجور مباش
ثم وجه الله هر جا است تجلي حسنش
چونکہ او عين عيان گشته تو مستور مباش
وهو معكم بتو محبوب هم آغوش شده است
چو مسيحا بتو همدم شد رنجور مباش
افلا تبصر اي بلبل گلزار شهود
چشم دل باز کن و غفلت دستور مباش
وادخلي جنتي از باغ وصالش گلچين
طالب روضه جنان شيفه حور مباش
ساغر فيض سقاهم چو بدو دست مدام
جام عشرت طلب، اي "بيدل" مخمورش

شد تجلي گر بهر سو شاهد رنگين قبا
يعني آن بيرنگ باهر رنگ گشته رخ نما

حسن صورت راتو مظهر جلوه معنیٰ اشناس
یار بیچون گشته روپوش اندرین چون وچرا

بیدل این صورت طلسم گنج معنیٰ مطلق است
سجده او فرض دان بگذر انکار و ابا

---

بیدل از آئینه صورت عکس معنیٰ دیده گیر
في الحقیقت باطن و ظاهر حقیقت واحدند

---

**پنجن ٻولین ۾ مخمس**

صاح صاح في الصوامع عاکفي الحرام الصفا
کین همه پیرا و پنهان است ذات کبریا
صورت و معنیٰ مین یکتا جلوه گرهی جا بجا
ڪڏا سڏاوي نام احمد آکي لا احصیٰ ثنا
دم انالحق جو هڻي منصور جي صورت سما

بیدل صاحب جو اردو شعر قریباً ڏيڍ سئو سال جي زماني ۾ چيل آهي، جنهن زماني ۾ اردو زبان، عربي ۽ فارسي الفاظ جي محتاج هئي.

---

## غزلیات هندي

بهر صورت کہ بن آوی ووئي ساجن صحیح کرنا
صدق سیتي آگي اسدی ادب کی حال مین کهڑنا
ووئي سالڪ طریقت هی ووئي ماهر حقیقت هی
ووئي صاحب شریعت هی پیچهون تی پیر مت دهرنا
ووئي ماري انالحق دم کري اظهار سر مبهم
ووئي باندهي کمر محکم جو آپی آپ سون لڑنا
ووئي رومي فرنگي هی ووئي ترسا فرنگي هی

ووئي مردانہ جنگي هی لباسان ديکهہ مت ڈرنا
سمجهہ سر عشق کا "بيدل" نہ رہ اس بات سی غافل
سدا باهمت کامل حرف همه اوست کا پڑهنا

—

آئينہ وہ بنايس پاني مٹي رلا کر
جلوہ ديا اسينون صيقل عجب لگا کر
آدم نهين يہ الله صورت کاويس پهنی
آيا اسي جگت مين اپني تئين چهپا کر
هشيار رهہ تون بيدل همه اوست کاهو قائل
نظارا نور حق کا مظهر مين جا بجا کر

—

دوئي کی وهم سی بيدل تيري دل گر هوئي فارغ
ظهور ذات مطلق کا جهان چاهين وهان هوگا

—

بيدل صاحب جو سنڌي ۽ سرائڪي شعر ۽ شاعري بہ قابل غور آهي. فقير صاحب هيٺين ارڙهن سرن ۾ سنڌي ۽ سرائڪي ڪلام چيو آهي:

| .1 | سر بسئونت | .2 | سر جهنگلو |
|---|---|---|---|
| .3 | " بروه | .4 | " ڌناسري |
| .5 | " بلاولي | .6 | " آسا |
| .7 | " سورٺ | .8 | " سسئي |
| .9 | " ديسي | .10 | " سارنگ |
| .11 | " پورب | .12 | " جوڳ |
| .13 | " نٽ ڪلياڻ | .14 | " گنوري |
| .15 | " ڪامول | .16 | " مالڪوس |
| .17 | " وهاڳ | .18 | " سهڻي |

هر هڪ سر مان مثال پيش ڪرڻ جي تہ گنجائش نہ آهي. صرف نٽ ڪلياڻ مان هڪ ڪلام ۽ سر آسا مان بہ ٽڪرا نموني طور پيش ڪريان ٿو:

## نٽ ڪلياڻ

ٿل: عقل جو ويو اختيار، عشق انالحق جو دم ماريو

1- عشق عقل جي لڳي لڙائي، عشق ڪٽي جنگ عقل هارائي
هيڪل هڪ هسوار، ڪيڏي ڪٽڪ ڪي بره بچايو

2- دست ڌري آيو حسن جو پالو، چينچل چشمن جو ڪري چالو
گوءِ ڪٽي نروار، باهه بره جي سنڌن ڪي ساڙيو

3- يار بي رنگي نور نهاني، پهري پوش آيو انساني
عشقئون تي اظهار، سهسين ويس سان پاڻ سينگاريو

4- ڪاٿي پير مريد سڏائي، ڪاٿي پاڻ سان لنئوڙي لائي
ڪاٿي ڪري ڪوڪار، قم باذني مئو جياريو

5- ڏس تون باولي بره جي بيدل، لامڪانون تي ڪري نازل
ڏور دوالي يار، بيخودي جو باز اڏايو.

## متفرقه

سمجھ رک سالڪ سچا ڏس هوبهو محبوب آءِ
ثم وجه الله ڪني سڻ سوبسو محبوب آءِ
جنهن پيتو ساغر صفا جو تنهن وساريو هي وجود
اُن جي فڪرت ۾ مدامي روبرو محبوب آءِ
ڪل شيءِ هالڪ الا وجه تحقيق ڄاڻ
سرت رک بيدل سمجھه، بي توبه تو محبوب آءِ

---

ٿل- آک تون ڪون هين وت ڪيها ڪام ڪريندائين !عشقا

1-ڪڏان فرشتان نون آدم دا سجدا آڻ ڏيويندائين
روئيندائين ڪڏان وت سٽ او هيڪو زمين تي زاروزار
عشقا! آک تون.................

2- آتش تيز خليل دي اُتي باغ بهشت بنيندائين
ماه ڪنعان زليخا ڪيتي مصر وچ وچيندائين
عشقا! آک تون.................

3- چندين بار جرجيس نبي نون آتش وچ سٽيندائين

زکريا نون کرڻ چيرا وت يحيٰ زور کھينداٿين
عشقا! آک تون..................
4- موسیٰ کنون سڻ اَرني اَرني لن تراني ڏسينداٿين
حضرت نون معراج بُلا کي محرم راز بنينداٿين
عشقا! آک تون..................
انهيءَ قسم جي ٻئي ڪلام ۾ هن طرح جو جواب مليل آهي:
بيدل ميڏي ذات کيا پڇينداٿين پول پلايا مين وومين

## حقيقي حال ۽ تبليغ حال

بيدل صاحب پنهنجي ”في بطن احاديث“ جي ڪتاب ۾ معنوي اسلام جي باري ۾ ارشاد فرمايو آهي ته جھڙي طرح ظاهري اسلام جا پنج بنيادي اصول آهن، اهڙي طرح معنوي اسلام جا به اهي ساڳيا بنيادي اصول آهن. يعني 1- ڪلمه شهادت 2- نماز، 3- زڪوات، 4- حج ۽ 5- روزو.

**اصول پهريون**

ڪلمه شهادت هيءَ شهادت ڏيڻ ۽ هي يقين رکڻ ته الله کان سواءِ ٻيو ڪو به موجود نه آهي ۽ محمد مصطفیٰ صلعم سندن عبد ۽ رسول آهي. ”عبد“ معنیٰ ذات ۽ صفات جو برزخ (پردو) جميع تجليات جو مظهر ۽ عبديت جو پارٽ ادا ڪندڙ ”رسول“ معنیٰ وحدانيت جو پيغام رسائيندڙ.

متئين اصول جي حقيقت ٻين لفظن ۾ هن طرح بيان ڪئي اٿن:

”لا“ جو ڪنو هٿ ڪري، لڙائي ڪا لاءِ
و جاهدو في سبيله، جوش جيئون جاڳاءِ
پير تون پڙ جو پاءِ، سانگو لاهي سر جو.

---

”لا“ جو ڪنو هٿ ڪري، جسم سان تون جهيڙ
وساري وجود کي، پير نفيءَ جو پير
گهر نفيءَ جي گهيڙ، ته اوڏو ٿئين اثبات کي.

---

"لا" جو كنو هٿ كري، جهيڙ جسم ساڻ
فضل الله المجاهدين علىٰ القاعدين پرزا كنجاءِ پاڻ
ڄاڻ وڃائي ڄاڻ، نفيءَ ۾ اثبات كي.

(بيدل از وحدت نامه سنڌي)

1- الا الله اثبات كر، اهو آهي اسلام
طالب ڇڏي تفرقو، اچي وٺ آرام
معبودي جي مام، نفي سان نروار ٿئي.

2- الا الله اثبات كر، اهو ئي ايمان
انت الموجود في الدين، مڃ تي مسلمان
معبوديءَ جو مان، پاڻ سڃائي پاءِ تون.

3- الا الله اثبات كر، جيئن كيو حلاج
لا الله الا انا فعبدون، هيءَ حلاجي حاج
ماڻي تون معراج جي، پاڻ پروڙين پنهنجو.
(بيدل)

ٻئي هنڌ فرمايو اٿن:
فكر نفي اثبات كسي دن مار كي ڦر جيواويگا
لا الله دي شيشي كولون ماهي مک وكلاويگا
بيدل مطرب عشق دا آخر گيت انا الحق گاويگا

**اصول ٽيو: قام الصلواة**

مٿين بيان ٿيل وحدتي خيال ۽ معراج كي قائم ۽ برپا ركڻ مراد ۽ مقصد آهي. هن فرقاني فرمان موجب " والذين هم في صلواتهم دائمون" (اهي شخص پنهنجي نمازن ۾ دائمي ۽ هميشه ئي هوندا آهن) جي آيت انهيءَ لاءِ دليل ۽ سند آهي. ظاهري نماز پنج وقت مقرر آهي ۽ هيءَ نماز هر وقت ۽ هر حالت ۾ قائم ۽ دائم ركڻي آهي:

بيت: نماز خلق تسبيح و سجود است
نماز عاشقان ترک وجود است
ترجمو: خلق جي نماز تسبيح ۽ سجدو آهي. عاشقن جي نماز وجود وڃائڻ.

مثنوي مولانا رومي:
زانکه ترک تن بود اصل نماز
ترک خويش و فرزندانہ آز
ترجمو: اصل نماز وجود وڃائڻ آهي پنهنجو پاڻ کي، اولاد ۽ خواهش کي وسارڻ.

**اصول ٽيون: زکوات**

. زکوات مان مقصد ۽ مطلب آهي تہ تزکيه نفس يعني نفس ۽ دم کي صاف ۽ پاک کرڻ. هن زندگيءَ جي ساهہ ۽ ساس کي الله جي ذکر ۾ صرف ۽ خرچ کرڻو آهي. ڇاکاڻ تہ جهڙي طرح دنيوي مال مان زکوات ادا کرڻ کان سواءِ فائدو وٺڻ شرعي منع آهي. تهڙي طرح حقيقي حياتيءَ جون معنوي لذتون، ذکر بنان خطرناک آهن.
بيت: زندگي آمد برائي بندگي زندگي بي بندگي شرمندگي

**اصول چوٿون: حج**

حج مان رب العزت جي جمال جي مشاهدي جي نيت کرڻ مقصد آهي. احرام مان، عشق ۽ صداقت جو احرام ٻڌڻ مقصد آهي. سواريءَ مان راه ۾ اعلیٰ همت ۽ بلند حوصلي جي سواري تي سوار رهڻ مقصد آهي. زادراه مان علم اليقين مقصد آهي، يعني هن ڳالهہ جو يقين هجي تہ جو ڳوليندو سو ضرور لهندو. مثنوي:

حج زيارت کردن خانہ بود
حج رب البيت مردانہ بود

**اصول پنجون: روزو**

روزي مان الله کان سواءِ ٻيا جيکي بہ خيال ۽ خطرا اچن تن کي روکي ڇڏڻ مقصد آهي. ڇاکاڻ تہ سالڪن جو اصل مقصد پاڻ کي وسارڻ جي کوشش کرڻ ۽ عشق جي ميخاني مان فنايت جو جام پيئڻ آهي.

بيت: گرچه آن وصلت بقا اندر بقا است
ليک اول آن بقا اندر فنا است
ترجمو: توڙي بقا جو وصل بقا ۾ آهي، پر پهريون اها بقا فنايت ۾ آهي.

مثنوي: آئينه هستي چه باشد نيستي
نيستي بگرين گر ابله نيستي
از پئي اين عيش عشرت ساختن
صد هزاران جان ببايد باختن

ترجمو: هستي ۽ هئڻ جو آئينو نيستي ۽ ناه ۾ آهي، تنهنڪري، تون نيستي اختيار ڪر، جيڪڏهن نادان نہ آهين.

انهيءَ نعمت جي پويان عيش عشرت ڇڏڻ گهرجن، هزارين جانيون قربان ڪرڻ گهرجن. آخر ۾ هي دعا جا لفظ آهن: ”اي الله! اسان کي عطا فرماءِ“.

**مذهب ۽ عقيدا**

بيدل صاحب حقيقي حال ۽ عشق جي آڙاه جي باوجود پنهنجو ظاهر اسوه حسنہ ۽ رسول الله ﷺ جي رنگ ۾ رڱيو هو. يعني باطن وحدانيت ۾ ٽٻ تہ ظاهر شرح جا شائق هئا. جيئن پنهنجي ڪتاب رموز العارفين جي آخري صفحي تي فرمايو اٿن:

سني است باعتقاد مذهب صوفي است باتحاد مشرب
تن تابع شرع، جون بوجدان برون ز خيال ڪفرو ايمان
(بيدل)

ترجمو: بيدل مذهب جي لحاظ کان سني آهي ۽ اتحاد ڪري سندس مشرب صوفي آهي، سندس جسم شريعت جي تابع آهي. سندس وجود پري جان، ڪفر ۽ ايمان جي حد کان ٻاهر آهي.

فقير عبدالقادر که صوفي و حنفي است فکند طرح سکونت بقصبہ لهري
(بيدل)

ترجمو: فقير عبدالقادر صوفي ۽ حنفي آهي، روهڙي شهر جو رهاڪو آهي.

تقويت القلوب ڪتاب جي 123 صفحي تي فرمايو اٿن:

غم دين خور كه غم غم دين است همه غمها فر و تر ازين است
غم دفيا مخور كه بيهوده است هيچكس در جهان نياسوده است
(بيدل)

ترجمو: دين جو غم ۽ فکر رک چاڪاڻ تہ اصل شيءِ دين جو غم ۽ فکر آهي، ٻيا سڀ غم انهي کان تمام گهٽ آهن. دنيا جو غم نہ ڪر، چاڪاڻ تہ اجايو آهي. ڪوبہ ماڻهو دنيا ۾ خوش نہ آهي.

مثنوي نهر البحر جي 30 صفحي تي نماز جي حقيقت ۽ ترغيب هن طرح بيان ڪئي اٿن:

باش خائف دم بدم پيش آن ودود
در قيام و در رکوع و در سجود
در حديث آمد که آن معبود پاک
وقت شغل اندر نماز اهل خاک
حاضر آيد نور ذات پاک
پيش آن الله گو الله جو
در ميان قبله و اهل نماز
حق بود حاضر تو نيکو کن نياز (بيدل)

ترجمو: هر وقت الله جي اڳيان خائف رهہ. قيام، رکوع ۽ سجدي ۾. حديث ۾ آيو آهي تہ اُهو معبود پاڪ نياز واري نمازيءَ جي شغل وقت انهيءَ پاڪ ذات جو نور حاضر رهي ٿو. انهيءَ الله الله ڪندڙ ۽ الله کي ڳوليندڙ اڳيان نمازيءَ ۽ قبلي جي درميان الله موجود هوندو آهي، تنهن ڪري تون چڱيءَ طرح نياز ڪر.

بيدل صاحب صرف پنج وقتي نماز جو پابند نہ هو پر تهجو خيز ۽ اشراق نماز بہ اڪثر پڙهندو هو، ان قسم جا دليل ۽ سندون سندن سوانح ۾ موجود آهن.

**عقيدو پهريون: الله تعالىٰ جي باري ۾**

اما ذاته تعالیٰ اینما تولوا فثم وجه الله. اما جو هر نور جبین لا تدرکه الا بصار و یدر که الابصار.

ترجمو: جيڏانهن بہ منهن ڪريو، اتي الله جو رخ آهي. پر نوراني پيشاني جي جوهر ۽ گوهر کي سپڪا اک ڏسي نٿي سگهي، پر سندس اکيون ڏسن ٿيون.

شرح: مٿين حقيقت کي سمجهڻ لاءِ سندن ڪتاب تقويت القلوب جي 185 صفحي تي محبوب سبحاني جو فرمايل ارشاد ۽ سندن هڪ ڪلام جي ٻن ٽن مصرعن ۾ وضاحت آهي، سا پيش ڪريان ٿو: رايت ربي بعين ربي. (ترجمو: مون پنهنجي رب کي، پنهنجي رب جي اک سان ڏٺو آهي)

جان جان اپنا آپ نہ لکین تان تان ذوق ظهور نہ چکین
ذات ٿيوين، پڇي ويکين ذات

**عقيدو ٻيو: سيد المرسلين جي باري ۾**

احمد مجتبیٰ محمد مصطفیٰ ﷺ سر گروه جمیع انبیا و رسل است و وجود مسعودش مقصود ذات و صفات و مبداء و معاد کل.

ترجمو ۽ شرح: احمد مجتبیٰ ﷺ سيني نبين ۽ رسولن جو اڳواڻ ۽ امام آهي ۽ سندن وجود پاڪ ذات ۽ صفات جو مقصود ۽ هر هڪ شروعات ۽ انتها جو مقصود ۽ مطلوب آهي. سندن هڪ ڪلام ۾ هن طرح شرح ٿيل آهي:

ٹلهہ – صورت محمدي مين روشن هی سر سارا
صورت نہ کهہ اسي کو وه نور ہی نیارا
1. محبوب سر ذاتي آئينه هر صفاتي
اس کي ظهور سيتي اجلا ہيا اندهارا
2- شمع جمال خوبان اس کي جهلکسي روشن
دونون جڳت کي مورت اس سی هو آشکارا

**عقيدو ٽيون: پنجن تنن جي باري ۾**

شان و شرف خمسه طاهره عليه السلام متجاوز از حد تشريح و بيان است وهر مستفيض صوري و معنوي را روئي التجا بجاب جلالت ايشان.

ترجمو ۽ شرح: پنجن تنن پاڪن جو شان ۽ شرف تشريح ۽ بيان جي حد کان ٻاهر آهي (پر ٿورن لفظن ۾ هئين ڪٺي چئجي ته) هر چيز ظاهري خواه معنوي فيض وٺندڙ، سندن اعلىٰ شان حضور ۾ التجا جو هٿ ڊگهيريندڙ آهي.

عقيدو چوٿيون: خلفاءِ راشدين جي باري ۾.

بيدل صاحب پنهنجي ڪتاب رياض الفقر جي 58 صفحي تي

26 مصرعا چيا آهن، تن مان ضرورت مطابق 18 مصرعا پيش ڪيا اٿم:

1- رڪن هر چار معمار پيغمبر ابوبڪر و عمر و عثمان و حيدر

(چارئي پيغمبر جي محلات جا رڪن آهن: ابوبڪر، عمر، عثمان ۽ حيدر)

2- ابوبڪر است خورشيد معافي عمر ثاقب شهاب جاوداني

(ابوبڪر حقيقي سج آهي: عمر هميشه چمڪندڙ ستارو آهي)

3- شبستان قدم را شمع عثمان علي سر جلوه تحقيق عرفان (عثمان قديمي محلات جي شمع آهي: علي، حقيقت جي عرفان جي جلوه جو راز آهي.)

4- يکي صديق يار غار احمد دوم مصطفىٰ شرار شرک و امجد (صديق، هڪ احمد جو يار غار آهي: ٻيو وڏن شرڪن جي شعلن کي وسائيندڙ آهي)

5- سيوم گلدسته گلزار نورين چهارم شاه اشجع عين هر عين (ٽيون (عثمان) نورين جي باغ جو گلدستو آهي: چوٿون (علي) پهلوانن جو سردار ۽ هر اک جي ديد آهي.)

6- اگر هر چار ديوار صفا را نبود اين چار پشتيبان برپا

(جيڪڏهن پيغمبري محلات لاءِ اهي چار ٽيڪون نه هجن ها)

7- نبودي رنگ عمرانات ارواح ظهور آور بدير انگاه اشباح

(ته روحانيت جي عمارتن جو رنگ نه رهي ها: چمڪ ۾ شک ۽ شبهو ظاهر ٿي پوي ها.)

8- سزد گرلب بخواهش واکشايم که تا باشند شاهان جان فزايم

(جيڪڏهين سندن طلب ۾ چپ چوريان ٿو ته منهنجي جان کي شاه ترقي ڏين ٿا)

9- اغثني يا رفيق رهبر حق توئي مهدي عالم و نور مطلق

(اي حق جي رهبر جا ساٿي منهنجي مدد ڪر. تون جهان جو هادي ۽ نور مطلق آهين)

10- بحق منصب عالي قدر خويش عطا صديق محبت کن بدرويش (پنهنجي شان ۽ عالي منصب جي صدقي. هن درويش کي صدق محبت عطا ڪر)
11- بفريادم رس اي فاروق سلطان توئي بيشک مغيث انيس وهم جان (اي فاروق سلطان، منهنجي دانهن ورناءِ. بيشڪ تون ئي انسانن ۽ جنن جو فرياد رس آهين)
12- بحرمت اقتداري خود که داري به بخشا ذوق دل وهم خاکساري (پنهنجي اقتدار ۽ طاقت جي صدقي دل جو ذوق ۽ خاکساري عطا ڪر.)
13- بگير اي شاه عثمان دست بيکس توئي مقبول رب العالمين بس (شاه عثمان:(هن)عاجز جو هٿ وٺ تون رب العالمين جو مقبول آهين)
14- بشان عاليت الطاف فرما که بيند چشم دل نور تجلا
(پنهنجي عالي شان جي صدقي لطف فرماءِ جو دل جي اک نور جا تجلا ڏسي)
15- مدد يا شاه مردان طريقت توئي ساقي مستان حقيقت
(اي طريقت جي مردن جا شاه مدد ڪر. تون ئي حقيقت جي مستن جو ساقي آهين)
16- بفز سر خوشي حال تعرف بنوشانم مي از جام تصوف
(عرفاني حال جي خمار جي صدقي تصوف جي جام مان، مون کي وحدت جو شراب پيار)
17- خدايا حرمت هر چار سلطان که دين خاص راهستند ار کان
(اي الله چئني شهنشاهن جي صدقي، جو خاص دين جا ارڪان آهن)
18- مرا گردن گدائي کوئي اوشان بجام فيض مست از بوئي اوشان
(مون کي انهن جي گليءَ جو گداگر بڻاءِ. انهن جي خوشبوءِ مان فيض جي جام سان مست بڻاءِ)

عقيدو پنجون: ٻارهن امامن جي باري ۾.

دوازده ائمه اهلبيت نبوت خاندان عاليشان، قسم نار و جنان اند، و عطا فرمائي منصب ولايت اغواث زمان و اقطاب دوران.
ترجمو: ٻارهن امام عاليشان نبوت جي خاندان جا اهل بيت آهن، دوزخ ۽ جنت جا ورهائيندڙ آهن ۽ ولايت جو عهدو عطا ڪندڙ ۽ وقت جو غوث ۽ قطب بنائيندڙ آهن.

**غزل**

1- افروخت عشق شمع جمال محمدي
شد مرتضیٰ ظهور کمال محمدي

(محمدي جمال جي شمع مان عشق روشن ٿيو. محمدي ڪمال مان حضرت علي مرتضىٰ ظاهر ٿيو)

2- حضرت حسن شعاع هما آفتاب بود
شبير شمس نور جلال محمدي

(حضرت حسن انهيءَ ساڳئي آفتاب جو شعاع هو، حضرت حسين، محمدي جلال جي نور جو سج هو)

3- زين العباد و باقر و جعفر صفات است
ڪاظم و رضا است مظهر حال محمدي

(حضرت زين العابدين، حضرت باقر ۽ حضرت جعفر سندس صفتون آهن. حضرت ڪاظم ۽ حضرت رضا، محمدي حال جا مظهر آهن)

4- تقي و نقي عسڪري القاب وي شده
مهدي است موبو مثال محمدي

(امام تقي، نقي ۽ عسڪري سندس لقب آهن. مهدي هو. هوبهو محمدي مثال آهي.)

5- بيدل زعشق بهره دهندت بگو بصدق
صلوات بر محمد و آل محمدي

(اي بيدل! توکي عشق مان بهرو ڏيندا (تنهنڪري) تون صدق سان چئو يا پڙهه صلوات محمد تي ۽ محمد جي آل تي.)

عقيدو ڇهون: ڏهن بشارت ڏنل اصحابن جي باري ۾.

عشره مبشره مقربان درگاه نبو تند، معدن ايمان و عرفان و معزن دين و فتوت.

ترجمو: ڏهه بشارت ڏنل اصحاب نبوت جي درگاه جا مقرب آهن، ايمان ۽ عرفان جي کاڻ آهن، دين ۽ ڪاميابي جو خزانو آهي.

قرآني آيت بہ هيءَ ڏنل آهي: اما العشرة المبشرة يتبشرون بنعمة من الله و فضل

ترجمو: ڏهن بشارت ڏنل (اصحابن) کي الله جي نعمت ۽ فضل جي بشارت ۽ مبارڪ ڏني ٿي وڃي.

عقيدو ستون: مذهبي امامن جي باري ۾.

ائمه مذهب اربعه ستون بارگاه شرح اندر رباني معمار تقوىٰ ورع.

ترجمو: چارئي مذهب امام شريعت جي درگاه جا مقرب آهن. تقويٰ ۽ پرهيزگاريءَ جي عمارت جا بانيڪار آهن.
آيت: اما المجتهدون اولائک کتب في قلوبهم الايمان و ايديهم بروح منه.
ترجمو: مجتهد شخص هي آهن، جن جي دلين ۾ ايمان لازم ۽ فرض ڪيو اٿس، انهن کي پنهنجي روح مان.
عقيدو اٺون: محبوب سبحاني سيد عبدالقادر جيلاني جي باري ۾.
انهيءَ باري ۾ سندن ڪتاب ”رياض الفقر“ جي 61 صفحي تي 22 مصرعن مان صرف پنج مصرعا پيش ڪيا اٿم:
1. هما نوري کز و عالم منير است
فروغ نور پاک دستگير است
(اهو ساڳيو نور آهي، جنهن ڪان جهان روشن آهي، پاڪ نور جو شعاع ستگير آهي)
2. زنور او جهان را ديده روشن
ببويءَ او زمين را خانه گلشن
(انهيءَ جي نور سان جهان جي اک روشن آهي، انهيءَ جي مهڪ سان زمين گل و گلزار آهي.)
3. روان بر لوح کاف و نون قلم او
رقاب اوليا زير قدم او
(ڪاف، نون ۽ لوح قلم تي سندس حڪم جاري آهي، اوليائن جي گردن، سندس قدم جي هيٺان آهي)
4. مريدي لا تخف عهد عطا تست
کنون اي الوفا وقت وفا تست
(اي مريد ڪوبہ خوف نہ ڪر، تنهنجي بخشش جو عهد آهي. اي وفادار جوان، تنهنجي وفا جو وقت آهي)
5. تو سلطان دل و محي العظامي
تو يوسف صورت و عيسىٰ کلامي
(تون دل جو بادشاه ۽ عضون جو زنده ڪندڙ آهين. تون يوسف صورت ۽ عيسىٰ صفت ڪلام ۽ (دم) رکندڙ آهين)
عقيدو نائون: اولياءَ ڪرام جي باري ۾.
1. چون در دل تو حب فقرا نهاد حق

میدان بیقین که مطلب کلي تو داد حق
(اللّٰہ تعالیٰ جيڪڏهين تنهنجي دل ۾ فقرا جي محبت رکي آهي تہ يقين ڪري سمجھ تہ اللّٰہ تنهنجا سڀ مطلب پورا ڪري ڇڏيا).
2. ليکن بشکر آنکه تر اکرده اند یاد
دم بر میار تاک توئي جز بیاد حق
(سو شڪر هن ڪري ڪر، جو توکي ياد ڪيو اٿس. فخر نہ ڪجانءِ تہ اللّٰہ فقط توکي ئي ياد ڪيو آهي.)
3. بيدل سري بنه سر خاک اولیا
بل خاک آستانه شان ساز توتیا
(بيدل پنهنجي سر کي اوليائن جي خاڪ مٿان رک، بلڪ اُنهن جي آستان جي خاڪ جو سرمو ٺاهہ.)
بيدل صاحب ”نهر البحر“ ڪتاب جي 45 صفحي تي فقراءَ ۽ اللّٰہ وارن جي تشريح ڪندي فرمايو آهي تہ ڪهڙن فقيرن جي صحبت فيض بخشيندي ۽ ڪهڙن جي صحبت ۽ سنگت نقصان رسائيندي آهي:
1. صحبت صوفي صفائي بخشدت
از تعلق تن رهائي بخشدت
(صوفين جي صحبت توکي اهڙي صفائي عطا ڪندي جو توکي جسم جي تعلقات کان آزاد ڪري ڇڏيندي
2. صحبت درویش اهل معرفت
سازدت از نور خود روشن صفت
(معرفت واري درويش جي صحبت توکي پنهنجي نور مان روشن صفت بڻائي ڇڏيندا.)
3. صحبت کامل ترا بخشد کمال
صحبت اهل هوس بخشد ضلال
(ڪاملن جي صحبت توکي ڪمال بخشيندي. هوس وارن جي صحبت گمراهي بخشيندي.)
4. صحبت فقرا ترا بخشد صفا
صحبت جهلا دهد رنگ و دغا
(فقرا جي صحبت توکي فيض بخشيندي. جاهلن جي صحبت دغا جو رنگ چاڙهيندي)
5. از کدورت محبت تن پروران
دل سیاه و تیره گردد در زمان

(تن پرورن جي صحبت جي ڪدورت دل کي ڪارو ۽ ڪنور، اُتي جو اُتي ڪري ڇڏيندي.)
6. صحبت اصحاب دل سود نهان است
صحبت اهل دول رنج و زيان است
(اصحاب دل جي صحبت مخفي فيض عطا ڪندي آهي. دولتمندن جي صحبت ۾ دک ۽ نقصان آهي.)
7. اهل دين باش و حقيقت دوست شو
مغز را بگزين بري از پوست شو
(ظاهر دين دار هج ۽ باطن ۾ حقيقت جو دوست هج. اصل شيءِ کي هٿ ڪر، کل ۽ پوست کان پڃي بيزار ٿي.)

**عقيدو ڏهون: پرده نشين اولياءَ ڪرام جي باري ۾**

بيدل صاحب "تقويت القلوب" جي 190-191 صفحي تي "مرد نہ مرن ڪڏهين ڪوپا هن قائم" جي موضوع تي ڪافي دليل ۽ سندون لکيون اٿن، سي ڪتاب جي طوالت سبب سڀ پيش ڪرڻ مشڪل آهن، تنهن هوندي بہ محبت وارن واسطي ڪجهہ ضروري سندون پيش ڪريان ٿو:

1. ابي سعيد الخذري رضہ قال قال رسول الله ﷺ مثل الذي يذڪر ربه والذي لا يذڪر ربه ڪمثل الحي والميت،
(حديث متفق عليه)
(ابي سعيد الخذري رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ ذاڪر شخص جو مثال حيُ ۽ زنده وانگر آهي ۽ غافل شخص جو مثال ميت ۽ مرده وانگر آهي.)

2. بر روئي خلائق در صحبت مکشائي
مي باش بکلي متوجه بخدائي
غافل مشواز ذوق دل و ذکر زبان
تا زنده جاويد شوي در دو سرائي
(مخلوقات جي اڳيان صحبت جو دروازو نہ کول، سراسر خدا ڏانهن متوجہ رهہ. دل جي ذوق ۽ زباني ذڪر کان غافل نہ رهہ، جيستائين ٻنهي جهانن ۾ هميشه لاءِ زنده ٿي پوين.)

3. هرگز نميرد آنکه دلش زنده شد بعشق
ثبت است بر جريده عالم دوام ما

(خواجه حافظ)

(جنهن شخص جي دل، عشق سان زنده ٿي پئي، سو ڪڏهين نہ مرندو. (اهو) اسان جي دائمي جهان جي بورڊ تي لکيل آهي.)

4. اي بيتو حرام زندگاني خود بيتو كدام زندگاني
هر زندگي كه بيتو باشد مرگ است بنام زندگاني

(اي محبوب توکان سواءِ زندگي حرام آهي. خود تو کان سواءِ ڪهڙي زندگي آهي، جا توکان سواءِ آهي، سا حقيقت ۾ مردو آهي، صرف ظاهري زندگي نالو اٿس.)

5. آن كس كه عشق تو ندارد خبري
هر چند بود زنده مماتي دارد
و آنكس كه بياد تو برد عمر بسر
بي جان بہ بقائي تو حياتي دارد

(جو شخص تنهنجي عشق کان بي خبر آهي، سو ڪيترو بہ زنده هجي (حقيقت ۾) مردو آهي ۽ جنهن شخص تنهنجي ذڪر ۾ عمر ختم ڪئي سو بي جان، تنهنجي بقا سان حيات آهي.)

6- هرکرا جانش تو باشي خوش آنجاني کہ جانانش تو باشي

(جنهن شخص جي جان تون ٿي پئين، واه جو اهو محبوب آهي، جنهن جو محبوب تون ٿي پئين)

7- مرڻان اڳي جي مئا، سي مري ٿين نہ مات
هون سي حيات، جيڻا اڳي جي جيا (شاه)

8- جيڻا اڳي جي جيا، جڳ جڳ سي جين
موٺي سي نہ مرن، مرڻا اڳي جي جيا (شاه)

9- مرد نہ مرن ڪڏهين، ڪوپا هن قائم
هم مرين تہ گرو مري، دولهہ مارن دم
ديهي ريءَ دائم، حاضر هن هر جاءِ تي (بيدل)

10- المومن من حيّ في الدارين (حديث)
(مومن ٻنهي جهانن ۾ حيّ ۽ زنده آهي)

11- ان اولياءَ الله لا يموتون ولا كن ينتقلون من دار الا دار. (حديث)

(تحقيق الله جي اولياءَ مرندا نہ آهن پر هڪ گهر ڇڏي ٻئي گهر ڏانهن ويندا آهن.)

12- فلنحيينه حيواة طيبة . (القرآن)

(اسان انهن کي پاڪ حياتيءَ ۾ حيات رکندا آهيون.)

13- کل نفس ذائقة الموت. (قرآن)

(هر هڪ نفس موت جو ذائقو چکندو.)

هن آيت جي تفسير ۾ بيدل صاحب لکيو آهي تہ "ڪشف الاسرار" واري ۽ محققن فرمايو آهي تہ نفس ۽ بشريت کي موت ايندو ۽ معرفت واري جان ۽ روح کي موت نہ ايندو، بلڪ حيات طيبه جي حياتيءَ ۾ هميشه حيات رهندو.

14- ڪاتي ڪني سيڪا، اڪين ڪني آءُ

جا نينه ڳنهندي ناءُ، سا مون جيان پوندي مامري (شاه)

(هڪڙا جهاد اصغر ۾ تلوار وغيره سان شهيد ٿيا ۽ هي جهاد اڪبر ۾ الاهي رضا ۽ نظر رحمان سان شهيد ٿيا آهن.)

15- ولا تقولوا لمن يقتل في سبيل الله اموات! بل احياءُ ولاکن لا تشعرون. (قرآن)

(جيڪي الله جي راه ۾ شهيد ٿيا، تن کي مئل ڪڏهن نہ چئو، بلڪ اهي حيات ۽ زنده آهن. پر اوهان کي شعور ۽ سمجهڻ جو مادو نہ آهي.)

16- بيائي بيايم ز گنبذ فرود رساني درودم رسالم درود

(اي حاجتمند) تون جي اچين ٿو تہ آءُ اچان ٿو آسمان کان هيٺ لهي. تون جي مون کي درود ۽ دعا ٿو رسائين، تہ مان بہ توکي دعا ٿو ڏيان.)

مرا زنده پندار چون خويشتن من آيم بجان گر تو آئي بتن

(مون کي تون پاڻ وانگر زنده سمجهہ. مان جان سان ايندو آهيان، جيڪڏهن تون جسم سان ايندو آهين.)

مدان خالي از همنشيني مرا بہ بينم ترا گر نہ بيني مرا

(مون کي پاڻ کان ڌار نہ سمجهہ آءُ توکي ڏسان ٿو جيڪڏهن تون مون کي نہ ٿو ڏسين)

دعاء تو بر هرچہ آرد شتاب من آمين کنم تا شود مستجاب (مخدوم نظامي)

(جيڪا بہ تنهنجي دعا آهي، سا جلد قبول ٿئي. تنهن لاءِ مان آمين چوندو آهيان.)

## عقيدو يارهون: ساز ۽ سرود جي باري ۾

كافي روپ بروه

| تلهہ: | ذوق سرود پچو درويشان | بي دردان نون خبر نہ كائي |
|---|---|---|
| 1- | اَلسماءُ معراج الاولياءُ | فتوىٰ يارن هيءَ فرمائي |
| 2- | بره آواز كري بي رنگيءِ | مستيءَ وارن موج مچائي |
| 3- | انحد جي لونءَ لونءَ ۾ يارو، | نوبت زوريءَ نينهن وڄائي |
| 4- | نال تنبور سرندا طبلاءِ | مشتاقن ڏين مت اهائي |
| 5- | عبديت اولو تي "بيدل"، | صوفين جي وٿ رمز سجائي |

كافي روپ بروه

| تلهہ: | سالك رمز سرود جي سمجهن، | مورک مول نہ مجن كڏاهان |
|---|---|---|
| 1- | راڳ جا مائل من جا قائل، | وٺن سي رمزن واريون راهان |
| 2- | سٽي سرود سكر ۾ بيخود، | بي سر پهرن قرب كلاهان |
| 3- | پنهنجو پاڻ ويكن ۽ وسهن، | ناميان جاڏي كرن نگاهان |
| 4- | ناچ نچائن، ڳائڻ ڳائن، | عرشون لڳن انهن جون آهان |
| 5- | نيهن ۾ پاڻ نچائن "بيدل" | درد جو يار، دليون ٿڄ خواهان |

## قاضي پير محمد جو انتقال

سنہ 1284 ھ ۾ بيدل صاحب جو ٻيو نمبر فرزند محمد فريد ستن سالن جي عمر ۾ گذاري ويو، جنهن جي مزار فقير صاحب جي درگاهہ جي ڏکڻ طرف ٿلهي تي آهي. اهو صدمو اڃي ئي هيو تہ سنہ 1285 ھ ۾ شوال جي 3 تاريخ آچر رات، سندن غمثار محبوب ۽ مونس، داعي اجل کي لبيڪ چئي، هي جهان ڇڏي، فقير صاحب کي ڏوجهڙي ۾ وجهي ويو. سندن مزار مولانا عبدالحليم جي ٽڪري تي، ريلوي لائين مٿان چوديواريءَ ۾ آهي. قاضي صاحب جي انتقال کان پوءِ بيدل صاحب سندن رحلت جون تاريخون ۽ سندن باطن جو حال بيان ڪيو آهي، تنهن مان صرف ٻہ ٽي مثال پيش ڪريان ٿو:

آخي و عضدي بمزلة الروح من جسدي، مقبول بارگاه صمدي مغفور مرحوم قاضي پير محمد غفرالله له.

1. سالڪ طريق پير محمد كه در زمان
گوبرده در سلوڪ طريقت ز سالڪان
2. باخاص و عام داشت ره خدمت و نياز
مي ديده نرو جلوه همه اوست راعيان
3. بعد از بلوغ سير الي الله سر نمود
سال چهل جدا ز تن آمد به ملڪ جان
4. سيم شوال درشب يڪ شنبہ نيم شب
دست از نشان به شست در آن بحربي نشان
5. وقت عروج طائر روحش فرشته گفت
پرواز ڪرده نيم شب سوئي آشيان

سال 1285 ھ

تاريخ وفات درويش محبت ڪيش محو ذات احد، مغفور مرحوم قاضي پير محمد الحقه الله باالصالحين وادخله في زمرة العاشقين و نور الله مرقده بنور اليقين.

| | |
|---|---|
| چونکه قاضي پير محمد باهدیٰ | کرد اندر عشق حق جان رافدا |
| دل از سال وصل او داده خبر | گفت بد پروانه شمع خدا |
| پير محمد مظهر فيض الله | چون سوئي عالم بقا پيموده راه |
| هاتف از سال و صالش باز گفت | در جهان جان گرفت آرام گاه |

سال 1285 ھ.

**بيدل جي محويت**

قاضي صاحب جي جدائي کان پوءِ بيدل صاحب جن کي به ڪتاب ڪونه لکيو آهي پر فراق جا ڪلام ۾ ڏوهيڙا ڪافي ڇپيا آهن. انهيءَ کان سواءِ متن اڪثر محويت جو غلبو غالب هوندو هو ۽ عجيب قسم جا واقعا نمودار ٿيندا هئا. پر آءُ صرف هڪ واقعو، قاضي غلام مهديءَ جو لکيل پيش ڪريان ٿو:

پائي ويرو مل ويٺل ٽنڊي مستي خان جو، هڪڙي دفعي بيدل صاحب جي زيارت ۽ قدم چمڻ جي ارادي سان روهڙيءَ ۾ اچي فقير صاحب جي اوطاق تي رهيو. جڏهن رات ٿي تڏهين خلاصي ڪنڊ وني وڃي سمهي رهيو پر ڪيس ننڊ نه آئي. ڪافي وقت پاسا اٿلائيندو رهيو. تڏهين خيال ٿيس ته فقير صاحب وٽ وڃي ڪين زور ٿو ڏيان. انهيءَ ارادي سان رات جو اٽڪل ٻي ٽي بجي فقير صاحب جي کٽ جي قريب اچي ڏسي ته فقير صاحب ٽڪرا ٽڪرا ٿيو پيو آهي. اهو حال ڏسي ويرو مل کي اچي هراس ورتو ته شايد مالڪن کي ڪنهن ماري ٽڪر ٽڪر ڪري ڇڏيو آهي، تنهنڪري هو تڪڙو پيچي اچي پنهنجي جاءِ تي رلهي پائي سمهي پيو. جڏهين صبح ٿيو، تڏهن خوف وچان ٿڙڪندي فقير صاحب جي کٽ جي ويجهو اچي ڏسي ته سندن کٽ خالي پئي آهي، انهي تعجب ۾ پئجي دروازي تائين پهتو ته سامهون ڪيس فقير صاحب مليو ۽ فرمايائونس ته "بچا! ڊڄ نه، فقط اهو وقت اسان وٽ اچڻ جو نه آهي." پوءِ هو سندن قدم چمي، ڪانئن دعا گهرائي ڳوٺ هليو ويو.

متي بيان ٿيل واقعي جي حقيقت شاه صاحب جي بيت سان نروار ٿي ٿئي:

هٿ ڪرايون آڱريون، ڪپجي ويون ڪانهه
وحدت جي وهانءَ، جي ويا سي وڍيا.

## بيدل ڪامل ولي الله

اڪثر عام ماڻهو ڪرامتن جا شائق هوندا آهن، پر منهنجي نزديڪ زنده دل ۽ با خدا بڻائڻ کان سواءِ ٻيون سڀ ڪرامتون گهٽ آهن، تنهن ڪري هادي سائين جي ڪجهه زنده دل طالبن جا اسم گرامي پيش ڪريان ٿو، جيڪي سندن ڪماليت جو ثبوت آهن:

1- سندن فرزند محمد محسن عرف بيڪس، جنهن جي مزار ساڻن گڏ آهي.
2- فقير عبدالله، جو سندن سوٽ ۽ چاٽو آهي، جنهن جي مزار به گڏ آهي.
3- غلام محمد فقير شڪارپوري، جنهن جي مزار سندن قدمن ۾ آهي.
4- قاضي پير محمد، جنهن جي زنده دليءَ جو ثبوت هن کان اڳ آيل آهي.

5- قاضي غلام حسين مست فقير.
6- ڀائي ڪشنداس پير ڳوٺ جو.
7- پارو شاهہ جو ڀائي وسڻ رام روهڙيءَ واري ٺڪاٽيدار جو گرون هو.
8- مائي رامي پير ڳوٺ جي، جا هميشه مراقبي ۾ رهندي هئي ۽ اڄ ڏينهن تائين پير ڳوٺ ۾ ٺڪاڻو اٿس.
9- الله بخش جنهن کي سندن مزار مقدس مان فيض مليو، جنهن جي درگاهہ روهڙيءَ جي دريا بندر تي آهي.
10- قاضي عبدالخالق سکر جو مست فقير، انهيءَ کي بہ سندن مزار مقدس مان فيض مليو.

انهن درويشن جي زنده دليءَ جا واقعا ۽ مثال، هن فقير جي ذهن نشين آهن. اُهي جيڪڏهين لکندس تہ هڪ جدا ڪتاب بڻجي ويندو، انهيءَ ڪري صرف اسم گرامي ڏنا اٿم.

**بيدل متوڪل ولي الله هو**

انهيءَ زماني ۾ مير علي مراد خان، الله وارن جي خدمت ڪرڻ فخر ۽ ڪار ثواب سمجهندو هو. انهيءَ ڪري ڪن درويشن کي زمينون بخشش طور ڏنائين تہ ڪن جي ٻيءَ طرح خدمت ڪيائين. بيدل صاحب جي خدمت ڪرڻ واسطي بہ هڪ ماڻهو هٿان دعوت نامو ڏياري موڪليائين تہ مهرباني فرمائي دعوت قبول ڪري قرب جا قدم گهمائي وجو. فقير صاحب انهيءَ جي جواب ۾ هينيون رقعو تحرير فرمائي، قاصد جي حوالي ڪيائون:
محترم و معزز جناب مير صاحب!
بعد السلام عليڪم جي واضح هجي تہ هي فقير اوهان ڏانهن اچڻ کان مجبور ۽ معذور آهي، ڇاڪاڻ تہ سرور عالم صلعم جو ارشاد آهي تہ: "نعم الامير و علیٰ باب الفقير، و بئس الفقير علیٰ باب الامير."
خادم العلماءُ فقير عبدالقادر روهڙي.
ترجمو: فقير جي دروازي تي، امير جو اچڻ نعمت ۽ افضل آهي، ۽ امير جي دروازي تي، فقير جو وڃڻ بڇڙو ۽ خراب آهي.

ڪجهہ ڏينهن گذرڻ بعد مير صاحب ڪجهہ ڪٽڪ جا پيريل اُٺ، رپين جي هڪ پيريل ڳوٿري ۽ سرڪاري مهر لڳل زمين جي بخشش جو پروانو، هڪ خاص ماڻهو هٿان، بيدل

صاحب جي خدمت ۾ ڏياري موڪليو. جڏهين فقير صاحب وٽ اهو سڀ ڪجهه پهتو ته پاڻ زمين جو پروانو ته بروقت ڦاڙي فرمائڻ لڳا ته ”الحمد الله زنجيرن کان آزاد ٿياسون،“ باقي مٿن جيڪو قرض هو، سو ادا ڪيائون ۽ ڪجهه سير ڪڻڪ گهر موڪليائون، باقي ٻيو سڀ ڪجهه انهيءَ وقت ئي ماڻهن کي خير خيرات ۾ ڏئي، پوءِ گهر هليا ويا.

### لذتن ۽ خواهشن کان ترڪ

سندن طالب فقير قاسم علي ميربحر هڪڙي وقت فقير صاحب جي خدمت ۾ وڏي محبت منجهان هڪ شيشو مکڻ جو ڀريل ٻيو ماکيءَ جو شيشو، سندن کائڻ لاءِ کڻي آيو ۽ سندن خدمت ۾ پيش رکيائين ته مالڪن پڇا ڪئي ته: ابا هي ڇا آهي؟ عرض ڪيو ويو ته: قبلا! هڪ شيشي ۾ ماکي ۽ ٻئي شيشي ۾ مکڻ آهي، مالڪن جي کائڻ واسطي کڻي آيو آهيان. اهو ٻڌڻ شرط سندن حالت بدلجي وئي، منهن مبارڪ سرخ ٿي ويو ۽ نيڻ وهڻ لڳا ۽ وجد طاري ٿي ويو. قاسم علي فقير دل ئي دل ۾ جهرندو ويو ته مون کان الائي ڪهڙي غلطي ٿي وئي آهي، جو مرشدن کي وڏي سوز ۽ بيچيني ۾ وجهي ڇڏيم. سو گهڙي وقت کان پوءِ جڏهين فقير صاحب جو جوش ڍرو ٿيو، تڏهين فقير قاسم علي ادب جا هٿ ٻڌي عرض ڪيو ته: قبلا سائين! مون کان الائي ڪهڙي خطا پئي، جو اوهان جي دل دکي پئي. فقير صاحب فرمايو ته: ابا! خطا ڪا به نه آهي، فقط مکڻ ۽ ماکيءَ جي نالي کڻڻ وقت نالائق نفس جو سور ۽ پرين جو پور اچي پيو.“

### بيدل صاحب جي شخصيت

بيدل صاحب جيد عالم ۽ ڪامل عارف هئا. وجد جي ڪيفيت طاري هوندي به ظاهر سندن با شرع ۽ سنت محمدي جا پائبند هئا. خانداني نسبت هوندي به بزرگي ۽ خود داري کان پڇي، رنديءَ جي رمز ۾ رهندا هئا. جيئن پاڻ فرمايو اٿن:

بزرگيءَ کان پڇي بيدل رنديءَ جا رنگ رچاياسي.

اعليٰ توڙي ادنيٰ ماڻهن لاءِ سندن دروازو هميشه کليل رهندو هو. جيڪڏهن ڪي شخص وٽن اچي، پنهنجي بزرگي ۽ خانداني بيان ڪندا هئا ته پاڻ فرمائيندا هئا ته: بابا! اوچو اهو آهي جيڪو نيچو آهي. خودي خراب آهي، شاه صاحب پڻ فرمايو آهي ته:

پانئڻ پڇي ڇڏ، نه ته جاڻ وجهندءِ جار ۾،

آءُ اسين جي چون، آڏو تن نہ اڏ
پاڻ تنين سين گڏ، نينهن جنهين جو ناه سان.

وحدانيت جي سرور ڪري سندن منهن مبارڪ اهڙو تہ سرخ هو، جهڙو لال پٽو انب. نيڻ هميشه خماريل هوندا هئا. سندن منهن موڪرو ۽ پيشاني ڪشادي هئي ۽ سونهاري دن جي قريب هئي. سندن زلف ڪلهن تائين هوندا هئا ۽ قد پورو پنو هو. سر مبارڪ تي صوفين واري ٽوپي ۽ ڪلهي تي گيڙو رتل بوڇڻ هوندو هو. سادو ڪائيندا هئا ۽ سادو پهريندا هئا. پاٽي پري ڏيڻ لاءِ بہ ڪنهن کي نہ چوندا هئا. انهيءَ ڪري هڪ دلو سندن ڪٽ جي پر ۾ رکيل هوندو هو.

"الفقرو فخري والفقرمني" جي حديث جي رنگ ۾ رڱيل هوندا هئا. خلق عظيم سندن پيشو هو. "ماينطق عن الهوىٰ" سندن گفتار هئي. روزانو تهجد نماز کان پوءِ مراقبي ۾ وهڻ جي عادت هوندي هئن. صبح نماز کان پوءِ ڪنهن الله واري جي درگاه تي وڃي مراقبي ڪرڻ کان پوءِ اشراق نماز پڙهي پنهنجي اوطاق ڏانهن واپس وري، قاضي صاحب جي ٻارن کي درس ڏئي پوءِ روح رهاڻ جو رنگ رچائيندا هئا.

**بيدل جو سلسلهء طريقت طريقو پهريون**

منبع فيوضات و مخزن اسرار

محمد مصطفیٰ صلی الله عليه و آله وسلم

مرشد کل اهل عرفان علي المرتضیٰ عليه السلام

بسلسله پيران کبار غوث الثقلين سيد عبدالقادر جيلاني ثانين

بسلسله رهنمايان طريقت، قادري چشتي عبدالملک ڏگٽي برهان پوري قدس سره

صوفي شاه عنايت الله قدس سره ميران پور عرف جهوک شريف

صوفي سيد ميرجان الله شاه قدس سره روهڙائي

صوفي غلام رسول قدس سره وٽجارو قلائي

صوفي غلام محمد قدس سره ٻاگ ناڙيءَ

صوفي سيد عبدالوهاب قدس سره ٻاگ ناڙيءَ

صوفي ميرجان علي شاه ثاني قدس سره روهڙائي

صوفي عبدالقادر عرف قادر بخش "بيدل" قدس سره روهڙائي

صوفي محمد محسن ”بيکس“ قدس سره روهڙائي

صوفي غلام اللطيف ”مسکين“ قدس سره روهڙائي

سجاده نشين درگاه بيدل و بيکس قدس سرها روهڙي

**بيدل جو سلسله طريقت: قلندريه طريقو**

| ميرا مرشد مکمل هلاّ قلندر | حسيني حيدري سلطان سرور |
|---|---|
| قلندر آفتاب اوليا هلاّ | قلندر مظهر سر صفا هلاّ |
| قلندر صورت شير خدا هلاّ | قلندر محض ذات کبريا هلاّ |

بسلسلہ روحاني و اويسي صوفي قادر بخش قلندري "بيدل" قدس سره.

صوفي محمد محسن "بيكس" قدس سره.

صوفي غلام اللطيف "مسڪين" قدس سره.

## وفات

بيدل فقير جي انتقال جو زمانو جڏهين ويجهو آيو تہ پاڻ بيماريءَ جي شدت ڪري تمام ڪمزور ۽ ضعيف ٿي پيا. اها حالت ڪجهہ وقت هلڻ بعد ذوالقعد جي پندرهين تاريخ، سج لهڻ جي قريب، اوچتو ڪٿ تان اُٿي اوطاق جي ٻاهرئين دروازي جي چوڪٽ وٽ اچي نڪتا تہ پريان سليمان فقير سندن خدمتگار بہ ڊوڙ پائي وٽن اچي نڪتو تہ مالڪ ڪمزوريءَ جي ڪري ڪٿي ڪري نہ پون. تہ ڇا ڏسي تہ هڪ گهوڙي سوار نوراني شڪل سان دروازي جي ٻاهران رستي تي بيٺو آهي. انهيءَ وقت گهوڙي سوار هٿ مٿي ڪيو تہ فقير صاحب ڪنڌ ڪٽي نوايو. پوءِ گهوڙي سوار واپس وريو ۽ فقير صاحب پوئتي موٽي اچي بستري تي ويٺا تہ سليمان فقير عرض ڪيو تہ: قبلا! هي گهوڙي سوار ڪير هو؟ جواب ۾ فرمايائون تہ: سرور سنڌ لعل شهباز مرونڊي هئا ۽ قرب جا قدم پري آيا. ائين چئي چادر پائي سمهي رهيا تہ وجود سڪون ۾ اچڻ لڳو ۽ منهن مبارڪ ۾ محويت جا آثار ظاهر ٿيڻ لڳا. تان جو مغرب جي اذان اچڻ ڪان پوءِ جان بحق ٿي ويا. انا لله و انا اليه راجعون.

فقير سليمان هيءَ پُر ملال خبر، فقير عبدالله ۽ ڪن مخصوص محبت وارن کي پهچائڻ جو انتظام انهيءَ وقت ئي ڪري ورتو، پر هيءَ خبر هوا وانگر هر جاءِ ڦهلجي وئي ۽ محبت وارن جو هجوم ڪنو ٿي ويو. فقير عبدالله پنهنجي هٿن سان فقير صاحب کي غسل ڏئي، ڪفن پهرائي جسم اطهر کي رکائي ڇڏيو ۽ تاريخ 16 ذوالقعد سنه 1289 هہ منجهند جو مقام ڏانهن هلڻ جو اعلان ڪيو. انهيءَ ڪري سج ايرڻ ڪان پوءِ هر طرف ڪان سيد سادات، شريف شرفاءَ، امير غريب ۽ هندو وغيره اچي گڏ ٿيا. سيني جا منهن غم سان پريل هئا. تان جو ڪٽ ڪڻڻ جو وقت ٿي ويو ۽ ڪٽ ڪٽي قبرستان هلڻ لڳا. انهيءَ وقت جو منظر پر درد ۽ عجيب هو. تان جو هڪ هنڌ ڪٽ رکي جنازه نماز واسطي صفون ٻڌائون. جنازه نماز فقير عبدالله پڙهائي. جسم اطهر جي دفنائڻ جو اهڙي هنڌ انتظام ڪيو ويو

هو، جتي هڪ ننڍو وڻ هو ۽ فقير صاحب ڪن وقتن تي انهيءَ وڻ هيٺيان مراقبو ڪري ويهندا هئا، اتي ڪين سپرد خاڪ ڪيو ويو.

ٽئين ڏينهن دستور موجب بيدل صاحب جي فرزند محمد محسن ڪي دستار مبارڪ ٻڌائي وئي، ان وقت صاحبزادي جي عمر اٽڪل چوڏهن (14) سالن جي هئي. پنهنجي والد صاحب جي وصال ڪان پوءِ محمد محسن اهڙي رنگ ۾ رڱجي ويو، جو لکڻ وارن لکيو. سندس طالب سيد نواب شاه "سڪايل" روهڙائي پنهنجي ٻن ڪلامن ۾ سندس مرشد (محمد محسن "بيڪس") جي حقيقت هن طرح بيان ڪئي آهي:

<u>ڪلام پهريون</u>

ٽل: منهنجو مير محسن قلندر قلندر
سدا شائقن جي دل اندر دل اندر
1. قلندر جي عرشن مٿي آشنائي
ورتي شاه بيدل تهين ۾ فنائي
ڪيو پوءِ بيدل بيڪس ڪي تن اندر
2. تڏهين چئبو هي ٻہ تہ آهي قلندر
۽ ظاهر باطن قلندر قلندر
قلندر جي معنیٰ ڪُل اندر ڪل اندر

**ڪلام ٻيو**

ٽل: سيني گلن ۾ گل محسن
حسن حسين علي پنجتن
1. باغ بيدل جي ڪئي آهي بهاري
حسن بسونت ڪليو چوڏاري
طرحين طرحين قوهہ قلن
2. رک سڪايل سرت سدائي
در محسن جي ڪر تون گدائي
آءُ لنگهي منجهہ عشق اگن

پهريون ڪلام اٺن (8) مصرعن جو آهي، پر مون ٻه مصرعا ڏنا آهن. ٻيو ڪلام ڇهن (6) مصرعن جو آهي، انهيءَ جا ٻه صرف ٻه مصرعا ڏنا ويا آهن.
بيڪس سائين پنهنجي والد ۽ مرشد جي حقيقت ۾ سندن رحلت جي تاريخ بيان ڪئي آهي، سا پيش ڪئي وڃي ٿي:

ٿل :رمز رنديءَ جو عجائب روهڙيءَ ۾ راز هو
نالي بيدل بادشه بيشڪ اهو شهباز هو
1. موج مستيءَ ۾ سدا سلطان سرافراز هو
حلاج جي حالت ۾ هردم من خدا ممتاز هو
2. پير مغان جي پيش هڪ حقيقتاً مجاز هو
همه اوست واري حال ۾ محمود سو اياز هو
3. درد واري دور ۾ هو وير وحدت باز هو
عشق جي اوتار سان دلدار دست دراز هو
4. هن تماشي گاه ۾ اوٺهڻ جو آواز هو
مرضيءَ موجب پنهنجي سر صفاتي ساز هو
5. سال ٻارنهن سئو اٺانوي ۾ سوز گداز هو
سورهين ذوالقعد جي هادي سندو پرواز هو
بيدل مرشد منهنجو سائين غريب نواز هو
بيڪس خادم درجي ڪي، عشق جو آغاز هو

---

فقير غلام علي ”مسرور“ شڪارپوريءَ، بيدل صاحب جي عشق ۾ هڪ ڪلام چيو آهي. جنهن مان ڇهه مصرعا پيش ڪيا ٿا وڃن:

ٿل: دائم قائم قرب ڪرارو، ڪعبو قبلہ گاه
هادي بيدل شاهن شاه
1. روهڙي فرش وڇائي گادي، موڙ ٻڌي سر وينو هادي
ٿي ويئي ملڪان ملڪان منادي، واحد وجه الله .......
2. آدم شيث ايوب اهوئي، يحيٰ نوح يعقوب اهوئي
احمد مهدي خوب اهوئي، اولي منجهه الله .......

3. شبلي شمس عطار اهوئي، درس علي ديدار اهوئي
هرجا جلويدار اهوئي، سڀ جو ساه پساه .......
4. شهنشاه شهباز اهوئي، دولهہ شاه دراز اهوئي
خفي جلي جو راز اهوئي، فائق فيض درياه .......
5. ظاهر بندو باطن مولىٰ، نوان نوان نت پهري چولا
ڪڏي وجودي وهم وچولا، آيو عالي جاه .......
6. هادي حق مسرور مليو آ، ڀول ڀيو سڀ دل جو پليو آ
خيال خدائي خوب کليو آ، آندو ٺم ويساه .......

سنہ 1298 ھ ۾ فقير محسن "بيڪس" بہ 23 سالن جي عمر ۾ وصال ڪري ويو ۽ سندس مزار بيدل صاحب جي لڳ سڄي پاسي کان ٺاهي وئي. بيڪس صاحب جي انتقال کان پوءِ ٽئين ڏينهن دستور موجب فقير عبدالله پنهنجي ننڍي فرزند غلام اللطيف کي بيڪس سائين جي دستار مبارڪ ٻڌائي، سندن جاءِ نشين مقرر ڪيو. انهيءَ کان پوءِ سنه 1301 ھ ۾ فقير عبدالله بہ انتقال ڪري ويو ۽ ڪيس بہ بيدل صاحب جي لڳ کٻي پاسي کان رکيو ويو.

**بيدل جي درگاه جي اڏاوت**

بيدل صاحب جي وصال بعد ٽن ڏينهن کان پوءِ سندن مزار مقدس مٿان هڪ ڪچو ڪوٺو في الحال نهرايو ويو، جيڪو ٽن سالن تائين قائم رهيو. انهيءَ کان پوءِ سندن مزار مٿان چوڪنڊيءَ جي صورت ۾ هڪ ڪشادي درگاه تيار ڪرائي وئي، جنهن کي اوپر طرف هڪ وڏو دروازو ۽ ڏکڻ طرف بہ وڏا دروازا هئا ۽ بہ دروازا اتر طرف رکيا ويا هئا. انهيءَ کان سواءِ درگاه جي اندر پٽين تي گل پٽيءَ جو ڪم رکيو ويو. ڇت ۽ فرش تي ڪاشيءَ جون سرون لڳايون ويون هيون. انهيءَ کان پوءِ جڏهن سنہ 1298 ھ ۾ سندن فرزند محمد محسن کي ۽ سنہ 1301 ھ ۾ فقير عبدالله کي سندن لڳ رکيو ويو، تڏهين بيدل صاحب جو طالب ڀائي ڪشنداس پير ڳوٺائي پنهنجي ڳوٺ کي هميشه جي لاءِ ڇڏي درگاه تي خدمت ڪرڻ جي لاءِ رهي پيو ۽ ڪافي ڪم ڪاريون ٽيڻ لڳا. ڀائي ڪشنداس کان پوءِ سنت ٿي سنه 1923ع ۾ تنهين مزارن جي مٿان ڪانيءَ جو عجيب قسم جو ڪٽهڙو نهي تيار ٿيو. انهيءَ ڪري درگاه جو اندريون پاسو ميلي جي موقعي تي گهٽي پيهہ سبب ضرورت کان ننڍو ۽ تنگ ٿي پيو، تنهن ڪري نئين درگاه جي تعمير ٿي.

نئين درگاه جي تعمير. سنه 1945ع ۾ فقير سبحان بخش جي نگرانيءَ هيٺ اڳين درگاه شريف شهيد ڪرائي، نئين سر ڪشادي درگاه نهرائي وئي، جا هن وقت موجوده صورت ۾ آهي. انهيءَ ڪان سواءِ سنه 1963ع ۾ درگاه جي لڳ اُتر طرف هڪ عاليشان مسجد بہ فقير سبحان بخش جي ڪوشش سان نهي تيار ٿي، جا هن وقت تائين نروار ۽ وسندڙ آهي. درگاه شريف تي هميشه جي دستور موجب هاڻي بہ وڏي جوش خروش سان ذوالقعد جي 16-15 تاريخ تي عرس مبارڪ لڳندو آهي.

---

## ڪتاب پنج گنج بابت

گهڻي وقت کان دوستن جي تمنا هئي تہ بيدل صاحب جو "پنج گنج" سنڌي ترجمي سان گڏ نڪري ظاهر ٿئي، پر ڪن مجبورين جي ڪري اهو ڪم مشڪل ٿي پيو هو. هاڻي ڪن احبابن جي تعاون ڪري، الله تعالیٰ جي آسري، ڪن درجن جو ترجمو شروع ڪيم تہ حاجي محمد يعقوب صاحب ۽ حاجي غلام علي صاحب: "پنج گنج" جي ترجمي جي باري ۾ حافظ خير محمد "اوحدي" سان مشورو ڪيو، جنهن تي اوحدي صاحب ترجمو ڪري ڏيڻ جو وعدو فرمايو. انهيءَ ڪري آءُ اڳتي ترجمي ڪرڻ جو ڪم ڇڏي، هاڻي رٿيل ترتيب موجب ڪيل ترجمو ۽ باقي رهيل ڪتاب اوحدي صاحب جي خدمت ۾ پيش ڪري رهيو آهيان. جڏهين تيار ٿي مليو تہ انشاءَ الله فقير بيدل صاحب جي سوانح عمري سان گڏ پريس کي ڏنو ويندو.

اسان جي رٿيل ترتيب هيءَ آهي:

1- عالم حضرات جي واسطي پنج گنج الڳ ۽ جنسي پيش ڪيو ويندو ۽ پنج گنج جو ترجمو الڳ هوندو.

2- ترجمو آسان ۽ سمجهڻ جهڙن لفظن ۾ هوندو، ڇاڪاڻ تہ فارسي جي لفظي ترجمي ڪرڻ ڪري عام فهم نہ ٿي سگهندو ۽ اصل ڳالهہ سمجهڻ عام ماڻهن اڳيان مشڪل ٿي پوندي .ڇو تہ رنگين ۽ چيده فارسي ۾ چيل آهي .تنهن هوندي بہ ضروري ۽ حقيقت سان پريل لفظن کي پيش ڪري، تنهن کان پوءِ سنڌي ۾ الفاظ ڏئي ڳالهہ سمجهائي وئي آهي.

3- مثنوي جي بيتن جو ترجمو سنڌي شعر ۾ نہ آهي، فقط دلچسپي لاءِ ڪافيو ساڳيو ۽ تڪ بندي جي طرز اختيار ڪئي وئي آهي.

4- قرآن شريف جي آيت کي جلد ڳولي لهڻ واسطي هيٺيون طريقو اختيار ڪيو ويو آهي: پ = نشاني پاره جي؛ س = نشاني سورة جي ۽ ع = نشاني رڪوع جي آهي.

**لاشي فقير صوفي سبحان بخش**
**خادم درگاه عالي، روهڙي شريف**

رب یسر بسم الله الرحمن الرحیم و تمم بالخیر

# پنج گنج

الحمد و الثنا لمن حجب الذات بصفات الکمال و الصفات باسماء الشان و الاسماء بظهور
الافعال و الصلوٰة و السلام علی من قاد الواقفین الی الملکوت و الواصفین الی الجبروت و
العارفین الی اللاهوت و علی آله العظام و اصحاب الکرام الی یوم القیام اما بعد
سپاس بیقیاس درگاه ایزدی و درود نامحدود بارگاه احمدی این رساله ایست
مشتمل بر چهل درجات و هر درجه متضمن بر خمسه تعینات. تعین اول به تسطیر فحوای تصدیق
انتهای ذوقیت شریف مجلا و تعین ثانی به تحریر مضمون صداقت مشحون حدیث مبارک مجلی
و تعین ثالث بترقیم ابیات فیض آیات مثنوی معنوی معلا و تعین چهارم به
تبیین کلام وجد آگین خلاصه مضامین بلکه یعنی بسندهی از رساله حضرت
شاه صاحب بهشائی قدس سره مبین و تعین خامس به تعیین حکایات منحصر بر
ترغیب راه هدایت معین پس بحسب تعداد تعینات وی را به پنج گنج مسمی ساختیم
و بقدر قوت استعداد در کسب اجتهاد در عرصه تالیفش تاختیم فالله هو المستعان
و علیه التکلان و منه البدایت و الیه النهایت درجه یکم در مذمت نفاق و تحریص حال
آیت قال الله تعالی جل جلاله و عم نواله و من الناس من یقول آمنا بالله و بالیوم الآخر و ما هم

# متن

# پنج گنج

فارسي ترجمو

## مقدمه پنج گنج

بسم الله الرحمان الرحيم

الحمد لله والثناءَ لمن حجب الذات بصفات الكمال
والصفات باسماءِ المثال
و الا سماءَ بظهور الا فعال
والصلواة والسلام علیٰ من قاد الواقفين اِلي الملكوت
والوالصفين الي الجبروت
والعارفين الي اللاهوت
و علیٰ آله العظام و اصحابه الكرام الیٰ يوم القيام
اما بعد سپاس بيقاس درگاه ايزدي و درودنا محدود بارگاه احمدي، اين رساله اينست مشتمل برچهل درجات وهر درجه متضمن بر خمسه تعينات:

-- تعين اول به تسطير فحوائي تصديق انثمائي آيت شريف معلیٰ
-- و تعين ثاني بتحرير مضمون صداقت مشحون حديث مبارک مجلا
-- و تعين ثالث بترقيم ابيات فيض آيات مثنوي معنوي معلیٰ
-- و تعين رابع به تبيين كلام وجد آگين خلاصه مضامين يكتائي يعني بيت سنڌي از رساله حضرت شاه صاحب ڀٽائي قدس سره مبين
-- وتعين خامس به تعبين حكايت منحصر بر ترعيب راه هديت معين.

پس بحسب تعداد تعنيات ويرا به بنگ گنج مسمیٰ ساختيم
و بعدر قوت استعداد مركب اجتهاد در عره تاليفش تاختيم
فا الله هو المستعان و عليه التكلان و منه البدايت واليه النهاية.

سنڌي ترجمو

## پنج گنج جو ديباچو

بسم الله الرحمان الرحيم

هر قسم جو حمد ۽ ثنا انهي لاءِ آهي جا ذات ڪمال صفات ۾ پوشيده آهي. صفحات مثالي ۽ تشبيهي اسمن ۾ آهي اسم فعلن ۽ ڪرشمن ۾ نروار آهن. ۽ صلوات و سلام انهيءَ ذات تي ئي هجن، جيڪو راز محرمن ڪي ملڪوت ڏانهن رهبري ڪندڙ آهي. صفت ۽ اوصاف بيان ڪندڙن ڪي جبروت ڏانهن ۽ آله و اصحابه الڪرام تي قيامت جي ڏينهن تائين هجن.

انهيءَ ڪان پوءِ انتها درجي جي صفت ۽ ثنا رب العزت جي درگاه ۾ هجي. ۽ بيحد درود احمدي بارگاه ۾ هجن.

هي هڪ رسالو آهي، جنهن ۾ چاليهه درجا آهن ۽ هر هڪ درجي ۾ پنج دليل مقرر آهن:

-- پهريون دليل قرآن شريف مان موافقت رکندڙ آيت مبارڪ آهي.

-- ٻيو دليل صداقت سان ڀرپور حديث شريف آهي.

-- ٽيون دليل فيض ڀريل مثنوي معنوي جا بيت آهن.

-- چوٿون دليل وجد ڀريل شاهه صاحب ڀٽائيءَ جو بيت آهي.

-- پنجون دليل راه هدايت ڏانهن ترغيب ڏيندڙ حڪايت ۽ بيان آهي.

سو مقرر تعداد جي ڪري انهيءَ جو نالو "پنج گنج" رکيوسون (يعني منجهس پنج گنج سمايل آهن) ۽ پنهنجي طاقت ۽ قوت آهر انهيءَ جي لکڻ جي ميدان ۾ اجتهاد ۽ ڪوشش جي سواريءَ ڪي ڊوڙايوسون. الله جي آسري ۽ انهيءَ تي ڀروسو آهي، جنهن مان شروعات آهي ۽ ڏانهنس ئي انتها آهي.

فارسي متن

## درجه يکم

**در منذمت قال و تحريص حال**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جل جلا له و عم نواله:

ومن الناس من يقول آمنا بالله و باليوم الاخر وما هم بمؤمنين.

**( پ-1 : س- بقرة : ع - 2)**

**حديث**

عن المهاجر بن حبيب رضه قال، قال رسول الله ﷺ:

قال اللہ تعالیٰ اني لست كل كلام الحكيم اتقبل ولا كني اتقبل همه وهواه فان كان همه وهواه في طاعتي جعلت صمته حمد آلي و وقاراً ان لم يتكلم.

**(رواه الدارمي)**

**مثنوي**

| ما درون را بنگريم و حال را | مابرون را ننگريم و قال را |
|---|---|
| آتشي از عشق در جان برفروز | سر بسر فكرو عبادت را بسوز |

**بيت**

عاشق ايئن نہ هون، جيئن تون سڄي آڳرين
منهن پايو مونن ۾ راتيو ڏينهان رُون
ڪنهن کي ڪين چوُن، تہ اسين عاشق آهيون.

( يمن ڪلياڻ: د - 7 : ب - 5

**حكايت**

در شرح كلام قدسي مسطور است كه بوالهوسي
بادشاهي را بضيافت طلبيد مكان بيروني ضيافت خانه
بجاروب مصفا نود و طريق را از خس و خاشاك پاك
گر دانيد اما جائي كه بهر جلوس خسروانہ معين شده بود
همچنا پر عبار و كدورت گذاشته چون مقدم شاهنشاهي
سايه دولت بر آن ويرانہ افگند مقام ناپاك مطبوع
طبع پاكيزه اش نگرديد جميع خذمات بيرون او
بجهته نا پاكي منزل درون مكروه پنداشته باز گرديد.

سنڌي ترجمو

# درجو پهريون

**دوا ڇڏي دورنگي جي، سوز جي صلاح ڪر**

**آيت**

ماڻھن مان ڪي شخص دعوىٰ ڪندا آھن تہ اسان جو اللہ (جي وحدانيت) ۽ آخري ڏينھن (يعني باطن جي حالات) تي يقين آھي، حالانڪ اُھي (پنھنجي دعوىٰ ۾) بي يقين آھن.
تنبيه: جن ڪي يقين آيو تن دعوىٰ ڇڏي منھن مونن ۾ وڌو.
(پ - 1 : س - بقره : ع - 2)

## حديث

مھاجر بن حبيب کان روايت آھي تہ فرمايو رسول اللہ ﷺ:
اللہ تعالىٰ ارشاد فرمايو آھي تہ حڪمت ۽ سياڻپ وارو ھر ھڪ ڪلام مان قبول نہ ٿو ڪريان. پر مان سندس ھمت ۽ شوق کي قبول ڪريان ٿو پوءِ جيڪڏھن سندس ھمت ۽ عشق منھنجي طاعت ۾ ھوندو تہ مان سندس خاموشيءَ کي پاڻ لاءِ حمد ۽ ثنا پر عظمت بڻائي ڇڏيندو آھيان، توڻي جو ڪجھ نہ ڳالھائين. (رواه الدارمي)

## مثنوي

| | |
|---|---|
| اسين اندر ۽ حال تا ڏسون | اسين نٽ ۽ نانگر نتا ڏسون |
| عشق جي آتش کا اندر ۾ دکاءِ | فڪر ۽ عبارت کي ھردم جلاءِ |

## بيت

عاشق ايئن نہ ھون، جيئن تون سڄي آگرين
منھن پايو مونن ۾ راتيو ڏينھان رون
ڪنھن کي ڪين چون، تہ اسين عاشق آھيون.

(شاہ)

## حڪايت

قدسي ڪلام جي شرح ۾ لکيل آھي تہ ھڪڙي سڌون ڪندڙ ۽ بوالھوس ماڻھو، ڪنھن بادشاہ کي دعوت ڪري، گھر جي ٻاھرئين حصي ۽ مھمان خاني کي ٻھاري سان صفا ڪرايو ۽ رستي تان ڪک ۽ ڪچرو ڪٽائي پاڪ ۽ صاف ڪري ڇڏيو. جا جاءِ بادشاھ جي وھڻ واسطي مقرر ٿيل ھئي، سا ساڳي طرح سان گند ۽ غبار سان ڇڏيل ھئي. جڏھين بادشاہ سلامت پنھنجا قرب جا قدم کڻي انھيءَ اوطاق تي آيو تہ سندس نفيس ۽ نازڪ طبيعت کي ناپاڪ جاءِ نہ وڻي، تنھن ڪري اھا ٻاھرين سموري خدمت بيڪار سمجھي واپس موٽي ويو.

وضاحت: اي طالب! پهريئن قلب کي صاف ڪرڻ جو فڪر رک، پوءِ ڪو پيو.

فارسي متن

## درجه دوئم

**در ترک تقليد و تحصيل تحقيق**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله : اتامرون الناس بالبر وتنسون انفسکم. **(پ-1:س-بقرة:ع-5)**

**حديث**

عن ابي هريره رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: يخرج في آخر الزمان رجال يختلفون الدنيا بالادين يلبسون للناس جلود الضان من اللّن السنتهم احلیٰ من السکر و قلوب الذباب يقول الله تعالیٰ ابي يفترون ارُ علي يجترون نبي حلفت لا بعثن علیٰ اولائک منهم فتنه تدع الحليم فيهم حيران. **(رواه الترمذي)**

**مثنوي**

خورده گيرد در سخن بربا يزيد

ننگ دارد از درون او يزيد

مصحف بر کف چون زين العابدين

خنجر پر زهر اندر آستين

از برون چون گو کافر پُر حلل

و اندرون قهر خدائي عزو جل

## بيت

منهن ۾ موسىٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث، ڪڏي ڪوه نہ ڇڏئين.

## حڪايت

در مثنوي معنوي آمده است که شغالي در خم رنگ افتاده از هيئت نخستين بگريد پس بوسيله تبديل لون جسماني برانبائي جنس خود تفضيلي و ترجيحي طلبيد که مرا شغالي مي نہ داريد بلک طائوس شماريد بني نوع وي بحکم آنکه هر دعوىٰ را دليل مي بايد روش طائوسانه و لحن راحت نشانه از و خواستند ميسرنه شد دعوىٰ او باطل انگاشتند و او رابيتز وير و تقليد منسوب داشتند.

سنڌي ترجمو

## پيو درجو

### ڇڏ رسمي چال وٺ حقيقي حال

### آيت

پلا اوهان ماڻهن کي رباني راه جو حڪم ڪريو تا ۽ پنهنجي پاڻ کي وساري ڇڏيو تا.
(پ-3:س-بقرة: ع-5)

## حديث

ابي هريره کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ آخري زماني ۾ اهڙا ماڻهو نڪري پوندا، جيڪي دين جي عيوض دنيا طلبيندا، ماڻهن جي اڳيان رڍن جي نرم کلن جو جبو پهريندا، سندن زبانون کنڊ کان بہ وڌيڪ مٺيون هونديون ۽ سندن دليون بگهڙن جهڙيون هونديون. (اهڙن شخصن واسطي) الله تعالىٰ فرمائي ٿو، ڇا اهي مون سان سينو ٽا سهائين يا مون تي جرئت ٽا ڪن، قسم آهي پنهنجي ذات جو تہ انهن منجهان ئي، انهن تي اهڙو فتنو ڪڙو ڪندس، جو انهن ۾ حليم طبع وارا حيران ٿي ويندا. **(رواه الترمذي)**

## مثنوي

جو بسطاميءَ جي سخن ۾ نڪته چيني ڪندڙ آ
تنهن جي اندر ڪان يزيد کي بہ شرم آ
زين العابدين وانگر هٿ تي قرآن آ
ڇپيل زهر پري سو تلوار آ
ظاهر ڪافر جي قبر وانگر پر سينگار آ
اندر قهر خدا سان سو پرپور آ

## بيت

منهن تہ موسيٰ جهڙو، اندر ۾ ابليس
اهڙو خام خبيث، ڪڏهن ڪوه نہ ڇڏئين

## حڪايت

مثنوي معنوي ۾ آيل آهي تہ هڪڙي گدڙ جي، رنگ جي کُونر ۾ پوڻ ڪري، سندس پهرين شڪل بدلجي وئي. انهيءَ جسماني رنگ جي ڦير ڦار ڪري، پنهنجي قوم ۾ هم جنسن تي پاڻ کي وڏو افضل چوڻ لڳو تہ مون کي گدڙ نہ سجهو بلڪ مور سمجهو. سندس هم جنسن چيس تہ هر دعويٰ واسطي دليل ۽ سند ضروري آهي، تنهنڪري تون مور واري چال ۽ راحت پريو آواز ڪري ڏيکار تہ توکي مور سمجهون. مڪار گدڙ ائين نہ ڪري سگهيو، تنهنڪري سندس دعويٰ ڪوڙي ۽ باطل سمجهيائون ۽ کيس مڪار ۽ بنا سوچ جي هلندڙ سمجهيائون.
وضاحت: حال بنا قال خطرناڪ آهي.

فارسي متن

### درجه سيوم

### در استعجال حصول قرب

## آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: سار عوالىٰ مغفرة من ربكم

(پ-4:س-آل عمران: ع-13)

## حديث

عن معصب بن سعد عن ابيه قال، الا عمش لا اعلمه الا عن النبي ﷺ قال التوده في كل شيءِ خير الا في عمل آخرة.

(رواه ابو دائود)

## مثنوي

تانمرده است اين چراغ با گهر
هين فتيلش ساز روشن زود تر
هين مگر فردا که فودا ها گذشت
تابه کلي نگلدرد ايام کشت

## بيت

ڪرين هينئر ڪين هلڻ جي، وينو پچين پر
اڄ آديسي مر، صبح مرندو سيڪو.

## حکايت

شخصي در شارع عام خاربن نشاند از ممر نموءِ آن شجره خبيثه پائي اهل مرور خون مي افشاند. مردمان ملامتش کردند و پيش فرمان روايش بردند. حاکم دروازه تهذيب بروئي آن سزا وار وعيد باز نموده ميعاد کنديدن آن شجر شقاوت ثمر ازان نادان بي بصر گرفت، ليکن آن جوان مرد در ايفاءِ عهد گوهر تاخير در سلک بدسلوکي مي سفت. روز بروز بحليت گري مي پرداخت و دمبدم استدائي مهلت مي ساخت، متکفل امر حکومت فرمودش که اين قدر عذر روا مدار و چندين خارها در راه خود مکار ڪه هر روز خاربن محکم تر گردد و کننده احقر.

سنڌي ترجم

# ڀيو ٽيون

**چست ۽ چالاڪ ٿي محبوب جي ميلاپ لاءِ**

**آيت**

اوهان پنهنجي رب جي بخشش ڏانهن ڊوڙو ۽ تڪڙو قدم کڻو.

**(پ-4:س-آل عمران:ع-13)**

## حديث

مصعب بن سعد پنهنجي پيءُ کان روايت ڪئي آهي تہ فرمايو ااعمش تہ مان هن (حديث) کي نبي ﷺ کان معلوم ڪيو. پاڻ فرمايائون تہ آخرت جي عمل کان سواءِ ٻي هر شيءِ ۾ آهستگي ۽ ڍرائي ڪرڻ بهتر آهي. **(رواه ابو دائود)**

## مثنوي

هيءَ زندگي با گوهر چراغ آه
تنهن جي وٽ ڪي ترت روشن تون بڻاءِ
عذر ڪندي ويا وهامي ڪيئي ڏينهن
تان تہ پوڪ جا گذري نہ وڃنئي سي ڏينهن

## بيت

ڪرين هينئر ڪين هلڻ جي، وينو پڇين پر
اَڄ آديسي مر، صبح مرندو سيڪو

## حڪايت

هڪڙو شخص عام رستي تي ڪنڊن وارو وڻ پوکي ڇڏيو. انهيءَ خبيث وڻ جي ڪري لنگهندڙ ماڻهن جا پير زخمي ۽ رتو ڇاڻ ٿيڻ لڳا. انهيءَ ڪري ماڻهن سندس ملامت ڪئي ۽ حاڪم وٽ فرياد پيش ڪيائون. حاڪم انهيءَ شخص کي سخت تنبيه ڪري انهيءَ نادان بي ديد سان نياڳي ڦل واري وڻ جي پٽڻ جو ڏينهن مقرر ڪيو. پر اهو جوان مرد انجام پاڙڻ جي بجاءِ حيلا ۽ بهانا ڪري وقت بوقت مهلت وٺندو رهيو. حڪومت جي مقرر ٿيل

حاڪم چيس تہ ايترا عذر ۽ بهانا نہ ڪر ۽ پنهنجي راه ۾ ايترا ڪندا نہ پوک، چاڪاڻ تہ ڏينهون ڏينهن وڻ جي پاڙ مضبوط ۽ محڪم ٿيندي ويندي ۽ اُکيڙيندڙ لاغر ۽ ڪمزور ٿي ويندو.
وضاحت: اي طالب! بهانا ڇڏي خوديءَ جي پاڙ هڪدم پٽ.

فارسي متن

## درجه چهارم

### در منمت انانيت

### آيت

ان الله لا يحب ڪل مختا لا فخور.

(پ-21 : س- **لقمان** : ع- 20)

### حديث

جابر قال، اتيت النبي ﷺ في دين علىٰ ابي فرققت الباب فقال من ذا، فقلت اَنا فقال اَنا اَنا ڪانه ڪرهها. **(متفق عليه)**

### مثنوي

چون خلقناڪم شنيدي من تراب
خاڪشو وز خاڪ بودن سرمتاب
هرڪجا دردي دوا آنجا رود
هرڪجا پست است آب آنجا رود
آب رحمت بايدت هين پست شو
وانگها خور خمر عشق و مست شو

### بيت

پائڻ پيجي ڇڏ، نہ تہ جاڻ وجهندءِ جار ۾
آءُ اسين جي چون، اوڏو تن نہ اڏ
پاڻ تنهين سان گڏ، نينهن جنين جو ناهہ سان.

## حکايت

دل در باخته بر در دولت سرائي دلربائي رسيد باشتياق تمام استيذان دعول طلبيد. محبوب طناز از درون آواز داد و اساس تفحص را طرح نهاد که گو بنده باب لاو أبالي خطاب کيست. عاشق بپاسخ پرداخته گفت که منم جوابش آمد که باوجود اين قدر خامي که در مشرب عشق شرک تمامي است دخول دارالبقاۓ مواصلت ممکن نيست و محفل اثبات شهود جز بنفي وجود مسکن نه. سوخته آتش حرمان سالي سر ببادیه رياضت بي پايان نهاده چون حباب در قلزم مهرو وفا کسب فنا مي آموخت. چون از انانيتش اثري نمانده مرکب توجه بجانب منزل معشوق رانده شمع استيذان بر در شبستانه جانان افروخت، پرسيدندش که کيستي؟ از خود رفته بحکم بي ينطق عرص نمود که توئي، پس بسبب نفي دوي در بارگاه مواصلت معنوي بار يافت و آفتاب مقصود برکتف آرزويش بتافت. اللهم ارزقناه و ارصلنا الیٰ مانتمناه.

سنڌي ترجمو

## درجو چوٿون

**تون ترت تبريز جيان، پنهنجي هئڻ جي کل کليج**

**آيت**

تحقيق الله هر هڪ هنيلي وڏائي ڪندڙ کي پسند نٿو ڪري.

**(پ-21 : س- لقمان : ع- 20)**

## حديث

جابر رضہ فرمايو تہ مان نبي ﷺ وٽ بابي جي قرض جي باري ۾ اچي دروازو کڙڪايو. پاڻ فرمايائون تہ: ڪير آهي؟ عرض ڪيم تہ: مان آهيان. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ "مان" "مان" کھڙي نہ بچڙي آهي. **(بخاري ۽ مسلم)**

## مثنوي

اصل مٽي، ٻڻئين مٽي مان، تنهن کان منهن نہ موڙ
خاڪ تي ۽ خاڪ تيڻ کان سر نہ سور
دوا اهڙي هنڌ ويندي جتي درد هوندو
پاڻي اهڙي هنڌ ايندو جتي جهُڪ هوندو
فيض جي گهرجي توکي تہ هستي ڇڏ تون هيٺ تي
تهان پوءِ عشق جو شراب پيءُ ۽ مست ٿي

## بيت

ڀائڻ ڀڄي ڇڏ، نہ تہ ڄاڻ وجهندءِ ڄار ۾
آءُ اسين جي چون، اوڏو تن نہ اڏ
پاڻ تنهين سان گڏ، نينهن جنين جو ناهہ سان.

## حڪايت

هڪڙو دل ڪسيل درويش، دلبر جي دولت سراءِ جي دروازي تي وڃي پهتو. اندر اچڻ لاءِ وڏي اشتياق منجهان آزيون ۽ نيازيون ڪيائين. ناز پرئي محبوب فرمايو تہ لا اُبالي ۽ بي پرواهہ جي دروازي تي ڪهڙو شخص آواز ڏيئي رهيو آهي؟ عاشق وراڻي ۾ چيو تہ: مان آهيان. ڪيس جواب مليو تہ: ايڏي خامي، جا عشق جي مذهب ۾ وڏو شرڪ آهي، انهيءَ هوندي دار البقا جي وصال ۾ داخل ٿيڻ ممڪن ئي نہ آهي ۽ شهودي اثبات جي محفل ۾ وجود جي نفيءَ کان سواءِ جڳهہ ئي ڪانهي. نا اميدي جي باهہ ۾ سڙي ويل درويش انتها درجي جي رياضت ۽ مشقت جي ميدان ۾ گهڙي پيو. محبت ۽ وفا جي سمنڊ ۾ ٻوتي وانگر فنا جو ڪسب سکڻ لڳو. جڏهين خوديءَ جو ڪو اثر نہ رهيو، تڏهين خيال جي سواري محبوب جي منزل ڏانهن ڊوڙائي آيو. ڪائونس پڇيائون تہ: تون ڪير آهين؟ بي ينطق جي حڪم موجب پاڻ کان ويل عرض ڪيو تہ: تون ئي آهين. سو دوئيءَ جي نفي ڪري حقيقي وصال حاصل ڪيائين ۽ منزل مقصود ماڻيائين.
اي الله! اها نعمت اسان کي عطا ڪر ۽ جيڪا انهيءَ جي تمنا آهي، تنهن ڏانهن اسان کي بہ واصل ڪر.

# درجه پنجم

## در اجر طالب صادق

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: من يخرج من بيته مهاجراً الىٰ الله و رسوله ثم يدر که الموت فقد اجره علي الله.

(پ- 5: س- نساءَ: ع - 14)

### حديث

عن ابي مالک الا شعري رضہ قال، سمعت رسول الله ﷺ يقول: من فصل في سبيل الله فمات او قتل او وقصه او نرسه بعيره او لدغته هامة او ماعلىٰ فراشه باي حتف شاءَ الله فانه شهيد و ان له الجنة. (رواه ابودائود)

### مثنوي

توبه کن مردان رو آور بره
کہ ومن يعمل بمثقال يره
اندرين ره مي تراش ومي فراش
تادم آخر رمي فارغ مباش
صد مراد است ايزمان بردار گام
عاشقان اي فتوىٰ خل الکلام

### بيت

پنڌ ڪريندي پر ڏي، جي تي آءُ مران
تہ آهي ڳل پريان، خون منهنجو سرتيون.

### حکايت

در حديث آمده است كه شخصي از بني اسرائيل دامن حال خود بخونريزي نه ونود بيگناه آلوده، و از راهبي سوال نموده كه توبه چون من مرتكب كبائر بدرجه اجابت قرين گردد يانه؟ راهب لب بپاسخ وي كشوده كلمات قنوط سمات رابيان فرموده، مرد مجرم بقتل آن مفتي سرعت بكار برد بعده استيفسار اجابت توبه ميكرد- عاقبت الامر مردي اورا تسلي داد كه در فلان شهر صاحب فتوىٰ است كه اجابت توبه ارباب كبائر حديثي دارد و آب بر روي كار معصيت ودرمي آرد. سائل متوجه آن ديارشد- ناگاه در راه آثار ممات بر چهره حيات او پديد آمد- چون طاقت گام زدن نداشت رايت حبو در ميدان طلب افراشت- وقتي كه عالم ناسوت را بدرود نمود ملائكه رحمت و عذاب در خودها لجاجت افزدو. محبوب حقيقي بر صدق طلب آن هوادار مضطرب رحمت آورده بيد قدرت وطن مالوف اورا از مضجع وي بعيد نموده و قريه مفتي را قريب منامش فرموده فرمان داد كه مسافت طي شده و باقي مانده راهمديگر قياس نمودند چون زمين ما بقي از مقطوع بمساعت كمتر بود بر جدوجهد آن مهاجر حقيقي بخشود.

سنڌي ترجمو

## درجو پنجون

### صدق و صفا سان جي هلياء سي چو نہ پرکي پهچندا

### آيت

جو شخص پنهنجي گهر كان الله ۽ سندس رسول ڏانهن هجرت كندڙ تي نكرندو، انهيءَ كان پوءِ كيس موت پهچندو تنهن جو اجر الله تي واقع ۽ ثابت آهي. (پ-5: س- نساءَ: ع - 14)

### حديث

مالڪ اشعري جي والد كان روايت آهي. چيائين تہ: مان رسول الله ﷺ كان ٻڌو آهي، جو فرمايائون تي تہ: جو شخص الله جي راه ۾ نكري پيو ۽ انهيءَ كان پوءِ پاڻهي مري ويو يا قتل كيو ويو يا سندس گهوڙي كيرائي ماريو يا پنهنجي اٺ جو شكار ٿيو يا بستري تي يا جهڙي طرح الله گهريو مري ويو، سو يقيناً شهيد آهي ۽ انهيءَ جي لاءِ ئي جنت آهي.

(رواه ابو دائود)

## مثنوي

مردن وانگر توبه ڪر، گهڙ راهه ۾
چو نہ ذري برابر بہ ڦل لهندين راهه ۾
دم دم ڌمال دم جي رڙهه روحاني راه
آخر دم تائين نہ ڇڏجانءِ هيءَ روحاني راه
ڪئين رڪاوٽون آهن، هن گهڙيءَ ڪڻ قدم
اي جوان! ٻيا قصا ڇڏ، عاشقن وانگر ڪڻ قدم

## بيت

پنڌ ڪريندي پر ڏي، جي تي آءُ مران
تہ آهي ڳل پريان، خون منهنجو سرتيون.

## حڪايت

حديث ۾ آيو آهي تہ بني اسرائيل مان هڪڙي شخص نوانوي (99) بي گناهه خون ڪري، هڪڙي درويش وٽ پهچي ڪانئس سوال ڪيو تہ مون جهڙي ڪبيرا گناهه ڪندڙ جي توبه قبول پوندي يا نہ؟ درويش نااميدي جا ڪلما ٻڌائڻ لڳو (خبر ڏنس) تہ خوني شخص، انهيءَ متقيءَ کي بہ مارڻ ۾ دير نہ ڪئي، انهيءَ کان پوءِ بہ اهو گنهگار شخص توبه جي قبول پوڻ جي تلاش ۾ رهيو. نيٺ هڪڙي مرد انهيءَ کي تسلي ڏني تہ فلاڻي شهر ۾ هڪڙو مفتي آهي، جنهن وٽ ڪبيرن گناهن جي توبه واري هڪ حديث آهي ۽ سند آهي جو گناهن جي ڪارنامن کي ميٽي ۽ ڌوئي ٿو ڇڏي. سائل انهيءَ شهر ڏانهن روانو ٿي ويو. اوچتو مرڻ جا آثار رستي ۾ سندس چهري تي ظاهر ٿيڻ لڳا، تہ جڏهين پنڌ ڪرڻ جي طاقت نہ رهيس تہ مونن پر رڙهڻ لڳو. تان جو هڪڙي وقت مري ويو. عذاب ۽ رحمت جا فرشتا پاڻ ۾ بحث مباحثو ڪرڻ لڳا تہ اهو بندو ڪنهن جي حوالي ٿو ٿئي. حقيقي محبوب انهيءَ پريشان خواهشمند جي سچي طلب ڪري، رحمت فرمائي قدرتي هٿ سان سندس پياري وطن کي مرڻ واري هنڌ کان پري ڪري، مفتيءَ جي ڳوٺ کي سندس سمهڻ (مرڻ) واري هنڌ جي ويجهو ڪري، حڪم فرمايائون تہ طئي ٿيل رستو ۽ باقي

رهيل رستي جو اندازو لڳايو وڃي. جڏهين پنڌ ڪيل مسافت ڪان باقي رهيل زمين ٿوري رهي تہ انهيءَ مهاجر جي سر ٿوڙ ڪوشش جي ڪري بخشي ڇڏيائينس.

فارسي متن

## درجه ششم

### در تحريض تلقين گرفتن

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: يا ايهاالذين آمنوا اتقوالله وابتغو اِليه الوسيلة و جاهدو في سبيله لعلكم تفلحون.

(پ-6:س-مائده: ع- 6)

### حديث

قال النبي ﷺ: من مات ولم يعرف امام زمانه فقدمات ميتة الجاهلية.

### مثنوي

پير را بگزين که بي پير اين سفر
هست بس پر آفت و خوف و خطر
پس رهي را که نديدستي تو هيچ
هين مرو تنها ز رهبر سر م پيچ
مقبتس شو زود چون يا بي نجوم
گفت پيغمبر که اصحابي نجوم

### بيت

پينر هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون
سوارو سونهون، پڇي پرج سسئي.

# حکایت

در مثنوي معنوي مسطور است که حضرت رسالت پناھ علیه الصلواة والسلام شاه مردان شیر یزدان ﷺ را وصیت فرمودند که اي هزبر پشه کرامت بر متکائي علو مرتبه امامت و شهامت خود معتمد مباش و از سایه طلبي صحبت خاصان حق که حدیقہ کائنات راکه شجرة طیبة ”اصلها ثابت“ و فرعها في السماءِ اند معترض مشو- مستلزم که تقرب ذاتیه بدان سرمایه نور صفاته جوشي و از گلبن وجود مسعود این زمره محمود نکهت مقصود بمشام صدق ارادت و کمال عقیدت بوئي زیرا که صحبت اصحاب تعرف خار کثافت را گلشن میکند و خذمت ارباب تصوف دیده بطانت را طت روشن مینماید.

سنڌي ترجمو

## درجو ڇهون

### مرشد بنا راھ، ڪڏهين لهندين ڪينڪي

### آيت

اي ايمان وارئو! الله جو ڏيان ڌريو ۽ ڏانهنس وسيلو ڳوليو ۽ سندس راھ ۾ ڪوشش ڪريو تہ جيئن افلاح يعني منزل مقصود کي پهچي وڃو.

(پ-6:س-مائده: ع- 6)

### حديث

نبي صلعم فرمايو تہ: جيڪو شخص ائين ئي مري ويو ۽ پنهنجي وقت جو امام نہ سڃاتائين سو جاهليت جي مرڻيءَ مري ويو.

## مثنوي

مرشد وٽ، بنا رهبر هي سفر

آهي پُر آفت ۽ خوف و خطر

جا راھ تو نہ ڏٺي آهي ڪڏهين ۽ مور

تنهن ۾ اڪيلو نہ وڃ ۽ رهبر ڪان سر نہ سور

فيض وٽ جي لهين روشن ستارا

فرمايو پيغمبر منهنجا آهن اصحابي ستارا

## بيت

پينر هن پنيور ۾، دوزخ جو دونهون
سوارو سونهون، پڇي پرج سسئي.

## حڪايت

مثنوي معنوي ۾ لکيل آهي تہ رسول الله ﷺ شاهہ مردان شير يزدان حضرت علي ڪرم الله وجهہ کي وصيت ڪئي تہ اي ڪرامت جا ببر شينهن! پنهنجي امامت ۽ دٻدٻي جي اعلىٰ مرتبي تي ڀروسو ڪري نہ ويهجانءِ ۽ الله وارن جي صحبت ۽ سنگت جي سايہ طلبي کان منهن نہ موڙجانءِ، ڇاڪاڻ تہ اهي شجرۃٌ طيبۃٌ اصلها ثابتٌ و فرعها في السماءِ (هي پاڪ وڻ وانگر آهن، جنهن جي پاڙ زمين ۾ مضبوط ۽ ڪتل آهي ۽ سندس شاخ آسمان ۾ آهي) جي حڪم موجب ڪائنات جا باغ ۽ بستان آهن، تنهنڪري سندس ذات جا قرب، انهيءَ صفاتي نور جي سرمايہ مان تلاش ڪندو رهجانءِ. هن سارا اهيل جماعت جي سڳوري وجود جي گل مان، صدق ۽ ڪمال عقيدي سان مقصد جي خوشبوءِ سنگهندو رهجانءِ. ڇاڪاڻ تہ معرفت وارن جي صحبت خار ڪثافت کي گلشن تي ٻٽائي ڇڏي ۽ تصوف وارن جي خدمت انڌيءَ اک کي روشن تي ڪري ڇڏي.

فارسي متن

## درجه هفتم

### در محنت کشي

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: ام حسبتم ان تدخلو الجنة ولما ياتکم مثل اللذين خلوا من قبلکم مستهم الباساءُ و الضر آءُ.

(پ-2:س-بقرة: ع-26)

### حديث

عن جابر رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: يودُ اهل عافية يوم القيامة حين يعطي اهل البلاءَ الثواب لو ان جلودهم کانت قرضت في الدنيا بالمقاريض.

(رواه الترمذي، و قال هذا حديث غريب)

## مثنوي

ڙان بلاها کانبيا برداشتند
سر بچرخ هفتمين افرا شتند
هر که در راه محبت پيشتر
بر دل او بار محنت بيشتر
نزد عاشق درد غم حلوا بود
ليک حلوا برخسان بلوا بود

## بيت

ڏاڍا هڏ نہ ڏوءِ، دل ڏوتائين دک سين
لاهوتي لطيف چئي، روح اندر روءِ
کونہ ڏنوسي کوءِ، سنياسي سور ري.

## حکايت

در روضة الشهداءِ مذکور است که وقتي عندليب نوبهار معراج شيخ منصور حلاج قدس سره نغمہ سرائي مناجات وجدان سمات کرديده ميگفت: اي بهار پيرائي باغستان قلوب عاشقان واي نزهت بخشائي بهارستان صدور صادقان! هر خار جفائي که خواهي بر گلبرگ وجود بلا آمود و جان غم اقتران من بزن و نظري بکن که اگر غنچه وار از اين دلفگار آثار تنگدلي و انکسار باظهار رسد، هر آئينه مشام روح وحدت فتوح را از شم گلهائي وصال لا يزال مايوس نما و بلبل خاطر احديت ماثر را در قفس محن هجران بي پايان محبوس فرما.

سنڌي ترجمو

## درجو ستون

**جفا وارن جس، جفا ريءَ نہ ٿئي**

**آيت**

اي شائقو: اوهان جنت ۾ ائين ئي داخل ٿيڻ سمجهيو آهي ڇا؟ حالانڪ اڃا اوهان کي انهن جهڙا (امتحان) نہ آيا آهن، جيڪي اوهان کان اڳي ٿي گذريا، جن کي سختيون ۽ سور پهتا. **(پ-2:س-بقرة:ع-26)**

## حديث

جابر رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ: عافيت ۽ سلامتي ۾ گذارڻ وارو قيامت جي ڏينهن اُمنگ ڪندو جنهن وقت مصيبت وارن کي عيوض عطا ڪيو ويندو، تہ جيڪر هي بہ پنهنجون کلون دنيا ۾ قينچين سان ڪتري ڇڏين ها. **(رواه ترمذي ۾ فرمايل آهي تہ هي حديث عجيب و غريب آهي.)**

## مثنوي

جن سنو ڏک ڏيل ۾ مثال انبيا
سي ستن آسمانن ۾ سرفراز ٿيا
جو عشق جي راھ ۾ چست ۽ چالاڪ آ
تنهن جي دل تي دک درد جو انبار آ
عاشق لاءِ دک درد سڀ حلوو اٿئي
مڪار لاءِ دک درد سو بلوو اٿئي

## بيت

ڏاڍا هڏ نہ ڏوءِ، دل ڏوتائين دک سين
لاهوتي لطيف چئي، روح اندر روءِ
ڪونہ ڏنوسي ڪوءِ، سنياسي سور ري.

## حڪايت

روضة الشهداءِ ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ هڪڙي وقت منصور حلاج وجد پريا گيت پي آلاپيا تہ: اي عاشقن جي دلين جي باغ کي سينگاريندڙ بهار، ۽ سچن جي سينن جي بهارستان کي سبزي بخشيندڙ! هر قسم جي جفا ۽ سختيءَ جو ڪندو، جيڪو وٽئي سو دڪايل وجود پن تي هڻ ۽ منهنجي غمگين جان تي هٽي نظر ڪر تہ جيڪڏهين هن فقير مان غنچي ۽ مڪڙيءَ وانگر تنگدلي ۽ انڪساري جا آثار ظاهر ٿين تہ هن ڪليل وحدتي خيال کي، دائمي

وصال واري گل جي خوشبوءِ کان مايوس ۽ نااميد رکجانءِ ۽ احديت واري بلبل دل کي وڏي وڇوڙي جي ڏکن واري پڃري ۾ ڪٽي بند ڪجانءِ.

فارسي متن

## درجه هشتم

## در تاکيد ذکر الله

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: يا ايهاالذين آمنو اذکرو الله ذکراً کثيراً.

(پ-22:س-احزاب: ع-6)

### حديث

عن عبدالله بن بسر رضہ: قال جاءَ اعرابي الىٰ رسول الله ﷺ: فقال اي الناس خير قال طوبىٰ لمن طال عمره و حسن عمله قال يا رسول الله ﷺ اي الاعمال افضل قال ان تفارق الدنيا و لسانک وطبٌ من ذکر الله.

**(رواه احمد و الترمذي)**

### مثنوي

تا نخواني لا و الا الله را
در نيابي منهج اين راه را
تيغ لا در قتل غير حق براند
در ننگر زان پس کہ بعد لاچه ماند
ماند الا الله باقي جمله رفت
شادباش اي عشق شرکت سوز رفت

### بيت

ڪڍي تلوار ’لا‘ جي، ڪٽي خچر کي هڻ
سنڌن جون سيد چوي، وٺون سپ وڪڻ
تهان پوءِ ڪڻ، قدم ڪوهيارل ڏي.

## حکایت

ذاکري شبانگاه بذکر محبوب حقیقي وطب السان بود توتر و توالي در تذکره اسم متعالي مقدر ایام ولیالي مي نمود، دیو مرجوم که کنایه از خطره هستي موهوم است در خاطر خطیرش وهم انداز شد، این همه الله الله را لبیک کجا و این همگي دعوت را اجابت کو. بیچاره ازین وهمایت حرمان سمات عروۃ وثقي امید را از دست داد و بدین اختلال متحیر مانده سر ببالین غفلت نهاد چون از عالم اجسام بمثال برد در عالم رویا خضر علیه السلام را معائنه کرد، گفتش ڪ باعث را ماندن تو از ذکر الاهي چیست و موجب امتناع تو از ذوق متناهي کیست؟ درویش عذر عدم تلبیسه آشکار نمود. خضرش فرمود که محبوب مطلق میفرماید که اشتغال محبان بتذکره من منشي از جذب جلال ما است و یاد دهانیدن نام خود آنهارا مبني از عطوفت کمال ما.

سنڌي ترجمو

## درجو اٺون

### ذڪر بنا جا گذري، سا سڀ عمر اجائي

### آيت

اي ايمان وارئو! الله جو گهڻي کان گهڻو ذڪر ڪريو.

**(پ-22:س- احزاب: ع-6)**

### حديث

عبدالله بن بسر کان روايت آهي، چيائين تہ: رسول الله ﷺ ڏانهن هڪڙو دهقاني آيو، تنهن پڇيو تہ ماڻهن مان بهتر ماڻهو ڪهڙو آهي؟ پاڻ ڪريمن فرمايو تہ واه واه انهي شخص واسطي آهي، جنهن پنهنجي عمر ڊگهي ڪئي ۽ پنهنجا عمل سهڻا ڪيا. سائل عرض ڪيو تہ يا رسول الله ﷺ عملن ۾ افضل عمل ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ دنيا کي ڇڏڻ ۽ پنهنجي زبان کي الله جي ذڪر سان تر ۽ تازو ڪرڻ.

**(احمد ۽ ترمذي)**

### مثنوي

جيسين لا اله الا الله نہ چوندين

تيسين هن راھ کي کڏھين نہ لھندين
لا جي تلوار غير حق ۾ تون ھلاءِ پيو
تنھن کان پوءِ ڏس لا بعد ڇا رھيو
الا الله کان سواءِ ٻيو سڀ ويو
اي عشق شاد ھج سڀ سڙي جي ويو

## بيت

کڍي تلوار ’لا‘ جي، ڪٽي خڃر کي ھڻ
سنڌن جون سيد چوي، وڃون سڀ وڪڻ
تھان پوءِ ڪڻ، قدم ڪوھيارل ڏي.

## حڪايت

ھڪڙي ذاڪر شخص، حقيقي محبوب جي ذڪر ۾ لڳاتار رات ڏينهن الله جي اسم سان زبان کي تر ۽ تازو رکيو ھو. مردود ديو (شيطان) جنھن کي وھمي ھستيءَ جو خطرو ۽ وسوسو بہ چوندا آھن. تنھن سندس دل ۾ خطرو وڌو تہ ھر وقت الله الله ڪرڻ جو جواب ۽ وراڻي ڪٿي آھي ۽ ھر وقت سڏڻ جي قبوليت جو آواز ڪٿي آھي؟ ويچارو ذاڪر شخص انھي وھم ۽ وسوسي ڪري، اميدن جي مضبوط رسي ڇڏي نااميد ٿي ۽ مونجھاري ۾ پئي غافل ٿي سمھي پيو. جڏھين ننڊ اچي ويس تہ خواب ۾ خضر عليہ السلام کي ڏٺائين، جنھن کيس فرمايو: الاھي ذڪر کان غافل ٿيڻ جو ڪھڙو سبب آھي ۽ انتھا درجي جي ذوق کان ڪير رڪاوٽ جو ڪارڻ بڻيو؟ درويش جواب نہ ملڻ جو عذر پيش ڪيو. خضر عليہ السلام فرمايو تہ: الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ طالب جو ذڪر ڪرڻ ۾ مشغول رھڻ محض اسان جي جنبش ۽ گھر آھي ۽ انھيءَ کي نالو ياد ڏيارڻ، اسان جي ڪمال مھربانيءَ مان آھي.

فارسي متن

## درجہ نھم

### در بيان فڪر

### آيت

يا ايهاالذين آمنوا اصبروا و صابرو و رابطوا و اتقوا لله لعلكم تفلحون..

**(پ-4:س-آل عمران: ع-20)**

**حديث**

عمران بن حصين رضہ ان رسول الله ﷺ قال: مقام الرجل بالصمت افضل من عبادة ستين سنة.

**(رواه البهيقي في شعب الايمان)**

## مثنوي

چون در معني زني بازت كنند
پر فكرت زن كه شهبازت كنند
اي بردار تون همين انديشهء
ما بقي تو استخوان و ريشهء
گر گل است انديشهء تو گلشني
و ربود خاري تو هيمه گلخني

## بيت

هل هنئين سين هوت ڏي، پيرين پنڌ وسار
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ ڪي.

## حكايت

شخصي نحوي بر كشتي ركوب نموده از كشتيان پرسيد کہ از علم نحو بهره داري يا نہ؟ ملاح عرضداشت كه چيزي نہ خوانده ام. گفت كه نيم عمر تو ضايع گرديد- كشتيبان دل شكسته تاب جواب نياورده خاموشي ورزيد. اتفاقاً بادمخالف سفينه را بگرداب انداخت و از سُكان كشتي هريک باضطراب پرداخت، ملاح ازان حافظ مباحث كلمه و كلام استفسار شنائي نمود نحوي عدم سياحي خود اظهار فرمود. كشتيبان معروضداشت كه اين زمان بنائي عمر تمام حضور ديانت دستور قريب اهندام است و كشتي دانشمندي و نكته داني آن منبع آمال و آماني غريق لجهء استعجام. كه اينجا محو ماندن مطلوب است نہ نحو خواندن.

سنڌي ترجمو

# درجو نائون

## فڪر فنا دا ڪماوڻان هلآ

### آيت

اي ايمان وارئو! صبر ڪريو ۽ (فڪر ۾) ڄميا ۽ ٽپ رهو ۽ ناتو جوڙي ڇڏيو ۽ الله جو ڌيان ڌريو تان تہ اوهان منزل مقصود کي پهچي وڃو.

(پ-4:س-آل عمران: ع-20)

### حديث

عمران بن سعصين کان روايت آهي تہ رسول الله ﷺ فرمايو: خاموشيءَ واري ماڻهوءَ جو مقام ۽ مرتبو سٺ سال جي عبادت کان افضل آهي.

(رواه البهيقي في شعب الايمان)

### مثنوي

جي معنىٰ جو دروازو کڙڪائيندين تہ کولي ڏيندا توکي
پر جي فڪر جا پر هڻندين شهباز بڻائيندا توکي
اي ادا تون ساڳيو سو فڪر آهين
تو سواءِ جيڪي آهہ سو هڏا ۽ ريشو آهين
جي فڪر تنهنجو گل آهي تہ گل دستو آهين
جي فڪر تنهنجو ڪنڊا ڪڙچ آهي تہ تنور آهين

### بيت

هل هيئين سين هوت ڏي پيرين پنڌ وسار
قاصداڻي ڪار، ڪين رساڻي ڪيچ کي.

### حڪايت

هڪڙو نحوي علم وارو شخص ڪنهن ٻيڙيءَ تي سوار ٿي ٻيڙيءَ واري کان پڇڻ لڳو تہ: نحوي علم مان ڪجهہ حاصل ڪيو اٿئي يا نہ؟ ملاح عرض ڪيو: ڪجهہ نہ پڙهيو آهيان. نحوي عالم چيو تہ: پنهنجي اڌ عمر تہ ائين ئي برباد ڪري ڇڏيئي. ملاح دل شڪستو ٿي

ويو، ڪجهه جواب نه ڏئي سگهيو ۽ چپ ڪري ويهي رهيو. اتفاق سان طوفان ٻيڙيءَ کي ڪُنَ ۾ ڪٽي هنيو. ٻيڙيءَ وارن مان هر هڪ پريشان ٿيڻ لڳو. ملاح انهيءَ پڙهيل شخص کان ٻيڙيءَ جي سلامتي جي باري ۾ پڇا ڳاڇا ڪرڻ لڳو. نحوي ملا ٻيڙيءَ کي سلامتي سان ڪناري تي پهچائڻ واري علم کان اڻ واقفيت جو اظهار ڪيو. ملاح چيو ته هاڻي ته سائين جن جي سڄي عمر ختم ٿيڻ جي قريب آهي ۽ سائين جن جي قابليت ۽ هر قسم جي نڪته دانيءَ جا اسباب درياه ۾ ٻڏڻ وارا آهن. تنهنڪري هتي مڪويت ۽ فڪر ۾ رهڻ مقصود آهي ۽ نه نحو پڙهڻ.

## وضاحت

دنيا درياءُ آهي ۽ هر قسم جي آفتن ۽ مصيبتن جو انديشو آهي، وجودي ٻيڙيءَ کي منزل مقصود تائين پهچائڻ لاءِ دريائي سفر ۾ فڪر ۽ محويت جي ضرورت آهي.

فارسي متن

### درجه دهم

### در بيان فنا و بقا

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله:ما رميت اذا رميت ولکن الله رمیٰ.

**(پ-9:س-انفال: ع-2)**

### حديث

عن ابي هريرة قال، قال رسول الله ﷺ: ان الله تعالیٰ قال من عاد لي ولياً فقد اذنته بالحرب، وما تقرب الي عبدي بشيءٍ احب الي ما افرضت عليه و ما يزال عبدي لتقرب الي بالنوافل حتیٰ احببته فکنت سمعه الذي يسمع به و بصره الذي يبصربه ويره الذي يبطش بها و رجله التي يمشي بها و ان سالني لا عطيه، ولئن استعاذني لا عيذنه و ما ترددت عن شيءٍ انا فاعله ترددي عن نفس المؤمن يکرہ الموت و انا اکره مساءَة ولا بُد له.

**(رواه البخاري)**

### مثنوي

چون پري غالب شود بر آدمي

گم شود از مرد وصف مردمي
اويء او رفته پري خود او شده
ترک بي الهام تازي گو شده
چون پري را اين دم و قانون بود
کرد گار آن پري را چون بود

## بيت

ويندا ئي وهسن، منهن پايو مونن ۾
جوڳي جاڻون ڪن، جو آيا الوهيت ۾.

## حڪايت

سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره بعزم زيارت بيت الله مرحله پيمائي ميگرديد. چون سجيهء رضيهء او درويش طلبي بود بمقتضائي المرءُ مع من احب، وقتي بخدمت قطب عالمي همتي مقارنت فرمود که ديده نابين و دل خورشيد آئين داشت، پرسيدش که اي بايزيد کجا ميروي؟ گفت بمکه معظمه ميروم- فرمود که زاد راه چه داري؟ گفت که دو صد درم نقره دارم. فرمان داد آن درمهارا پيش من بته و پيرامن من هفت کره طواف بکن و طواف بيت الرب نيکوتر انگار، بلکه زيارت مارا عين رب البيت شمار.

سنڌي ترجمو

## درجو ڏهون

**ٿي فنا تان باقي ٿيوين، ٻيا ڪوئي هنر نہ هلدا**

**آيت**

(اي پيغمبر) اوهان جڏهين (ڏوڙ جي مٺ) اڇلي تہ (اها) اوهان نہ اڇلي پر الله اڇلائي. **(پ-9:س-انفال: ع-2)**

**حديث**

ابي هريره کان روايت آهي ته فرمايو رسول الله ﷺ ته: الله تعالیٰ فرمايو آهي ته جنهن شخص منهنجي ولي سان عداوت ۽ دشمني رکي، تنهن سان مان جنگ جو اعلان ڪريان ٿو. منهنجو ٻانهو ٻيءَ ڪنهن به شيءِ سان مون ڏانهن قرب نه حاصل ڪندو آهي، پر مان مٿس جيڪي شيون فرض ڪيون آهن، تن جي ادا ڪرڻ ڪري مون ڏانهن محبت وڌائيندو آهي ۽ خاص ڪري منهنجو ٻانهو مون ڏانهن نفلي عبادت سان عجيب قرب حاصل ڪندو آهي، تان جو مان انهي سان محبت ڪندو آهيان، تنهنڪري مان ان جو ڪن ٿي پوندو آهيان، جنهن سان هو ٻڌندو آهي ۽ ان جي اک ٿي پوندو آهيان، جنهن سان هو ڏسندو آهي، ان جو هٿ ٿي پوندو آهيان، جنهن سان هو وٺندو آهي ۽ ان جو پير ٿي پوندو آهيان، جنهن سان هو گهمندو آهي، ۽ جيڪڏهن هو مون کان ڪو سوال ڪندو آهي ته ان کي عطا ڪندو آهيان ۽ جيڪڏهن مون کان پناه گهرندو آهي ته ان کي ضرور پناه ڏيندو آهيان. ۽ مون کي ڪنهن به شيءِ ۾ ڪٿڪو نه ٿيندو آهي، جاڪاڻ ته مان فاعل ۽ خودمختار آهيان پر مومن جي نفس ۽ جان جي باري ۾ ڪٿڪو ٿي پوندو آهي ته متان هو موت کي نا پسند ڪندو هجي. مان به ان جي ناپسندگيءَ کي ضرور ناپسند سمجهندو آهيان.

## مثنوي

جڏهين پري يا جن وني ٿو ڪنهن آدمي کي
گم ڪري ٿو مرد مان ماڻهپي جي وصف
هو ويو هليو، اُن جي جاءِ تي پريءَ جو ضابطو آ
ترڪي انسان بغير الهام جي فارسي گو آ
جڏهين پري کي ايتري قوت ۽ قانون آ
ته اُن پريءَ جي پروردگار کي ڇا ٿو سمجهين ڇا آ

## بيت

وينا ئي وهسن، منهن پايو مونن ۾
جوڳي جاتائون ڪن، جو آيا الوهيت ۾.

## حڪايت

سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره بيت الله جي زيارت جي ارادي سان سفر ۾ نڪري پيو. “المرءُ مع من احب” (جنهن شخص جي جنهن سان محبت هوندي آهي اُهو انهيءَ سان هوندو آهي) جي حڪم موجب سندن سهڻي عادت درويش طلبيءَ جي هوندي هئي. هڪڙي وقت اعلیٰ همت واري قطب وٽ وڃي حاضر ٿيو، جنهن جي دل ته سچ

وانگر روشن ۽ منور هئي پر اکين کان سو نابين هو، تنهن کائونس پڇيو تہ: اي با يزيد ڪاڏي ٿو وڃين؟ جواب ڏنائين تہ: مکه معظم ٿو وڃان. درويش فرمايو تہ: سفر جو خرچ ڪيترو ڪنيو اٿئي؟ جواب ڏنائين تہ چانديءَ جا ٻہ سئو روپيا اٿم. درويش فرمايو تہ: اهي رپيا مون وٽ رک ۽ منهنجي چوڌاري ست دفعا طواف ڪر ۽ منهنجي وجود جي طواف کي بيت الربّ جي طواف کان افضل سمجهہ، بلڪ اسان جي زيارت کي نسورو رب البيت جو ديدار ڪري سمجهہ.

فارسي متن

## درجه يازدهم

### در تحريض حضور باطني

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله:فويل المصلين الذين هم عن صلواتهم ساهون..

(پ-3:س-ماعون:ع-32)

### حديث

عن ابي ذره رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: لا يزال الله عز و جل مقبلا علي العبد و هو في الصلواة مالم يلتفت فاذا اَلتفتٌ..

(رواه احمد و ابو دائود والنسائي والدارمي)

### مثنوي

زانکہ ترکِ تن بود اصل نماز

ترک خويش و ترک فرزندان و آز

گر بمهرِ غير دل دارد گرو

آن نمازِ او نير زد نيم جو

### بيت

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود

وڃائي وجود، تهان پوءِ تکبير چؤ.

## حکایت

سائلي از مفتي پرسيد که بُکاء در نماز ناقص است يا نه؟ فرمود که اگر از خوف يا محبت حق سبحانه و تعالىٰ باشد نماز را نقصاني نيست و اگر از غم ما سويٰ الله است نماز تباه خواهد شد، زيرا که مقصد اتم و مطلب اهم از نماز حضور دل است نہ قيام آب و گل، چرا که لا صلواة الا بحضور القلب واقع است ولاکن ينظر الىٰ قلوبکم و نياتکم وارد.

سنڌي ترجمو

## درجو يارهون

### حضور دل يا مشاهدي حاصل ڪرڻ جي همتائڻ ۾

### آيت

انهن نمازين لاءِ ويل آهي، جيڪي پنهنجين نمازن (جي حقيقت ۽ مشاهدي) کان غافل ۽ بيخبر آهن. **(پ-30:س-ماعون: ع-32)**

### حديث

ابي ذره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ: الله تعالىٰ هميشه ٻانهي کي نماز جي حالت ۾ تيستائين مقبول رکندو آهي، جيستائين (دل جو) رخ نہ هٽايو اٿس، پوءِ جڏهين هٽائي ويندو آهي تہ مان بہ ڪانئس رخ هٽائي ويندو آهيان **(رواه احمد- ابو دائود- نسائي- دارمي)**

### مثنوي

چاڪاڻ تہ اصل نماز آهہ پاڻ وسارڻ
يعني پاڻ، فرزند ۽ خواهش وسارڻ
جيڪڏهن دل غير جي محبت ۾ گروي آ
انهيءَ نماز جي قيمت اڌ جؤ بہ نہ آ

### بيت

جان جان پسين پاڻ کي، تان تان ناهہ سجود

وجائي وجود، تهان پوءِ تڪبير چؤ.

## حڪايت

هڪڙي سائل، مفتي کان پڇيو ته: نماز جي حالت ۾ روئڻ جي ڪري نماز پڇي پوندي آهي يا نه؟ مفتي فرمايو ته: جيڪڏهن الله جي خوف يا محبت کان رنو آهي ته نماز ۾ ڪو به نقص نه آيو، ۽ جيڪڏهن الله کان سواءِ ٻئي ڪنهن غم جي ڪري رنو ته نماز تباهه ٿي ويندي، ڇاڪاڻ ته نماز جو اصل مطلب ۽ مقصد آهي دل جو حضور، نه متي ۽ پاڻيءَ جي بوتي کي ڪڙو ڪرڻ، ڇاڪاڻ ته حضور قلب کان سواءِ نماز ئي نه آهي، جو فرمان آهي ته: ۽ اسان توهان جي دلين ۽ نيتن کي ڏسون ٿا.

## درجه دوازدهم

## در صبر بر مصائب

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: و بشر الصابرين الذين اذا اصابتهم مصيبةٌ قالوا انا لله و انا اليه راجعون. (پ-2: س- بقرة : ع-19)

### حديث

عن محمد بن خالد السلمي عن ابيه عن جده قال، قال رسول الله ﷺ ان العبد اذا سبقت له من الله منزلةٌ لم يبلغ بعلمهٖ ابتلاه الله في جسده او في ماله ثُم صبره حتیٰ يُبَلّغُهُ المنزلةٌ سبقت له من الله.

(رواه احمد و ابو داؤد)

### مثنوي

هر زمان گويد بکوشم عشق نو
گر ترا غمگين کنم غمگين مشو
زان حديثِ تلخ ميگويم ترا
تاز تلخيها فرو شويم ترا
تلخ گردانم ز غمها خوءِ تو

تا بگردد چشم بد از روءِ تو

## بيت

هاريا! هندوءَ زال کؤن، هيان هيٺ نہ ٿيءَ
پرت پيالو پيءُ، ماٽ ڪري پؤ مچ ۾.

## حڪايت

درويشي را زخم پلنگ رسيده مرتد مديد مشقت مزيد کشيده ليکن از آنجا که برجاده محبت رسوخ قدم و ثبوت دم داشت لِوائِ شکوه بلاءِ در ميدان وفائِ نمي افراشت، بلک پيشکش سپاس و هدايا حمد بيقياس به بار گاه محبوب لا ابالي لباس بعدد انفاس مي کماشت، پر سيدندش که موجب شکرانه متوافره و باعث تفرج متکاثره چيست؟ گفت آنکه بمصيبتي مبتلا شده ام نہ بمعصيتي. يعني اصابته مصائب و اضافه نوائب بسبب امتحان صدق محبت هوادار است و محک وفائِ موّدت اين جان نثار نہ ناشي از ممر انحراف حق و ايثار باطل مطلق.

سنڌي ترجمو

## درجو ٻارهون

**ڏک سکن جي سونهن، گهوريا سک ڏکن ري**

**آيت**

انهن صابر شخصن کي خوشخبري ڏي جن کي جڏهن ڪا مصيبت يا ڪو ڏک پهچي ٿو، تڏهن چوندا آهن تہ: اسان تہ الله جا ئي آهيون ۽ اسان هن ڏانهن ئي ورڻ وارا آهيون.

(پ-2:س-بقرة: ع-19)

## حديث

محمد بن خالد السلمي پنهنجي پيءُ کان ۽ سندس پيءُ سندس ڏاڏي کان روايت ڪئي آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ ٻانهي کي الله جي طرفان جڏهن ڪا منزل يا ڪو مرتبو اڳيان اچڻ وارو هوندو اهي، (پر) ڪيس (اُها منزل) سندس علم جي ڪري نٿي پهچي سگهي تہ الله سندس جسم ۽ سندس مال کي امتحان ۽ آزمائش ۾ وجهندو آهي، انهيءَ کان پوءِ جي انهي شخص تيستائين صبر ڪيو، جيستائين الله جي طرفان آيل منزل پهچي وڃيس.

(رواه احمدؒ ابو دائود)

## مثنوي

هر وقت ڪوشش اٿم، تو سان نئين عشق جي
جي غمگين ڪريان توڪي، تہ غمگين نہ ٿي
ڪڙي ۽ ڪؤڙي ڳالھ تو سان هن ڪري ڪريان
تہ باقي ڪڙايون توتان ڏوئي ڇڏيان
غمن کان تنهنجي خوءُ ۽ زندگي ڪؤڙي ڪريان
تہ توتان نظر بد کي هٽائي ڇڏيان

## بيت

هاريا! هندوءَ زاال ڪئون، هيان هيٺ نہ ٿيءُ
پرت پيالو پيءُ، ماٺ ڪري پؤ مچ ۾.

## حڪايت

هڪڙي درويش کي چيتي شينهن زخمي ڪري وڌو، انهيءَ ڪري گھڻو وقت مشقت ۽ اهنج سهندو رهيو. چو تہ محبت جي رستي ۾ راسخ القدم هو ۽ دم جي ڌمال ۾ ثابت الخيال هو. انهيءَ ڪري وفا جي ميدان ۾ مصيبت جي شڪايت جو علم ڪڙو نٿي ڪيائين، بلڪ بيپرواه محبوب جي درگاه ۾ بيحد حمد ۽ ثنا جي سوغات دم بدم پيش ڪندو رهيو. ڪن شخصن ڪائنس پڇيو تہ: ايتري شڪراني ڪرڻ جو ڪهڙو سبب آهي ۽ ايڏي ساري خوشي ڪرڻ جو ڪارڻ ڇا آهي؟ جواب ۾ فرمايائين تہ: هن ڪري جو مان مصيبت ۾ مبتلا آهيان، نہ معصيت ۽ نافرمانيءَ ۾، يعني ڏک ۽ ڏوجهرا عاشق کي سچي محبت جي امتحان ڪري پهتا آهن ۽ هن جان نثار جي عشق جي وفائي ڪري اهنج رسيا آهن، نہ حق جي نافرماني ڪرڻ ڪري ۽ نہ محض باطل شيءِ جي قربانيءَ جي ڪري.

فارسي متن

### درجه سيز دهم

### در تعليم عروج و تحصيل خروج

## آيت

يا اَيّها النفس المطمئنة ارجعي الیٰ ربّک راضيةً مرضةً فاادخلي في عبادي و دخلي في جنّتي.

(پ-30: س- فجر : ع-14)

## حديث

عن ابي هريره رضہ قال، قال رسول الله ﷺ ينزل ربنا تبارک و تعالیٰ کل ليلة الي السماءِ الدنّيا حين يبقیٰ ثلث الليل الاخر و يقول من يدعوني فاستجيب له من يسالني فاعطيه، ومن يستغفر فاغفر له.

(متفق عليه)

## مثنوي

پنبهء وسواس بيرون کن ز گوش
تابگوشت آيد از گردون خروش
از عقول و از نفوسِ با صفا
نامه مي آيد بجان که اي بي وفا
بار را که آن پنج روزه يافتي
روز يارانِ کهن بر تافتي

## بيت

سرتين سخت سنيهڙا، مڪا ڏانهن ملير
چانور کاڏءِ چور مان، هِري ساڻ حمير
ڪندا ڪرڙ ڪرير، ويئي وطن جا وسري

## حکايت

تاجري را طوطي گويائي در قفس بود که هر نفس بکلمات دلآ ويز و سخنان عذوبت آميز در دلکشائ و روح افازئ وي کوشش مينمود وقتي- بازر گان را اتفاق سفر هند افتاد طوطي پيامش داد که چون به مرغزار هند بجنس اين خاطر نزند ملاقي بشوي بحضرت آن طائفه سبز پوش بپائ ارادت روي، و بعد از ادائ لوازم اخلاص و محبت ازين محبوس قفس محنت عرضداري که مخلص صميم و محب قديم را از صحبت سراپا موهبت محروم داشتن از رابطہ مروت بفايت بعيد است و از آئين خُلّت نهايت دور. تاجر را چون ملاقات طوطيان مرغزار هند دست داد پيشکش آن مشتاق پيش نهاد، طوطي از آنها بعين

اصفاءِ پيام حسرت فرجام بيفتاده بي حس و حرکت ماند بازر گاني باز چون بارگي توجه بجانب وطن مالوف خود داند، طوطي محبوس ماجرا از وي پرسيد. رمز 'مُوتواقبل انت موتو' شنيد، پس بار شاد مربي چون خود را از حس و حرکت باز داشت، زود تر علم مناص بعرصه اطلاق افراشت.

سنڌي ترجمو

## درجو تيرهون

### اُڏر پکيئڙا ور واهيري، نکر منجهان ناسوت

### آيت

اي اطمينان وارا وارا جيءَ! پنهنجي رب ڏانهن رجوع ٿيءُ. تون اُن کان راضي آهين، هو تو کان راضي آهي، تنهنکري منهنجن (خاص) ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ ۽ منهنجي جنت ۾ داخل ٿي وڃ.

**(پ-3:س-فجر: ع-14)**

### حديث

ابي هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ: الله تعالىٰ هر هڪ رات دنيا جي آسمان ڏانهن ان وقت نزول ڪري ٿو، جنهن وقت آخري رات جو ٽيون حصو باقي رهندو آهي، ۽ (ان وقت) فرمائيندو آهي تہ آهي ڪو جو مون کي سڏي تہ مان سندس سڏ کي قبول ڪري وٺان؟ آهي ڪو جو مون کان سوال ڪري تہ مان کيس عطا ڪريان؟ ۽ آهي ڪو جو مون کان بخشش گهري تہ مان کيس بخشي ڇڏيان؟

**(متفق عليہ)**

### مثنوي

ڪن مان وسوسن جي ڪپهہ ڪڍي ڇڏ<br>
تان ٻڌين آواز آسمان مان، سڻي ڇڏ<br>
پاڪ هستين، صاف عقل وارن کان ٿو اچي<br>
جان ۾، اي بي وفا پيغام ٿو اچي<br>
تہ ان پنجن ڏينهن جي يار کي هٿ ڪيو اٿئي<br>
قديمي يار کان سو منهن موڙيو اٿيئي.

## بيت

سرتين سخت سنيهڙا، مڪا ڏانهن ملير
چانور ڪاڏءِ چور مان، هِري ساڻ حمير
ڪندا ڪرڙ ڪرير، ويئي وطن جا وسري

## حڪايت

هڪڙي واپاري کي هڪ ڳالهائيندڙ طوطو پڃري ۾ هو، جو هردم دل کي وڻندڙ ڪلما ۽ ميناج ڀريا ٻول ٻوليندو هو ۽ دل ۽ روح کي فرحت ڏيڻ جي ڪوشش ڪندو هو. هڪڙي وقت واپاري اتفاق سان هندستان جي سفر تي سنبريو. طوطي ڪيس پيغام ڏنو ته: جڏهن هندستان جي جهنگل ۾ هن ملول دل جي جنس وارن سان ملاقي ٿئين ته سبز پوش طوطن جي جماعت جي حضور وٽ اراتمنديءَ سان وڃي، هن ڏکن واري پڃري ۾ بند ٿيل جي طرفان، اخلاص ۽ محبت جي لوازمن جي ادا ڪرڻ کان پوءِ عرض ڪجانءِ ته ۽ پراڻي مشتاق کي آب حيات صحبت کان محروم رکڻ مروت جي رابطي کان بلڪل پري آهي ۽ ڪريم صفت کان نهايت دور آهي.

جڏهن واپاري هندستان جي طوطن واري جهنگل ۾ پهتو، تڏهن انهي مشتاق جون سوڪڙيون پيش ڪيائين. انهن طوطن مان هڪ طوطي کي جڏهن حسرت ڀريو پيغام ڪن پيو ته بي حس ۽ حرڪت ٿي پيو يعني مري ويو. واپاري صورت حال ڏسي جڏهن پنهنجي وطن ڏانهن موٽي آيو، تڏهن بند ٿيل طوطي ڪانئس احوال پڇيو ۽ مرڻ کان اڳي مرڻ جو ڏس ٻڌي، پنهنجي مربي جي ارشاد موجب انهي ئي وقت پاڻ کي حس ۽ حرڪت کان روڪي ڇڏيائين ته (واپاري) ان وقت ئي ڪيس مردو سمجهي ٻاهر ڪڍي ڇڏيو ته (هڪدم) اُڏري آزاد ميدان ۾ آزادي جو علم کڙو ڪيائين، يعني اڏري پنهنجي واهيري وري ويو.

فارسي متن

## درجه چهاردهم

**در ترک انانیّت و مشاهدهء هویت**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: فاينما تُولُوا فثم وجه الله ان الله واسعُ عليمُ. (پ-1:س-بقرة: ع-14)

## حديث

عن ثُوبانُ رضہ قال، قال رسول الله ﷺ قال موسیٰ يا رب اَقريبٌ انت فانا جيک ام بعيدہٌ فانا ديک فانّي اَحسُ حِس صَوتِکَ ولا ادراک فَاُينَ انت. قال تعالیٰ انا خلفُک و اَمامک و عن يمينک و عن شمالک يا موسیٰ؟ انا جليسٌ عبدي اذا ذکرني و اَنا معَهُ اذا دعاني.

(رواه الديلمي)

## مثنوي

هر کرا باشد ز سينه فتح باب
او زهر ذره ب بيند آفتاب
چون محمد پاک بود از نار و دود
بر کجا رو کرد وجه الله بود
چون رفيقي وسوسه بد خواه را
کي بداني ثم وجه الله را

## بيت

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همه کي حق چوين
شارک شک نہ ني، انڌا انهيءَ ڳالهہ ۾.

## حکايت

زني برقع پوش بخدمت حضرت سيد الطائف شيخ جنيد بغدادي قدس سره آمده از شوهر خود شکوه نمود که باوجود مصاحبت من نکاح ديگر را متقاضي است و صحبت ثانيه را متلاشي. پير طريقت فرمود که به ااز رتکاب اين قسم فعل ملامت را نيايد و غرامت را نه شايد، زيرا که در شريعت عزّ او ملّت بيضا تجويز تزويج اربعه اشهر است و تحليل چهار منکوحه اظهر، عورت عرضداشت که اگر امر حجاب مافع نہ باشدو آيات احتجاج نازل نه برقع از رخسار بردارم و آفتاب جمال خود از تتق نقاب بر آرم تا خود بخود انصاف دهي که باوجود مشاهده حسن بي نشان و معائنہ رويُ رخشان من التفات بجانبي حلال نيست و بسويُ مباح نه. شيخ باستماع اين سخن از خود رفت و مستغرق درياي

وجد و حالت گشت- پس از مدت چون به افاقه آمد. جرعه نوش پيمانه ازلي شيخ ابوبکر شبلي قدس سره که حاضر مجلس رشدت مونس بود معروض داشت که موجب مدهوشي چه بود و جان وحدت تو امان را کدام حالت رويُ نمود. فرمودند که کليم بي جهئة را مشاهده نمودم که بوساطت برقع پوشي خطاب بامن کرد که اي پروانه شمع حقيقت اگر آن جلايُ جمال لا يزال ما در عالم اجسام ممکن بود، احدي از من بغير ملتفت نہ شدي و از لقائي جلوه شهود به تمنائي ملاقي وجود متمائل نہ گشتہ.

سنڌي ترجمو

## درجو چوڏهون

### خودي ڇڏ خدا ڏس

### آيت

اوهان جيڏانهن بہ منهن ڦيريندوئو، اتي الله جو رخ هوندو. ڇاڪاڻ تہ الله وڏي وسعت وارو ۽ ڄاڻندڙ آهي. (پ-1:س-بقرة: ع-14)

### حديث

ثوبان رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ تہ: موسیٰ چيو تہ اي منهنجا رب! ڀلا جي تون ويجهو آهين تہ مان توکي آهستي سڏيان، يا جي پري آهين تہ مان توکي وڏي سڏ سڏيان. ڇاڪاڻ تہ مان تنهنجي آواز جي حس کي محسوس ڪريان ٿو ۽ توکي ڏسان نٿو تہ تون آهين ڪٿي؟ الله تعالیٰ فرمايو تہ: اي موسیٰ! مان تنهنجي پٺيان، تنهنجي اڳيان، تنهنجي سڄي پاسي ۽ تنهنجي کٻي پاسي آهيان. مان پنهنجي ٻانهي سان گڏ وينو هوندو آهيان، جڏهن هو منهنجو ذڪر ڪندو آهي؛ ۽ مان انهيءَ سان هوندو آهيان جڏهن هو مون کان دعا گهرندو آهي.

(رواه الديلمي)

### مثنوي

جنهن جي سيني جو دروازو ڪليل هوندو
تنهن کي هر ذري مان آفتاب نظر ايندو
جڏهن محمد آگ ۽ دود کان پاڪ هو
تڏهن جيڏانهن بہ رخ ڪيائين تيڏانهن وجه الله هو

جڏهين توکي بد خواه وسوسو آ
ڪيئن پسندين هر جاءِ وجه الله آ.

**بيت**

ڏسڻ ڏسين جي، تہ همه کي حق چوين
شارڪ شڪ نہ ني، انڌا انهيءَ ڳالھ ۾.

**حڪايت**

هڪ برقعي پوش عورت حضرت سيد الطائف شيخ جنيد بغدادي قدس سره جي خدمت ۾ اچي، پنهنجي مڙس جي شڪايت ڪئي تہ منهنجي صحبت هوندي ٻئي نڪاح ڪرڻ جو خيال ڪيو اٿس ۽ ٻي صحبت اختيار ڪرڻ جي تلاش ۾ آهي. پير طريقت فرمايو تہ: اهڙي ڪم ڪرڻ جي لاءِ ملامت نہ ڪرڻ گهرجي ۽ نندڻ نہ جڳائي، ڇاڪاڻ تہ معزز شريعت ۽ روشن مذهب ۾ چار نڪاح ڪرڻ مشهور آهن ۽ چار نڪاح ڪرڻ ڪليو ڪلايو حلال آهن. عورت عرض ڪيو تہ: جيڪڏهن پردي ڪرڻ جو حڪم نہ روڪيندو هجي ها ۽ پردي جي جي باري ۾ آيتون نازل ٿيل نہ هجن ها تہ مان منهن تان برقعو ڪٽي ڇڏيان ها ۽ پنهنجي جمال جي آفتاب کي نقاب مان ٻاهر آڻيان ها تہ پنهنجو پاڻ ئي انصاف ڪرين ها تہ ٻي نشان حسن جو پسڻ هوندي ۽ منهنجي چمڪندڙ منهن جي ڏسڻ هوندي، ٻئي پاسي ڏسڻ حلال تہ نہ آهي بلڪ مباح بہ نہ آهي. پير صاحب انهيءَ سخن ٻڌڻ سان پاڻ کان پري ٿي، وجد ۽ حالت جي دريا ۾ غرق ٿي ويو. ڪجھ وقت کان پوءِ جڏهن سجاڳ ٿيو تہ ازلي پيالي جي سرڪي پريندڙ شيخ شبلي قدس سره جو ان وقت فيض پري مجلس ۾ حاضر هو، تنهن عرض ڪيو تہ: مدهوشيءَ جو سبب ڪهڙو هو، وحدت گڏيل جان کي ڪهڙي حالت منهن ڏيکاريو؟ فرمايائون تہ: بي مثل ڪلام ڪندڙ ذات جو ديدار ڪيم، جنهن برقعي پوش جي ذريعي مون سان خطاب پئي ڪيو تہ اي شمع جا پروانا! جيڪڏهن هن جهان ۾ اسان جي لايزال جمال جو حسن جسماني جهان ۾ ممڪن هجي ها، تہ ڪو شخص بہ مون کان منهن نہ موڙي ها ۽ شهودي جلوي سي ديدار کان هٽي ها ۽ هُئڻ هستي جي طرف ڪڏهين بہ مائل نہ ٿئي هئا.

فارسي متن

**درجہ پانزدهم**

**در استماع صحبت و استيعاب حڪمت**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جلاله و عم نواله: و اصبِر نفسک مع الذين يرعون ربهم بالغداة وا لعشي يريدون وجهه. (پ-15:س-ڪهف: ع-4)

## حديث

عن ابي سعيد الحذري رضہ قال، جلست في عصابة من ضعفاءِ المهاجرين و ان بعضهم يستترد ببعض من العرىٰ و قاريُ يقراءُ القرآن علينا اذا جاءَ رسول الله ﷺ فقام علينا فلما قام رسول الله ﷺ سکت القاري فسلم ثم قال ما کنتم تصغون قلنا کنا فستمع اِلىٰ کتاب الله تعالىٰ فقال الحمد الله الذي جعل من اُمتي من اُمرت ان اُصبر نفسي معهم قال فجلس و سطناً ليعدل بنفسه فينا ثم قال بيده هٰکذ فتحلقو و برزت وجوههم له فقال اَبشروا يا معشر صعاليک المهاجرين باالنور التام يوم القيامة تدخلون الجنة قبل اغنياءَ الناس بنصف يوم و ذالک خمسمائة سنة.

(رواه ابو دائود)

## مثنوي

دانکه اسرافيل وقتند اوليا
مرده را زايشان حيات است و نا
روحهايُ مرده اندر گور تن
برجهد ز آواز ايشان از کفن
صحبت ايشان خاک را اکسير کرد
گفت شان در مرده دل تاثير کرد

## بيت

ڪن ٿي ڪيچين ڪچيو، ڪچ نہ ڪچيو تن
اشارتون ان جون، ڪي سڪوتيا سمجهن
وٺان ويهي تن، سڻ تہ سوز پرائيين.

## حکايت

وزيري معزول را توفيق ازل رفيق شد که به حلقهء اهل تحقيق در آمد. سر ارادت بر عتبه والا رتبه سرمستان الست و محققان صفا پرست نهاد و سامعه روحاني بسمع کلمات ترقي آيات صحبت سراپا موهبت آن نکته سنجان راز رباني کشاد تاکه بتدريج لمعات بارقه لامعه

مصاحبت روشن دلان خرمن خطراتش را پاک بسوخت و اَشعه وجدان مجالست کاملان شمع محبت در شبستان جانش افروخت. بادشاه بار ديگر بروي عرض وزارت نمود مطبوعش نہ فرمود. ملک گفت بجته امامت تدبير مملکت خرد مندي درکار است. فرمود خردمند في الحقيقت آن است که خود را ازين ورطهء بلا که سرمايه جميع خطا است و محض بازيچه هوا برکنار دارد و خود را بمقضاي عد نفسک من اصحاب القبور پيش از عدم معدوم انگارد.

سنڌي ترجمو

## درجو پندرهون

### صحبت سپرين جي سراسر اسرار

### آيت

پاڻ کي انهن سان صبر ۾ رک، جيڪي پنهنجي رب کي صبح ۽ شام سڏيندا آهن ۽ سندس ديدار طلبيندا آهن.

**(پ-15:س-ڪهف: ع-4)**

### حديث

ابي سعيد الحذري کان روايت آهي تہ: مان ضعيف مهاجرن جي جماعت ۾ وينو هوم ۽ سچ پچ انهن مان هڪڙن جي ٻين جي ستر سان اوگهڙ ڍڪيل هئي ۽ هڪڙي قاري اسان وٽ قرآن ٿي پڙهيو. جڏهن رسول الله ﷺ آيو پوءِ اسان وٽ بيهي رهيو. پوءِ جڏهن رسول الله ﷺ اچي بينو تہ قاري خاموش رهيو. پوءِ پاڻ اسلام عليڪم چئي فرمايائون: ڇا ٿا ٻڌو؟ عرض ڪيوسون تہ: الله تعالیٰ جي ڪتاب ڏانهن ڪن ڏئي رهيا آهيون. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: انهيءَ الله جا حمد ۽ شڪرانا آهن، جنهن منهنجي امت مان اهڙا شخص بہ ڪيا، جن جي باري ۾ مون کي حڪم ٿيو تہ مان پنهنجو پاڻ کي انهن سان صبر ۾ رکان، جو ارشاد فرمايائون. پوءِ هن ڪري اسان جي وچ ۾ وينا تہ پنهنجو پاڻ کي برابريءَ ۾ رکن! انهيءَ کان پوءِ پنهنجي هٿ سان حلقي ڪرڻ جو اشارو ڪيائون ۽ پنهنجا منهن سندن سامهون ڪياسون. پوءِ پاڻ فرمايائون: اي ترقي ڪندڙ مهاجرن جي جماعت! اوهان کي قيامت جي ڏينهن ڪامل نور جي مبارڪ هجي. اوهان دولتمند ٿلهن کان اڌ ڏينهن اڳي جنت ۾ داخل ٿيندئو ۽ اهو ڏينهن پنج سئو سالن جو هوندو. **(رواه ابو دائود)**

## مثنوي

وقت جا اولياءَ اسرافيل سمجهہ
انهن کان مردن کي حياتي ۽ نما سمجهہ
مردي جو روح جسم جي قبر اندر آهي
انهن جي آواز کان ڪفن مان اٿڻ آهي
انهن جي صحبت خاڪ کي اڪسير ڪري ٿي
انهن جي گفتار مرده دل کي تاثير ڪري ٿي

## بيت

ڪن تي ڪيچين ڪچيو، ڪچ نہ ڪچيو تن
اشارتون ان جون، ڪي سڪوتيا سمجهن
وٺان ويهي تن، سڻ تہ سوز پرائيين.

## حڪايت

عهدي تان لٿل هڪ وزير کي ازلي توفيق اچي همراهہ ٿي، جو حقيقتن وارن جي حلقي ۾ داخل ٿي پيو. الستي سرمستن ۽ صفا پرستن جي چوکاٽ تي ارادتمنديءَ جو سر اچي رکيائين ۽ سندن صحبت ۾ رباني راز جا نکتا جيڪي سراسر فيض ۽ بخشش هئا، سي دل و جان سان ٻڌڻ لڳو. تان جو روشن دلين وارن جي اثر ڀري گفتار جي جهلڪارن، سندس خطرن ۽ وهمن واري انبار کي ساڙي صاف ۽ پاڪ ڪري ڇڏيو ۽ ڪاملن جي صحبت وجد وارن شعلن سان محبت جي شمع، سندس جان جي محلات ۾ روشن ڪري ڇڏي. بادشاهہ وري ٻيو دفعو ڪيس وزارت جي ڪرسيءَ جي آڇ ڪئي پر وزير کي پسند نہ آئي. بادشاهہ فرمايو تہ: ملڪي معاملات جي سلجهائڻ واسطي عقلمنديءَ جي ضرورت پئي آهي. وزير جواب ڏنو تہ: حقيقت ۾ عقلمندي اها آهي تہ انهيءَ مصيبت جي ڪن کان، جا سڀني خطائن جي جڙ آهي ۽ محض ڪيڏ آهي، تنهن کان پاڻ کي عد نفسک من اصحاب القبور (پنهنجو پاڻ کي قبر وارن مان شمار ڪر) جي حڪم موجب فنا ٿيڻ کان اڳي فنا ٿي وڃي.

## درجہ شانزدهم

## در محنت کشي

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: ولا تحسبن الذين قتلوا في سبيل الله امواتاً بل احياءٌ عند ربهم يرزقون. فرحين بما آتهم الله من فضله

(پ-4:س-آل عمران: ع-17)

### حديث

عن ابن عباس رضہ قال، آن رسول الله ﷺ: قال لا صحابه انه لما اصيب اخوانكم يوم أُحد جعل الله ارواحهم في جوف طير خُضُر تردُ النهار الجنة تاكُل من اثمارها و تاوي الىٰ قناديل من ذهب معلقة في ظر العرش فلما وجدوا طيب ماكلهم و مشربهم و مقيلهم قالوا من يبلغ اخواننا عنا اننا احياءٌ في الجنة لئلا يزهدوا في الجنة ولا ينكلوا عند الحرب فقال الله تعالىٰ انا ابلغهم عنكم. فانزل الله تعالىٰ ولا تحسبن الذين قتلوا في سبيل الله امواتاً بل احياءٌ عند ربهم الىٰ آخر الا آيات

(رواه ابو دائود)

### مثنوي

خوش آن مرده که از خود رسته شد

در وجود زندگي پيوسته شد

موم و هيزم چون فدايُ نار شد

ذات ظلماني او انوار شد

چونکه اندر مرگ بيند صد وجود

پس چون بروانه بسوزاند وجود

### بيت

پابوهيو پچن، ڪٽي هٿ حبيب جو

عاشق اجل سامهون، اُيي ڳات اچن

نيزي هيٺيان نينهن جي، پاڻ نہ پاسي ڪن

ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

### حڪايت

روزي مگس دون همت پروانه والا نهمت را ملامت كرد و بدان حريق نار مجاهده و غريق بحر مشاهده رويُ عتاب آورد كه خود راچرا در ورطه هلاک مي اندازي و جان عزيز را فدايُ شعله بي باک مي سازي و چون من ذوقنون از هر اطعمه متلذذه حظي چرا بر نگيري و از هر اشربه مطيبه بهره نہ پذيري. پروانه از آنجا كه همت مردانه داشت و نهمت عاشقانه به جوابش پرداخت كه مقصود اتم مشتاقان و مطلب اهم عشاقان نفي وُجود ماسوا است و اثبات شهود بقا، چون از ظلام اوهام كه ثمرهٔ شجره هستي نافرجام است بدلالت جذب محبت و جوش مودت بجانب نور جلال و تجليه جمال رخت ميكشم دمبدم ساتكين عشرت لايزال از ميخانه وصال كمال مي چشم، صورت هُسرت من در معني عين يسرت است و نائره محنت في الحقيقة محض روضهُ رحمت.

سنڌي ترجمو

## درجو سورهون

**جهد ڪر جيسين جيئين، تہ هميشه حيات ٿئين**

**آيت**

جيڪي شخص الله جي راهہ ۾ قتل ڪيا ويا تن کي هرگز مئل نہ سمجهو بلڪ اهي پنهنجي رب وٽ حيات آهن (۽) اُنهن کي رزق ڏنو ٿو وڃي. الله پنهنجي فضل سان جو ڪجهہ بہ کين ڏنو آهي، تنهن سان فرحت ۾ آهن.

**(پ-4:س-آل عمران: ع-17)**

**حديث**

ابن عباس کان روايت آهي، فرمايائين تہ: رسول الله ﷺ پنهنجن انهن اصحابن کي ارشاد فرمايو، جيڪي احد واري لڙائي جي ڏينهن پنهنجي ڀائرن وٽ اچا نہ پهتا هئا، تہ الله انهن شهيدن جي روحن کي سبز پکيءَ جي پولار ۾ رکيو آهي، جيڪي جنت جي نهرن تي ڦرندا رهن ٿا (۽) انهيءَ جا ميوا کائين ٿا ۽ سون جي قنديلن ڏانهن رهن ٿا، جيڪي قنديل عرش جي ڇانوَ ۾ ٽنگيل آهن. پوءِ جنهن وقت پنهنجا پاڪ کاڌا، پاڪ پيئڻ جون شيون ۽ آرام جو هنڌ حاصل ڪيائون، تنهن وقت چوڻ لڳا تہ آهي ڪو، جو اسان جي طرفان، اسان جي ڀائرن کي خبر پهچائي تہ اسان جنت ۾ جيئرا آهيون، ۽ جهاد ڪرڻ وقت سستي نہ ڪن. تنهنڪري الله تعالىٰ فرمايو تہ: اوهان جي طرفان مان ٿو خبر پهچايان،

تڏهين الله تعالىٰ نازل ڪيو تہ جيڪي شخص الله جي راهہ ۾ قتل ڪيا ويا، تن کي هرگز مئل نہ سمجهو بلڪ پنهنجي رب وٽ جيئرا آهن.

(رواه ابوداود)

## مثنوي

اهي مردا خوش آهن، جيڪي پاڻ کان آزاد ٿيا
هن زندگيءَ ۾ ئي وڃي محبوب سان مليا
موم ۽ ڪانيون جڏهين باهہ تي قربان ٿين
سي ظلماتي ذات ڇڏي وڃي انوار ٿين
جڏهين مرڻ ۾ سؤ وجود ڏسي ٿو
تڏهين ٿي پرواني وانگر وجود ساڙي ٿو.

## بيت

پابوهيو پڇن، ڪٿي هٿ حبيب جو
عاشق اجل سامهون، اُڀي ڳاٽ اچن
نيزي هيٺيان نينهن جي، پاڻ نہ پاسي ڪن
ڪسڻ قرب جن، مرڻ تن مشاهدو.

## حڪايت

هڪڙي ڏينهن بي همت مک اعلىٰ همت پرواني کي ملامت ڪئي، ۽ مجاهدي جي باهہ ۾ سڙندڙ مشاهدي جي درياءَ ۾ غرق ٿيندڙ کي ميار ڏني تہ پاڻ کي مصيبت جي کُن ۾ ڇا لاءِ ٿو وجهين ۽ پياري جان کي بي ڏڪ باهہ جي شعلي تي وڃي ٿو ستين؟ مون ڇال باز وانگر هر لذيذ طعام مان مزو ڇو نہ ٿو وٺين، هر پاڪ ۽ مني پاڻيءَ مان حظ ڇو نہ ٿو وٺين؟ اهو پروانو جيڪو مردانو همت وارو هو ۽ عاشقن واري جرئت رکندو هو، تنهن جواب ڏنو تہ: مشتاقن جو وڏي ۾ وڏو مقصد ۽ عاشقن جو اهم مطلب آهي الله کان سواءِ ٻيو سڀ ڪجهہ فنا ڪري ڇڏڻ ۽ الله جي ذات کي باقي ۽ ثابت رکڻ، وهمن ۽ وسوسن جون اونداهيون، جيڪي فنا ٿيندڙ هستي جو ڦل آهن تن کي، جنهن وقت عشق جي جذبي ۽ محبت جي جوش مان جلالي نور ۽ جمالي تجلي سان ڇڪي ٿو وڃان تہ دم بدم ڪامل

وصال جي ميخاني مان دائمي خوشي ۽ قرار جو حظ ته چکيان. منهنجي ڏکي صورت حال حقيقت ۾ سراسر سکي آهي، سختيون ۽ سور حقيقت ۾ محض رحمت جو باغ آهن.

فارسي متن

## درجه هفتدهم

## در ادراک سعادت بيداري و تحصيل فوائد جان نثاري

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: تتجافىٰ جنوبُهُم عن المضاجع يدعون ربهم خوفاً و طمعاً و مما رزقناهم ينفقون. فلا تعلم نفسُ ما أُخفي لهم من قرة أعين. جز آءٌ بما كانو يعملون.

**(پ-21:س-سجده: ع-2)**

### حديث

عن ابي امامة رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: عليكم بقيام الليل فانه داب الصالحين قبلكم وهو ربةُ لكم الىٰ ربكم و مُكفرةُ للسيئاة و منهاة عن الاثم.

**(رواه الترمذي)**

### مثنوي

هين قم الليل تو اي شمع همام
شمع دائم شب بود اندر قيام
اشک مي بارو همي سوز از طلب
همچون شمع سر بريده جمله شب
شو قليل النوم مما يهجعون
باش در اسحار از يستغفرون

### بيت

سُتا اُٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
جو تو ساڻيھ پائيو، سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي

### حکايت

حضرت شاه اويس قرني قدس سره را حکايت کننده در وادي رياضت و باديه مشقت چنان گرم بودي که شبي از غايت شوق و نهايت ذوق فرمودي که هذه ليلة الرکوع و برکوعش سحر نمودي، و شبي از جذب متوافره و وجد متکاثره بظهور آوردي که هذا ليلة السجود بسجودش بسر بردي محبو سان قفس وجود بدان عندليب روضه شهود معروض داشتند که خاطر عشق ماثر توکه ملبع فيض جلال و محزن سر کمال است از احتمال بارگران برياضت جاودان بملال نمي گرآيد و از ارتکاب شدت اندوه ستوده نمي آيد. فرمود شب دراز که خلوتگاه اهل راز روز بازار عشقباز است به چشم همت دل محبت منزل بساعت مساوي مي نمايد، حقا که اگر طوالت ليل بقدر ما بين الازل را بد بود، جان مشتاق سراپا اشتياق بحسب اشارت قرب بشارت واسجد و اقترب بفرط طلب از مجود معبود که تقريب مقصود است سير نه شود.

سنڌي ترجمو

## درجو سترهون

**جاڳڻ ۾ ئي جس، جس جاڳڻ سان ٿئي**

**آيت**

سندن پاسا سمهڻ جي هنڌ کان الڳ ٿي، پنهنجي رب کي خوف ۽ اميد سان سڏيندا آهن ۽ جيڪو کين رزق ڏنوسون، تنهن مان خرچ ڪندا آهن. جيڪو اکين جو ٺار، انهن لاءِ مخفي رکيو ويو آهي تنهن کي ڪو بہ جيءُ نہ ڄاڻندو آهي.. **(پ-21:س-سجده: ع-2)**

**حديث**

ابي امامه کان روايت آهي تہ: فرمايو رسول الله ﷺ رات اٿي کڙو ٿيڻ اوهان تي لازم آهي، ڇاڪاڻ تہ اهو (رات جو قيام ڪرڻ) اوهان کان اڳين صالحن جي عادت هوندي هئي ۽ اهو (رات جو قيام ڪرڻ) اوهان لاءِ ۽ اوهان جي رب وٽ قرب (وڌائيندو) ۽ بڇڙاين کي ميٽي ڇڏيندو ۽ گناهن کان روڪي ڇڏيندو. **(رواه ترمذي)**

**مثنوي**

تون رات جو اٿي کڙو ٿيءُ اي شمع حمام
شمع ساري رات هوندي آهي اندر قيام

طلب جي ڪري سڙي ٿي ۽ نير وهائي ٿي
تون بہ شمع وانگر ساري رات سر وڍائيندڙ ٿي
ننڊ ٿوري ڪر، جيڪي ٿورو سمهن ٿا تن مان ٿي
جيڪي اسُر مهل بخششون گهرن ٿا تن مان ٿي

## بيت

ستا اٿي جاڳ، ننڊ نہ ڪجي ايتري
جو تو ساڻيهہ پانئيو، سو مانجهاندي جو ماڳ
سلطاني سهاڳ، ننڊون ڪندي نہ ملي

## حڪايت

حضرات شاهہ اويس قرني جي ڳالهہ ڪندا آهن تہ رياضت جي وادي ۽ مشقت جي ميدان ۾ اهڙو گرم هو، جو ڪنهن رات وڏي شوق ۽ نهايت ذوق مان فرمائيندو هو تہ هيءَ رڪوع جي رات آهي ۽ رڪوع ۾ گذاريندي صبح ڪندو هو: ۽ ڪنهن رات جهجهي جذبي ۽ گهڻي وجد ڪري ظاهر ڪندو هو تہ هيءَ رات سجدي جي رات آهي، سو سجدي ۾ گذاريندي پوري ڪندو هو. عام ماڻهن مشاهدي جي باغ جي بلبل کي عرض ڪيو تہ: اوهان جي عشق ڀريل دل، جا جلالي فيض جو سرچشمو ۽ ڪمال اسرار جي مخزن آهي، سا هر وقت رياضت ۽ مشقت جي وڏي بار کڻڻ کان ملول نہ ٿي ٿئي ۽ ايتري سختي سهڻ جي ڪري جهُرندي نٿي وڃي؟ حضرت قرني فرمايو تہ: سڄي رات، راز وارن لاءِ خلوتخانو ۽ عاشقن واسطي ڏينهن جي بازار آهي، ۽ اها عشق جي همت واري اک ۾ هڪ گهڙي جي برابر نظر اچي ٿي، سچ ڪري پڇو تہ جيڪڏهن ازل کان ابد جيتري ڊگهي رات هجي تہ بہ مشتاقن جي جان، جا سراسر اشتياق آهي، سا ”سجدو ڪر ۽ قرب حاصل ڪر“ جي قرب ڀري بشارت موجب ڪڏهين نہ ڍاپي ۽ معبود جي ڀرپور طلب ڪري سجدي ڪرڻ کان نہ ڍائبي، ڇاڪاڻ تہ قرب حاصل ڪرڻ مقصد آهي.

فارسي متن

**درجه هزدهم**

**در صفت ارباب معرفت و اصحاب وجد و حالت**

## آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: الا ان اولياءَ الله لا خوفُ عليهم ولا هم يحزنون لهم البشرىٰ في الحيواة الدنيا و في الاخرة.

**(پ-11:س-يونس: ع-7)**

## حديث

عن عمر رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: اِن من عباد الله لاناساً ماهم بانبياءٍ ولا شُهُداءٍ يغبطهم الانبياءُ والشهداءُ يوم القيامة بمكانهم من الله. قالوا يا رسول الله ﷺ تخبرنا منهم. قال قومُ تحابوا بروح الله علیٰ غير ارحام بينهم ولا اموال يتعاطونها فوالله ان وجوهم لنورُ و انهم لنورٌ و انهم علیٰ نور. لا يخافون اذ اخاف الناس يوم القيامة ولا يحزنون اذا حزن الناس و قرءَ هذه الايت الاّ اِن اولياءَ الله لا خوفُ عليهم ولا هم يحزنون.

**(رواه ابو دائود)**

## مثنوي

خواب مي بينند آن جا خواب ني
در عدم در ميروند و باب ني
رفته در صحرائي بيچون جان شان
روح شان آسوده و ابدان شان
جسم شانراهم ز نورا سرشته اند
تاز روح و از ملک بگذشته اند.

## بيت

آگي اڳيئي ڪيا، اهي نسورو نور
لاخوف عليهم ولا هم يحزنون سچن ڪونهي سور
مولي ڪيو مامور، انگ ازل ۾ ان جو.

## حڪايت

حضرت سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره را گفتند، که چگونه بامداد کردي و بچه حال شب بروز آوردي؟ فرمود که نزديک من از صبح اثري نيست و از شام خبري نه، چه که شهباز جانم ازين عالم دو رنگ برتر آشياني دارد، و پرواز وجدانم ببويءِ موانست شاهد بيرنگ بستان سرايُ آفاق و انفس را زنداني شمارد و طبعم از تاليف

مشاهده اکوان رميده ودلم بنزهت گاه خلود لا مکان آراميده زيرا که مشام روحي از استشام مطيبات معيّت معطر است و مکان سري بخلوت خاص احديت فِيْ مَقْعَدِ صِدْقٍ عِنْدَ مَلِيکٍ مُقتَدِرٍ.

سنڌي ترجمو

## درجو ارڙهون

### اولياءَ ڪرام جي صفت ۽ ثنا ۾

### آيت

خبردار! الله جي اوليائن کي نڪي ڪو خوف آهي ۽ نڪي اهي غمگين ٿي رهندا. انهن لاءِ دنيا جي حياتي ۽ آخرت ۾ خوشخبري آهي. (پ-11:س-يونس: ع-7)

### حديث

حضرت عمر رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ الله جي ٻانهن مان اهڙا شخص بہ آهن، جيڪي نہ پيغمبر آهن نڪي شهيد آهن (پر) قيامت جي ڏينهن، الله جي طرفان پنهنجي مکان ۽ مرتبي ۾ انبياءَ ۽ شهيدن جو شان ۽ شوڪت رکندا. اصحابن عرض ڪيو، يا رسول الله! اسان کي انهن جي خبر ٻڌايو. فرمايو رسول الله ﷺ تہ جن جي پاڻ ۾ مٽي مائٽي بہ نہ هوندي ۽ نڪي پاڻ ۾ مال جي ڏي وٺ هوندن، صرف پاڻ ۾ خدا ڪارڻ محبت رکندا آهن. تحقيق انهن جا منهن روشن آهن ۽ انهن جا منهن بلڪل نور آهن ۽ يقيناً اهي شخص نور اعلیٰ نور آهن. ۽ جڏهين عام ماڻهو قيامت جي ڏينهن خائف هوندا، هي انهيءَ ڏينهن بي ڊپا هوندا ۽ جڏهين عام ماڻهو غم ۽ مونجهاري ۾ هوندا، تڏهين هي شخص چين ۽ قرار ۾ هوندا. انهيءَ کان پوءِ هيءَ آيت پڙهيائون، ڪن ڏئي ٻڌو بلاشڪ الله جي اوليائن کي نڪي ڪو خوف آهي ۽ نڪي ڪو غمگين ٿي رهندا.

(رواه ابودائود)

### مثنوي

الله وارا خواب ڏسن ٿا پر اتي خواب نہ آهي

ناه جي اهڙي ملڪ ۾ وڃن ٿا،جنهن کي ڪو دروازو نہ آهي

انهن جو خيال بي مثل جي ميدان ۾ هليو ويو
انهن جو روح مطمئن ۽ دائم رهيو
انهن جو جسم نور مان جوڙيو ويو آهي
انهيءَ ڪري، روح ۽ ملائڪن ڪان پار ٿي ويو آهي

## بيت

آڳي اڳيئي ڪيا نسورو نور
لاخوف عليهم ولا هم يحزنون سچن ڪونهي سور
مولي ڪيو مامور، انگ ازل ۾ ان جو.

## حڪايت

حضرت سلطان العارفين شيخ با يزيد بسطامي کي عرض ڪيائون ته: صبح ڪهڙي ريت ڪيؤ ۽ رات ڪهڙي ريت گذاري ڏينهن ڪيؤ؟ پاڻ فرمايائون ته: مونکي نه ڪو صبح جو پتو پيو نه وري ڪا شام جي خبر آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي جان جو شهباز هن دو رنگي جهان ڪان مٿي ٿو رهي. ۽ منهنجي وجد جو پرواز بي رنگي باغ جي محبوب جي ورونهه جي هيڪار ۾ آهي، دنيا جي جهان ۽ نفسي محلات کي بئديخانو ٿو سمجهي، ۽ منهنجي طبيعت عارضي مشاهدي جي نظاري ڪان ٿهيل آهي ۽ منهنجي دل لا مڪان جي باغستان ۾ مطمئن آهي، ڇاڪاڻ ته منهنجي روح جون دماغي طاقتون ”معّيت“ واري مرتبي جي هيڪار ڪان معطر آهن ۽ منهنجي ”سِري“ مرتبي وارو مڪان خاص احديت جو ”وڏي طاقت واري بادشاهه وٽ باعزت رهندڙ“ خلوت آهي.

فارسي متن

## درجه نوزدهم

## در مراقبه قلبي و مکاشفه وهبي

## آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: وفي انفسكم افلا تبصرون
(پ-26:س-ذاريات: ع-1)

## حديث

عن ابي هريره رضہ قال النبي ﷺ: حاكيا عن الله سبحانه و تعالىٰ لا يسعني ارضي ولا سمائي ولا كن يسعني قلب عبدي المؤمن

## مثنوي

اي هزاران جبرئيل اندر
صد مسيحايُ نهان در جوف خر
هزاران احمد اندر غار تن
گنج رباني نهان در مار تن
گرچه دارد خاک شکلِ عنبري
از درون دارد صفات انوري.

## بيت

هو ناهي هن ري، هي نہ انهون ڏار
الانسان سري و انا سِره، پُرجهج هيءَ پچار
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

## حکايت

مربع نشين چار بالش قلندري بي بي رابعہ قدس سرها را معروض داشتند، چه باشد که به تماشايُ نو رسته هايُ بساتين يعني گل و رياحين بيرون آيُ و به مقتضايُ "فانظروا الىٰ آثار رحمت الله" ديده عبرت بچهره صنعت کشاي؟ فرمود اي شيفتگان حسن صورت، و فريفتگان جمال هيئت باري درون آئيد و از صانع بصنعت التفات منمائيد و خزائن " کنت کنزاً مخفياً" رابه مفتاح" من عرف نفسه فقد عرف ربه" کشائيد، زيرا که بارگاه سلطان حقيقت و جلو گاه مشاهد جمله هُويِّت به حکم والا "قلب المؤمن عرش الله تعالىٰ" بدون انسان کائن نيست، و حصول معرفت محبوب بي نشان بحب مضمون بشارت مشحون "فاحببت آن أعرف فخلقت الخلق" بجز عرفان ماهيت جنان ممکن نه.

## درجو اٺويهون

### قلبي مراقبو ۽ خدائي ڏات جو ظهور

## آيت

(آءُ) اوهان جي اندر ۾ آهيان، سو اجا نٿا ڏسو ڇا؟. **(پ-26:س-ذاريات: ع-1)**

## حديث

ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ نبي ﷺ الله تعالىٰ جي طرف کان ارشاد فرمايو تہ مون کي نہ زمين تي سمائي ۽ نہ آسمان، پر مومن ٻانهي جي دل سمائي ٿي وڃي.

## مثنوي

انسان جي اندر ۾ هزارين جبريل آهن
سؤ مسيح جانور جي پولار ۾ مخفي آهن
هزارين احمد جسم جي اندر ۾ آهن
رباني گنج نانگ جي جسم ۾ مخفي آهن
توڙي خاڪ جي شڪل عنبر واري آهي
اندر ۾ نوراني صفات واري آهي.

## بيت

هو ناهي هن ري، هي نہ اُنهون ڌار
الانسان سري و انا سِره، پُرجهج هيءَ پچار
ڪندا ويا تنوار، عالم عارف اهڙي.

## حڪايت

مراقبي جي حالت ۾ ويهندڙ بيبي رابع بصري قلندري قدس سرها کي عرض ڪيائون تہ: ڪهڙو نہ چڱو ٿئي، جي تون باغن جي نون قٿل ٻوٽن جو ڇهڇٽو ڏسين؟ يعني گل گلڪاري ۽ نازبوءِ جهڙا قدرتي ڪرشما "الله جي رحمت جي آثارن کي ڏسو" جي حڪم موجب سر ڪٽي ڪاريگريءَ جو رنگ روپ ڏسي جيڪر عبرت جي اک کولين؟ پاڻ فرمايائين: اي ظاهري حسن جا ديوانؤ! ۽ انهيءَ سونهن جا مستانؤ! هڪ ڀيرو اندر اچي وجو تہ ڪاريگر کان منهن هٽائي، ڪاريگري ڏانهن نہ ڏسندؤ! ڪنت ڪنزاً مخفيا (آءُ هڪ مخفي خزانو هوس) کي مَن عَرَفَ نَفسَه فَقَدَ عَرَفَ رَبَه (جنهن شخص پنهنجي دم کي سڃاتو، تنهن پنهنجي رب کي سڃاتو) جي ڪنجيءَ سان کولي ڏسو تہ حقيقي بادشاه جي

درگاهہ ۾ حقيقي محبوب جي مشاهدي جو جلوه گاه "فاحببت ان اعرف فخلقت الخلق" (مومن جو قلب الله تعالىٰ جو عرش آهي) جي حڪم موجب انسان کان سواءِ ٻئي هنڌ نہ آهي.

فارسي متن

## درجه بيستم

## در صفت جوهر حقيقت انسان و علوّ رتبه خليفه رحماني

### آيت

قال الله تعالىٰ جل جلاله و عم نواله: لقد خلقنا الانسان في احسن تقويم.
(پ-30:س-تين: ع-20)

### حديث

عن اَبي هريره رضہ قال، قال رسول الله ﷺ:خلق الله آدم علىٰ صورته.
(متفق عليه)

### مثنوي

گنج مخفي بُد ز پُرّي چاک کرد
خاک را تابان تر از افلاک کرد
گنج مخفي بُد ز پُري جوش کرد
خاک را سلطان اطلس پوش کرد
ره پديد آمد چون آدم شد پديد
زو کليدِ هر دو عالم شد پديد

### بيت

آدم ڪَل الله جي، آه جليلي جاءِ،
ڪعبو اهوئي آه، ڪوهہ نہ پوڄين پوڄيا.

## حڪايت

منقول است که چون طينت فخر محبت آدم عليه السلام برشحات سحات رحمت خالق الانام صورت تخمير يافت ودست قدرت سرمدي بحکم "خمرت طينة آدم بيدي" روايت

وجود ملائک مسجودش رابعرصه احسن تقویم بر افراخت سالک سبیل ملامت و حامل بار غرامت، تاجر متاع تذلیل داغدار ازل عزازیل باهفتاد هزار فرشته بجهته نظاره تصویر آن قدسي سر رشته بر زمین آمده و بقوت لطافت در قالب مجوف آن هیئت مشرف ساري شده بعده بجود تقدیس وجود اطلاع داد که داخل این پیکر ابداع منظر جز بچیزتهي درون منظور نگردید مگر گنبذي بي در که مظنون کرامت، متوافر و محسوب رحمت متکاثر است، در جوف کالبوش بنهجي معمور است که دست مدرکه چون من هشیار ازان بستان سرائ اسرار گلهاي مدخل زنهار نچید بلک شامه خیال رائحہ کیفیت آن گلدسته حکمت نشمید، زیرا که غیرت الاهي پیرامون آن مرکز راز نامتناهي خط ”اِني اَعلم ما مالا تعلمون“ کشیده است و آن خلوت خاص و پرده گاه اخلاص را بحکم اَلقب حَرَمُ الله حَرّمَ الله ان یّلج فیه غیرهٌ بجهته ما وايُ کبریايُ خود گزیده.

سنڌي ترجمو

## درجو ويهون

### انسان جي حقيقي جوهر ۽ رحمان جي وڏي شان واري خليفي جي صفت ۽ ثنا ۾.

**آيت**

اسان انسان کي تمام سهڻي صورت ۾ خلقيو آهي.

**(پ-30:س-تين: ع-20)**

**حديث**

ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ الله آدم کي پنهنجي صورت تي خلقيو آهي. **(متفق عليه)**

**مثنوي**

مخفي گنج هو، پر جي پرجي نروار ٿيو
خاڪ کي آسمان کان بہ روشن ڪيو
مخفي گنج هو، پرجي پرجي جوش ڪيائين
خاڪ کي ريشم پوش سلطان ڪيائين

جڏهين آدم پيدا ٿيو، تڏهين رستو کليو
انهيءَ کان ئي ٻنهين جهانن جي چاٻيءَ جو ظهور ٿيو

**بيت**

آدم ڪَل الله جي، آه جليلي جاءِ،
ڪعبو اهوئي آه، ڪوهه نہ پوڇين پوڄيا.

**حڪايت**

بيان ٿيل آهي تہ جنهن وقت الله تبارڪ و تعالىٰ حضرت آدم عليه السلام جي مبارڪ مٽيءَ کي پنهنجي قدرتي هٿن سان هن فرمان موجب ڳوهيو تہ آدم جي مٽيءَ کي مون پنهنجي هٿ ڳوهيو ۽ تمام حسين صورت جو صاحب، ملائڪن جي مسجود جي وجود جو جهنڊو ٻڌائي کڙو ڪيو، تہ ان وقت شيطان جنهن کي ملامت جي رستي جو ويندڙ، براين جو بار کڻندڙ، ذليل واپار جو وڻجارو ۽ ازلي داغدار يعني عزازيل جي لقبن سان سڏيو ويو آهي، ستر هزار فرشتن سان، ان پاڪ ۽ موهڻي صورت کي ڏسڻ لاءِ زمين تي آيو ۽ خود داد طاقت سان آدم عليه السلام جي اندر گهڙي ويو ۽ اندريون نظارو ڏسي واپس وري فرشتن جي پاڪ جماعت کي ٻڌايائين تہ مون اندر هڪ گنبذ ڏٺو، جنهن کي ڪو بہ دروازو ڪونہ هو، سمجهہ ۾ ائين آيو تہ هن ۾ ڪو وڏو اسرار جو خزانو ڀرپور آهي. گهڻي ڪوشش ڪيم تہ ڪنهن طرح ڪجهہ واقف ٿيان پر ڪجهہ بہ ڪين ٻڌيو. اوچتو منهنجي نظر وڃي هنن لفظن تي پيئي، جيڪي ان گنبذ تي لکيا پيا هئا. ”اِني اعلم مالا تعلمون“ يعني مخفي خزاني جي راز جي صرف مون کي ئي ڄاڻ آهي. وري ٻئي هنڌ هي لکيل نظر آيو ” القلب حرم الله حرم الله ان يلج فيه غيره“ يعني الله تبارڪ و تعالىٰ جي حرم سراءِ آهي، ان ۾ ٻئي جو اندر داخل ٿيڻ الله حرام ڪري ڇڏيو آهي.

فارسي متن

**درجه بيست ويڪم**

**در تحصيل و عمل تقريب حق عزوجل**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: مثل الذين حملو التّوراة ثم لم يحملوها كمثل الحمار يَحمِل اسفاراً (پ-28:س-جمعة: ع-1)

## حديث

عن الحسن البصري رضہ قال العلم عِلمانٌ فعلمٌ في القلب فذالک العلم النافع و علمٌ علي اللسان فذالک حجة الله عز و جل علیٰ ابن آدم . (رواه الدارمي)

## مثنوي

علم چون بر دل زني ياري شود
علم چون بر تن زني باري شود
علم نبود غير علمِ عاشقي
ما بقيٰ تلبيس ابليسِ شقي
دفترِ صوفي سوادِ حرف نيست
جز دلِ اسفيد همچون برف نيست.

## بيت

اکر پڑھ الف جو، ورق سڀ وسار
اندر کٹي اجار، پنا پڑھندين ڪيترا.

## حکايت

از مخدوم محمد عارف سيوستاني قدس سره مروي است كه سلطان العلماءِ علامته الوريٰ موسسِ اساس معقول و معاني مولانا سعد الدين تفتازاني، وقتي بخدمت سراپا معرفت ساقي محفل عرفان سرمست ساغر وجدان منفي تعين دوري مثبت اطلاق حضوري مولانا قاضي حميد الدين ناگوري قدس سره مشرف شده بعرض رسانيد. ترقب دارم كه از علوم قلبي و فيوض وهبي بدين مستوقد نور روحاني و مقتبس ضيائِ سبحاني حرفي زني و مشكواة صدر و زجاج قلب اين سراپا طلب را بايقاد مصباح سرّ منور كني. فرمودند معلوم باد كه نتائج علوم ظاهره نسبت بدان رموز طاهره بمشابه موم است بمقابله عسل و حصول اين مدعا نسبت به تحصيل ماسوا بسا مشكل، نخستين نائره عشق و مستي بد آنقدر التهاب يابد كه موم شعور كلّي براه اجمال شتابد و آتش وجد الستي چنان شعله افروزد كه عقول همگي را خرمن بسوزد انكاه تنك سينه طالب بي

کينه مالا مال انگبين فيوضات لدني شود، و خم صدور مشتاق حضور لبريز شهد حالات سلوني گردد، پس اگر افتطاعت انقياد امر قطع القارين فصل الصوفين داري، وزمام اختيار بقبضه اقتدار موتوا قبل ان تموتو سپاري بحکم مضمون اعجاز مشحون اهل الجنة بُلهٌ تکاور همت بشاهراه بي خودي بران والا قدم از صراط مستقيم هُدیٰ شريعت غرا مجنبان. علامه افتاءَ مسائل را کافي مهمات انگاشته رايت رندي در ميدان آرزو مندي نافراخت، و بفوز عظيم والذين أتوالعلم درجات قانع گشته بباده کشي پيمانه احديت نه پرداخت.

سنڌي ترجمو

## درجو ايڪيهون

### عمل ۾ الله تبارڪ و تعالىٰ جو قرب حاصل ڪرڻ

### آيت

جن ماڻهن کي توريت کڻايو ويو (عمل ڪرڻ لاءِ ڏنو ويو) پوءِ اهو نہ کنيائون (انهيءَ تي عمل نہ ڪيائون) تن جو مثال گڏهہ جي مثال وانگر آهي، جو بار کڻي ٿو.

(پ-28:س-جمع: ع-1)

### حديث

حسن بصري رضہ کان روايت آهي: فرمايائين تہ علم ٻن قسمن جو آهي. هڪ علم قلب ۾ آهي، اهو نفعو ڏيندڙ آهي ۽ ٻيو علم زبان تي آهي،ا هو الله تبارڪ و تعالىٰ جو آدم جي اولاد تي حجت آهي.

(رواه الدارمي)

### مثنوي

جيڪڏهن علم دل تي رکندين تہ مدد ڪندو
جيڪڏهن علم جسم تي رکندين بار ڪندو
عاشقن جي علم کان سواءِ ٻيو علم ڪو علم نہ آهي
انهيءَ کانسواءِ جيڪي آهي،سو بدبخت ابليس جو فريب آهي
صوفيءَ جو دفتر ڪارا حرف نہ آهن
برف وانگر صاف کان سواءِ ٻيو نہ آهي

### بيت

اکر پڙهه الف جو، ورق سڀ وسار
اندر ڪٽي اجار، پنا پڙهندين ڪيترا.

## حڪايت

مخدوم محمد عارف سيوهاڻي کان روايت آهي ته: سلطان العلماءَ علامه لورئ، سياڻپ ۽ صحت جي صاحب مولانا سعد الدين تفتا زاني هڪڙي وقت سراسر معرفت، وجد جي ساغر جي سرمست، عرفان جي محفل جو ساقي، دوريءَ کي دفع ڪندڙ ۽ وحدت جي مشاهدي کي اثبات ڪندڙ مولانا قاضي حميد الدين ناگوري جي خدمت ۾ حاضر ٿي عرض ڪيو ته: مون کي اميد آهي جو اوهان قلبي، روحي عطا ٿيل فيضن ۽ برڪتن جي علمن مان ڪجهه ٻڌائي، هن طالب جي اعتقاد کي خداداد فيض سان منور ڪندئو. پاڻ فرمايائون ته: اوهان کي معلوم هجي ته ظاهري علم، طاهر ۽ پاڪ علم جي اڳيان ائين آهي جيئن موم بتي ۽ صرف زباني دعوىٰ سان حقيقت جي ماکي حاصل ڪرڻ، غير وجائڻ کان سواءِ مشڪل آهي، تنهنڪري پهريون عشق جي باهه ۽ مستيءَ جي باهه جا ايترا ألا گهرجن، جيڪي عقل جي موم کي پگهرائي ڇڏين ۽ الستي جذبي جي باهه اهڙا شعلا هڻي، جو عقل جو سمورو ڍير ۽ ڍڳ جلي ۽ سڙي وڃي. انهيءَ کان پوءِ طالب جو صاف ۽ بي ڪينه سينو لدني فيض جي ماکيءَ سان پرپور ٿيندو ۽ مشتاقن جي سيني جو ٿانءُ ”سلوني“ حالات جي ماکيءَ سان ٿبا ٿب ٿي پوندو.

جيڪڏهن پڙهندڙن کان پاڻ پليو ۽ صوفين سان پاڻ ڳنڍيو جي فرمان موجب ائين ڪرڻ جي طاقت اٿئي؛ ۽ اختيار جي واڳ ” مرڻ کان اڳ مرو“ جي حڪم موجب بي خوديءَ جي پڪي رستي تي پاڻ کي آڻي ۽ معزز شريعت جي صراط مستقيم جي رستي تان قدم نه هٽائجانءِ. مفتي عالمن گهڻن مشڪل مسئلن کي ڇڏي، رندي رمز جو علم، طلب جي ميدان ۾ ڪڙو ڪيو آهي ۽ ”جن کي علم ڏنو ويو“ جو وڏي ڪاميابيءَ جي شيءِ آهي، سي درجات کان پاسو ڪري احديت جي شراب جي پيالي پيڻ کان سواءِ ٻئي پاسي ڏانهن نه وريا.

فارسي متن

**درجه بيست ودويم**

**در ترک حب دنيا وطلب قربِ مولىٰ**

**آيت**

آرضيتم بالحيواة الدينا من الاخرة، فما متاع الحيواة الدنيا في الاخرة اِلاّ قليلٌ. (پ-10:س-توبه: ع-6)

## حديث

عن ابن عمر رضہ قال اخذ النبي ﷺ ببعض جسدي فقال کن في الدنيا کانّک غريبٌ او عابر السبيل وُعدُ نفسک من اصحاب القبور.

(رواه البخاري)

## مثنوي

اي که صبرت نيست از دنيايُ دون
صبر چون داري زنعم الماهدون
اي که صبرت نيست از پاک و پليد
صبر چون داري ازان کِت آفريد
اندک اندک خويُ کن بانور روز
تا چون خفّاشي نماني بيفروز

## بيت

نگ ويهج نہ نگجي، نيرهيءَ پاس نري
بيلن ساڻ بري، مُنهن پٽي مريج تون.

## حکايت

وقتي سرمست شراب لدني و نفمه سرايُ رباب ارني سر جلوه نور قديم حضرت موسىٰ کليم علىٰ نبينا و عليه السلام من الله العظيم بشرف مکالمه محبوب بي نشان مشرف بود سامعه روحاني آشيفته کلام رباني صدايُ بي کيف بي جهته سبحاني شنود که بجانب فلان که مجذوب حباله وجدان و سر خوش باده عرفان است، قدم رنج بيفرمائي و بطريق ميانچي ميان ماو او مصالحه نمائي، صاحب يد بيضا مامور فَاضْرب بعصا دولت چار چشمي درويش وجد کيش حاصل نموده ابلاغ پيام مصالحه نظام فرمود متحير مشاهده جمال اظهار نمود که بسمع اين دل شده حيرت زده رسيده امت که شاهد بيچون ذات والا صفات خود را برحمان و رحيم مسمىٰ گرانينده و نيز نقش خلقت نار جحيم بر لوح فطرت کشيده از ممر ثبوت اين دو ضد خدشه بي حد در دلمن راه يافت و فکر من در تنگنايُ ذبذبه شتافت حاليا مصالحه منحصر بر ثبوت احد الامرين است و رفع مناقشه

موقوف بر نفي احدالضدين سلطان ملک لم يزل رسول مکمل را اعلام نمود والهام فرموده که اين مجر معتزل مخزن سر ازل را همراه خود بعمرانات ببر و باتفاق اين بيخبر از عالم شر بسر وقت شاغلان دنيايُ دورن پرور بگذر ماعد مصاعد طور عارج معارج نور بفرمان حضور عجائب ظهور بصحابت آن مستور اتحاد دستور وارد معموره گشته بر سر زمره تاجران محجور که اسبيل تجارت ”تنجيکم من عذاب اليم“ بغايت دور و از باده ”و ماالحيواة الدنيا الا متاعٌ الغرورَ“ مخمور بودند مرور نمود، عنقايُ قاف تجريد و شهباز آشيانه تفريد چون چشم بحال بُعد مالَ آن محجوبان مشاهده ذوالجلال کشود خود بخود بصلح رضا داد و زود تر زبان بکشاد که اي بار خدايا عذر تجاسر اين ذرهُ احقر بيذير و بجهته تعذيب اين سفيهان که موصوف بصفت ”اِستحوَذُ عليهم الشيطان“ اند، هزار کوره نيران آماده گير که ايثار مودت ”وهو معکم اينا کنتم“ بتلاقي منعم يکدم که ناشي تحسر دايم است شاغل اند و از استرباح ابدي و منافع طلبي سرمدي بتجارت ”خسر الدنيا و لآخرة“ مائل.

سنڌي ترجمو

## درجو ٻاويهون

## دنيا جي محبت کي ترڪ ڪرڻ ۽ الله جي قرب جو طالب ٿيڻ

### آيت

اوهان آخرت جي بدران دنيا جي حياتي سان راضي ٿيا آهيو ڇا؟ حالانڪ دنيا جي حياتيءَ جو مال متاع آخرت (جي مقابلي) ۾ هڪ ٿورڙي چيز آهي. (پ-10:س-توبه: ع-6)

### حديث

ابن عمر رضہ کان روايت آهي، فرمايائين ته نبي ﷺ منهنجي جسم جي حصي کي وٺي فرمايو ته تون دنيا ۾ ائين رهه جڻ ته غريب يا واٽهڙو مسافر آهين ۽ پاڻ کي قبر وارن مان شمار ڪر.

**(رواه بخاري)**

### مثنوي

توکي خسيس دنيا کان صبر نہ آهي اي انسان
دوزخ جي باهہ کان صبر نہ آهي اي انسان

توکي پاڪ ۽ پليت کان صبر نہ آهي اي انسان
تہ پنهنجي پالڻهار کان صبر ڪيئن ڪندين اي انسان
ٿورو ٿورو ڪري پاڻ کي ڏينهن جي نور تي هيراءِ اي انسان
تہ بي نور چمڙي وانگر نہ رهجي وڃين اي انسان.

## بيت

نڱ ويهج نہ نڱجي، نيرهي پاس نري
ٻيلن ساڻ ٻري، مُنهن پٽي مريج تون.

## حڪايت

هڪڙي وقت حضرت موسىٰ ڪليم الله عليه السلام کي الله تعالىٰ سان ڪلام ڪرڻ جو شرف حاصل ٿيو. کيس فرمان ٿيو تہ فلاڻي طرف وجد پريو مجذوب ۽ معرفت جي شراب جو سرمست آهي، تنهن ڏانهن وڃي ڪري، انسان ۽ انهيءَ جي وچ ۾ دلال بڻجي صلح ڪراءِ. موسىٰ عليه السلام فرمان موجب سرمست درويش وٽ حاضر ٿي، پاڻ ۾ ناهہ ڪرائڻ جو پيغام پهچايو. تنهن تي مشاهدي جي مت واري درويش فرمايو تہ مون کي هيءَ خبر ٻڌڻ ۾ آئي آهي تہ بي مثل ذات ۽ صفات جي محبوب پاڻ تي ’رحمان‘ ۽ ’رحيم‘ ٻہ نالو رکايو آهي ۽ مخلوقات کي دوزخ جي باهہ ۾ ساڙڻ جو حڪم بہ جاري ڪيو اٿس، سو انهن ٻن ضدن منهنجي دل ۾ وڏو خدشو پيدا ڪري وڌو آهي! تنهنڪري منهنجي ناهہ جو دارو مدار ٻنهي ضدن مان هڪ کي نفي ۽ گم ڪرڻ تي آهي. الله تعالىٰ موسىٰ عليه السلام کي الهام ذريعي فرمان ڏنو تہ هن مستاني فقير کي پاڻ سان گڏ ڪنهن آباديءَ ڏانهن وٺي وڃ ۽ اهڙا شخص ڏيکارينس جيڪي خسيس دنيا جي ڏي وٺ ۾ ئي شاغل آهن. ”دنيا جي حياتيءَ جو مال متاع صرف دوکي بازي آهي.“جي واپار ۾ اهڙا مخمور ۽ مست آهن، جو ”اوهان پاڻ کي ڏکوئيندڙ عذاب کان بچايو“ جي فرمان کان بلڪل دور ۽ حجاب ۾ پيل آهن. لا مڪاني درويش جڏهن هنن کي الله تعالىٰ جي مشاهدي کان بلڪل پري ۽ حجاب ۾ پيل ڏسي پنهنجو پاڻ راضي ٿي پيو ۽ عرض ڪرڻ لڳو تہ: اي خدايا! مون کي پنهنجي غلطيءَ جي معافي ڏي ۽ ” انهن شخصن تي شيطان غالب آهي“ جي صفت سان موصوف آهن، اهڙن نالائقن کي هڪ عذاب نہ بلڪ انهن واسطي باهہ جا هزار ڪورا تيار ڪر، چو تہ اهي ماڻهو”اوهان جتي بہ هجو اتي الله اوهان سان گڏ آهي“ جي هميشه واري نعمت کي ڇڏي هر وقت نڪمي شين ڏانهن شاغل آهن: ۽ ”انهن کي دنيا ۽ آخرت ۾ نقصان آهي“ واري واپار ڏانهن مائل آهن.

فارسي متن

## درجه بيست وسيوم

## در تاکيد و بکاءُ تحصيل صفائي

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: اَفمن هذا الحديث تعجبون و تضحکون ولا تُبکُونَ و انتم سامرون **(پ-27:س-نجم: ع-3)**

### حديث

عن عقبة بن عامر قال لقيت رسول الله ﷺ فقلت ما النّجاة قال املک عليک لسانک و ليسعک بيتک و اَبک علیٰ خطبئتک.

**(رواه احمد و الترمذي)**

### مثنوي

تو که يوسف نيستي يعقوب باش

همچون او در گريه و آشوب باش

تا نگريد طفل کي جوشد لبن

تا نگريد ابر کي خندد چمن

آشک کان از بهره او بارند خلق

گوهر است و اَشک پندارند خلق

### بيت

کل تڏهن جڏهن کٽين، تهان اڳي رو

اجان متي تو، تي پورا پل ٿئي.

### حکايت

درويشي بُڪاءِ يعقوبي داشت و تخم اشک در مزرعۀ محبت ميکاشت، دوستدارش گفت که به اين قدر گريستن قوت باصره بحالت اصلي نماند و چنين جريان آبديده چراغ بصارت را فرو نشانده پويان باديه مجاهده و جويان جلوۀ مشاهده باسينه بريان و ديده گريان فرمود که عاقبت الامر از احد الامرين خالي نخواهد بود يا گل مشاهده خواهم چيد يا خار حرمان در پائي رجا خواهم خليد، پس اگر دولت ديدار نصيب اين هوادار سراپا انتظار گرديد و شامه روحي لائحه وصال از پيرهن يوسفي شميد در حال لائحه جمال آن شاهد روشن خيال دفع تيرگي دل و ديده اين محنت کشيده خواهد فرمود و رفع ظلام از بصيرت و بصارت اين مستهام تواند نمود و اگر چشم اميد اين منتظر نويد از نظاهره آسر جلوه جاويد مايوس ماند و بلبل ترقب اين مترصد جان بلب در قفس حرمان و تغب محبوس از ديدن اغيار کوري بهتر و از مواصلته ما سوا مهجوري خوشتر.

سنڌي ترجمو

## درجو ٽيويهون

**تيسين رڙ ۽ رو، جيسين سينو صاف ٿئي**

**آيت**

اوهان هن (هولناڪ ڏينهن جي) ڳالهہ کان تعجب ڪريو ٿا ڇا؟ ۽ کِلو ٿا ۽ روئو نٿا. **(پ-27:س-نجم: ع-3)**

**حديث**

عقبہ بن عامر فرمايو تہ مون رسول الله ﷺ کي ڏٺو. پوءِ عرض ڪيم تہ نجات ۽ ڇوٽڪارو ڪهڙي شيءِ ۾ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ پنهنجي زبان پنهنجي قبضي ۾ رک، پنهنجي خطائن ۽ گناهن تي روءُ

**(رواه احمد و الترمذي)**

**مثنوي**

جي تون يوسف نہ آهين تہ يعقوب هج
اُن وانگر هميشه روج راڙي ۾ هج
جيستائين يار نہ روئندو تيستائين کير جوش ۾ نہ ايندو

جيستائين ابر نير نہ وهائيندو تيستائين چمن نہ کلندو
جيڪي شخص انهي واسطي نير وهائن ٿا
سي گوهر آهن ۽ ماڻهو ڳوڙها سمجهن ٿا.

**بيت**

ڪل تڏهن جڏهن ڪٽين، تهان اڳي رو
اجان مٿي تو، ٿي پورا پل ٿئي.

**حڪايت**

هڪڙو درويش روئڻ ۾ يعقوب صفت هو ۽ محبت جي زمين ۾ نِيرن جو ٻج پوکيندو رهيو. تنهن تي دوستن چيس تہ:ايڏي روئڻ ڪري اک جي قوت اصلي حالت ۾ نہ رهندي، انهيءَ طرح ڳوڙهن وهائڻ ڪري اکين جو نور وسامي ويندو. جهاد جي ميدان ۾ ڊوڙندر، مشاهدي جي جلوي کي ڳوليندڙ سينہ بريان ۽ ديده گريان درويش چوڻ لڳو تہ ٻن ڳالهين مان آخر هڪ تہ ٿيندي، يا مشاهده جا گل حاصل ڪندس يا نا اميديءَ جو ڪندو اميد جي پير ۾ ڪائيندس، سو جيڪڏهن سراسر منتظر مشتاق کي ديدار جي دولت نصيب ٿي ۽ وصال جي خوشبوءِ، يوسف جي پهراڻ مان منهنجي دماغ کي پهتي تہ انهي روشن خيال محبوب جي هبڪار، هن ڏکويل جي ديد ۽ اک جي ڏنڌ کي دفع ڪري ڇڏيندي ۽ وسوڙيل جي دل ۽ اک تان هر قسم جون اونداهيون هٽي سگهنديون، پر جيڪڏهن هن دائمي ديدار جي منتظر اک مايوس رهي تہ آخري پساهہ رکندڙ اميدوار بلبل، نا اميدي جي پڃري ۾ ۽ ڏکن جي بنديخاني ۾ بهتر آهي. غير جي ڏسڻ کان ۽ الله کان سواءِ ٻين جي ميل ميلاپ کان مهجور ۽ وڇوڙيل سني آهي.

فارسي متن

**درجه بيست و چهارم**

**در حصول صفائي سينه و انقلاع بنائِ کينه**

**آيت**

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: و نزعنا مافي صدورهم من غل تجري من تحتهم الانهار. (پ-8:س- اعراف: ع-5)

## حديث

عن آنس رضہ قال قال رسول الله ﷺ: يا بُنَيّ ان قدرت ان تصبح و تمسي و ليس في قلبک غش الاحد فافعل ثم قال يا بُني و ذالک فن سنتي فمن احب سنتي فقد احبني و من احبني کان معي في الجنة.

(رواه الترمذي)

## مثنوي

آئينه کز زنگ آلايش جدا ست
پر شعاع از نور خورشيد خدا ست
آئينه دل چون شود صافي و پاک
نقشها بيني برون از آب خاک
هم به بيني نقش و هم نقاش را
فرش دولت را وهم فراش را.

## بيت

صوفيّ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود جو
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو

## حکايت

شيري درنده هر روز جانوري بچنگ مي آورد و هر صباح حيواني به وظيفه مي بُرد روبهي حيله ساز در بارگاه حضرتش قدم جرئت نهاده بعرض رسانيد و دليرانه پيش آمده يکران اظهار در مضمار بيان دوانيد که اي سرير پيرايُ کشور شهامت و رونق افزايُ افسر کرامت در قلمرو بندگان عالي شان شير ديگر پُر شور باغي مغرور از جاده راستي دور دست تطاول بخون ما سايه پروردگان عطوفت لم يزل دراز دارد باوجود تسلط عاليه حضور صدمت ظهور دمار از روزگار حيوانات برمي آرد، هزبر دران بغرو دلاوري در ضمن حيله گري و بهانه وري جامه مفالات سرسري پي نبرده سراغ طلب مقران سرمايه شورو شفب گرديد. روبه زو فنون دليل آن جهالت مشحون گشته برسر چاهي رسيد و قرار گاه آن شرارت انتباه درچاه عرضداشت. ليث خشم آگين چون نظر دهشت آئين به آب فرو

گماشت عکس خود را تماشا گره دشمن خود پنداشت چندان که برکناره بیرصولت و جمله مي آورد به همان و تیره از شیر سلفي نظاره میکرد تا که عرق حسدوي بحدي متحرک گردید که خود را از "شَفا حفرَۃٍ من النار" بزیر انداخت بحکم فحوائي تهدید انتمائي "لهم اعبنۃٌ لایبصرون بما" خود را از دیگري نشناخت.

سنڌي ترجمو

## درجو چوويهون

### ڪيني ۽ غير جي عمارت کي پاڙئون پٽي، سيني جي صفائي حاصل ڪرڻ

**آيت**

جو ڪجھ انهن جي سينن ۾ غير ۽ غبار آهي، سو اسان ڇڪي ڪڍي ڇڏيوسون.(هاڻي) انهن جي (محلاتن) هيٺان نهرون وهن ٿيون.

**(پ-8:س- اعراف: ع-5)**

**حديث**

انس رضہ کان روايت آهي تہ: مون کي رسول الله ﷺ فرمايو تہ اي ٻچا! جيڪڏهن توکي صبح ۽ شام ڪرڻ جي طاقت آهي (تہ هن طرح سان ڪر) جو تنهنجي دل ۾ ڪوبہ حجاب ۽ غير خيال نہ اچي، ائين ڪري ڏي. پوءِ پاڻ فرمايائون تہ: اي پٽ! اها منهنجي سنت آهي، سو جنهن شخص منهنجي سنت سان محبت رکي، تنهن يقيناً مون سان محبت رکي آهي، ۽ جنهن مون سان محبت رکي آهي، سو مون سان گڏ جنت ۾ هوندو.

**(رواه الترمذي)**

**مثنوي**

جو آئينو ڪٽ ۽ آلايش کان جدا آهي
سو خدائي سج جي نور کان پُر شعاع آهي
جڏهن دل جو آئينو صاف ۽ پاڪ ڪندين
تڏهن خاڪ ۽ پاڻي مٿان نقشا ڏسندين
ڇٽ تہ ڏسندين ۽ پڻ ڇٽيندڙ بہ ڏسندين
دولت جو فرش سهي ۽ فرش وڇائيندڙ بہ ڏسندين

## بيت

صوفيّ صاف ڪيو، ڏوئي ورق وجود
تهان پوءِ ٿيو، جيئري پسڻ پرينءَ جو

## حڪايت

هڪ ڦاڙيندڙ شينهن ڏهاڙي هڪ جانور پنهنجي قبضي ۾ آڻيندو هو ۽ هر صبح جو هڪ حيوان کائڻ لاءِ ڪٽي ويندو هو. هڪڙي چالاڪ لومڙ جرئت رکي شينهن جي خدمت ۾ عرض ڪيو ۽ دليريءَ سان پيش اچي بيان شروع ڪري ڏنو ته: اي دٻدٻي جي ملڪ جا مالڪ! ۽ معزز آفيسرن جي رونق وڌائيندڙ! اوهان جي وڏي شان واري حڪومت ۾ پُر شور باغي ۽ مغرور، حق جي راه کان دور، اوهان جي پاڇي ۾ هميشه مهرباني هيٺ رهندڙن تي رت پيڻ لاءِ ظلم مچائي ڏنو آهي ۽ اوهان جي زبردست تسلط ۽ ضابطي هوندي اوهان جي جانورن مان ڪائي ٿو وجي. مغرور زوراور شينهن، لومڙ جي چالاڪي ۽ بهاني بازيءَ ڏانهن ڪو ڌيان نه ڏيئي، وڏي شور ۽ گوڙ سان انهيءَ جي تلاش ۾ نڪري پيو. چالاڪ لومڙ انهيءَ جاهل مجهول شينهن کي هڪڙي کوهه جي مٿان وٺي آيو ۽ انهيءَ شرير شينهن جو ڌيان کوهه جي تري ۾ ڏنائين. جڏهن ڪاوڙ پرئي شينهن، وهشت پري نظر پاڻيءَ ۾ هيٺ وڌي ته پنهنجو عڪس ۽ پاڇو ڏسي، ان کي پنهنجو دشمن سمجهائين. کوهه جي ڪناري تي جا به جنبش ۽ جولان ڪيائين ٿي، سو ساڳيو هيئنين شينهن کان ڏنائين ٿي، تان جو سندس حسد ۽ ڪينو اهڙي حد کي وڃي پهتو، جو پاڻ کي ”باهه جي ڪڌ جي ڪناري“ تان ڪٽي هيٺ اڇلايائين. ” انهن کي اڪيون به آهن ته به اُن کي نٿا ڏسن“ جي حڪم موجب پاڻ کي بيو ڪري سمجهائين.

فارسي متن

### درجه بيست و پنجم

### در ثبوت رويت سبحاني و حصول مشاهده نوراني

### آيت

قالَ الله تعّالیٰ جَل جلاله: وَعَم نواله: وُجُوهٌ يّومئذ.نّاضرةٌ الیٰ رَبِهّاَ ناظرة.

(پ-29:س-قيامت: ع-1)

## حديث

عَن جريرُ بن عبدالله رضہ قَال، قَالَ رسول الله ﷺ: سَترون ربّكم عَيَاناَ. (متفق عليه)

## مثنوي

چون شوي محرم كشايم با تولب
تابه بيني آفتابي نيم شب
جز روانِ پاک اُو را شرق ني
در طلوعش روز و شب را فراق ني
خاصه خورشيد حقيقت كان سري ست
روز و شب آثار او روشنگري ست

## بيت

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي
آءٌ تنهن آريءَ كي، ونئو راه روئان گهٽو.

## حكايت

وقتي ملتسم تراب عتبه خاندان سرگروه تابعان صادقان طالب صحبت مكمل تابعي وعبل رضہ از جناب ولايت نصاب شهسوار مضمار لدني غواص بحار سلوني تخت نشين "هل اَتيٰ" تاجدار لا فتيٰ حضرت امير المومنين علي المرتضيٰ كرم الله وجه ورضي عنه مسئيلت نمود. كه حضور كرامت ظهور بشرف مشاهده جمال محبوبي كه حجابه النور وصف نقاب صفات اوست، و نكته لو كشفه لا حرقت سبحات وجه ما انتهيٰ اليه بصره من خلقة نشان تجليه ذات او مشرف شده اند يا نہ؟ فرمودند كه اگر ديده مشتاق به انوار ديدار آن سر جلوه اسرار روشن نشود، روح عشق فتوح بعبادت باري بدون لقايُ انواري نگردد و دل شيفته ساعتي قدم نهمت برجادهُ طاعت نہ نهد، و فكر آشفته انفاس عزيز را بي حصول نظاره از دست ندهد بلكہ قبله طاعت عاشقان جلوه جمال لا يزال ست و محراب عبادت واصلان پرتو جلال باكمال.

سنڌي ترجمو

# درجو پنجويھون

## سبحاني ديدار ۽ نوراني مشاهدي جي حاصلات جي ثبوت ۾

## آيت

اُن ڏينهن ڪيئي مُنهن پنهنجي رب ڏانهن نهاريندڙ خوش ۽ سرها هوندا. **(پ-29:س-قيامت: ع-1)**

## حديث

جرير بن عبدالله کان روايت آهي ته، فرمايو رسول الله ﷺ ته: اوهان پنهنجي رب کي ظاهر ظهور ڏسندؤ. **(متفق عليه)**

## مثنوي

توسان روح رهاڻ ڪندس جيڪڏهن تون محروم ٿي پوندين
تان جو تون منهنجي سچ کي اڌ رات جو ڏسندين
هو پاڪ روح کان سواءِ بئي هنڌ نه اُيرندو آهي
هن جي ايرڻ ۾ رات ڏينهن جو ڪو فرق نه آهي
اصل حقيقي سچ منهنجي سر ۽ اسرار جي ڪاڻ آهي
ڏينهن رات انهيءَ جا روشن ۽ نروار نشان آهن.

## بيت

پرتوو پنهونءَ جو، جهڙ جيئن جهالا ڏي
آءٌ تنهن آريءُ ڪيِ، ونئو راه روئان گهڻو.

## حڪايت

هڪڙي وقت حضرت وعبل رضہ حضرت امير المومنين علي المرتضيٰ رضہ کي سوال ڪيو ته سائينجن کي الله تعاليٰ جو ديدار حاصل آهي يا نه؟ پاڻ فرمايائون ته جيڪڏهن مشتاق جي اک محبوب جي ديدار کان روشن نه هجي ها ته محبوب جي ديدار کان سواءِ

عشق جا انوار ۽ جهلڪارون ئي نہ ڪلن ها ۽ عاشق جي دل طاعت جي راھ ۾ هڪ گهڙي بہ قدم رکي نہ سگهي ها ۽ نظاري ڪان سواءِ پنهنجي پياري جان کي ديوانگيءَ جي فڪر ۾ نہ وجهي ها، بلڪ عاشقن جي طاعت جو قبلو لا يزال جمال جو ديدار آهي ۽ وصل وارن جي عبادت جو محراب ڪامل جوش ۽ جلال جو مشاهدو آهي.

فارسي متن

## درجه بيست و ششم

## در تاکيد مجاهده و تحصيل مشاهده

### آيت

قال الله تعاليٰ جلّ جلاله و عم نواله: ليس لِلاِنسانِ اِلا ماسَعيٰ وَ أَنَ سَعيه‘ سَوف يُريٰ. **(پ-27:س-نجم: ع-3)**

### حديث

عن ربيعة بن کعب رضہ قال، کنت ابيت مع رسول الله ﷺ فاتيته‘ بوضوءَ و حاجته، فقال لي سل قلت اسالک مرافقتک في الجنةِ، قال او غير ذالک قلت هوذاک قال اعنئي عليٰ نفسک بکثرة السجود. **(رواه مسلم)**

### مثنوي

کافرم من گرزيان کرده ست کس
در رهِ ايمان بطاعت يکنفس
درين ره مي تراش و مي خراش
تا دمي آخر دمي فارغ مباش
توبه کن مردانه رو آور بره
که فَمَن يعمَل بِمثقال يَرَهُ.

### بيت

آگم ڪيو اچن، سڄڻ ساوڻ مينهن جان
پاسي تن وسن جي، سپ ڄماندر سڪيا.

## حکايت

در لطائف معنوي مسطور است که جناب معذلت نصاب امير المؤمنين عمر بن خطاب رضہ بعد از وفات حضور سراپانور صداقت ظهور عشيق عتيق امير المؤمنين ابي بکر الصديق رضہ صاحبه اورا بعقد تزويج خود آوردند. چون بدر خلوت سرايُ وارد شدند از آن عقيقه کيفيت مجاهده آن مستغرق دريايُ مشاهده که در وقت پردگي شب تارکه پردگاهہ وصال يار است مي نمودند پرسش کردند.

عصمت پناه مذکوره اظهار نمود که سايه قدوم فيض لزوم بربساط بيت مي انداختند، سجاده مبسوط فرموده آغازنماز که معراج عاشقان است مي ساختند ليکن در سجدۀ اوليٰ چنان استغراق دست ميداد که تا طلوع صبح بحکم "واسجدو اقترب" در آن سجده مي ماندند و بعد از نصف شب تا برآمدن سحر از جگر سوز اثر آن پروانه شمع شهود و شمع بزم وحدت وجود بويُ جگر کباب بزغاله بمشام جوار کبار و صغار مير سيد. چنان در روز مردم همسايه خبر کباب نمودن جگر بزغاله مي پرسيد چون صبح نشان "کيف مدالظل" مبرهن مي نمود وسامعه ساطعه وي صدايُ آذان که اعلام مشتاق باحضار محبوب باجسم و جان است مي شنود همايُ همت محويت نهمت ايشان ظل اقاقت باستخوان جسماني مي انداخت متوجه بمسجد گشته تهيه ادايُ آداب عبودت مي پرداخت چون فاروق اعظم عارف معظم رضہ خبر مجاهده آن فارس مضمار قدم اصفا نمود، عذر خواسته فرمود که مقصود من از ازدواج شما اطلاع برين مقدمه بود تا باعتصام اسوه حسنه صديق اکبر در مجاهده کوشيده سعادت ابدي حاصل کرده آيد ترصد که باستمساک چنين سجيه رضه شاهد ترقي رويُ نمايد.

سنڌي ترجمو

## درجو چويهون

**جان ٽوڙ ڪوشش ڪري مشاهدو حاصل ڪرڻ**

**آيت**

نہ آهي انسان لاءِ مگر جيڪي سعيو ڪيائين (يعني انسان جي ذمي صرف ڪوشش ڪرڻ لازم آهي) ڇاڪاڻ تہ پنهنجي ڪوشش (جو نتيجو) هڪ وقت ڏسندو **(پ-27:س-نجم: ع-3)**

**حديث**

ربيعه بن ڪعب رضہ کان روايت آهي تہ مون رسول الله صلعم سان رات گذاري هئي. پوءِ وٽن وضو ۽ ٻي ضرورت واسطي پهچي ويس. پوءِ مون کي پاڻ فرمايائون تہ مون کان جو

ڪجھ سوال ڪرڻو هجئي سو ڪر. مون عرض ڪيو ته: اوهان سان جنت ۾ گڏ هجان؛ اهو سوال آهي. پاڻ فرمايائون ته ان ڪان سواءِ ٻيو به ڪجھ؟ وراڻيءَ ۾ چيم ته بس اهو عرض آهي. پاڻ فرمايائون ته منهنجي مدد ڪر پنهنجي نفس تي گهڻي ڪان گهڻن سجدن ڪرڻ جي(منهنجي ڪوشش نفس ڪشي ڪرڻ ۾ آهي، سو جيڪڏهن تون به منهنجي ڪوشش ۾ حصو وٺندين ته مون سان جنت ۾ گڏ هوندين. **(رواه مسلم)**

## مثنوي

جيڪڏهين مان ڪنهن جو زيان ڪيو آهي
ايمان جي راه ۾ هڪ دم به اطاعت ڪندين ته مان ڪافر آهيان
هن راه ۾ پيو رڙهه ۽ ڪُرڇيندڙ هُج
آخري دم تائين هڪ دم به فارغ نه هُجُ
مردن وانگر توبه ڪري گهڙي پئو راه ۾
جو ته ذري جيترو به عمل ڪندين سو ڏسندين راهه ۾.

## بيت

آگم ڪيو اچن، سڄڻ ساوڻ مينهن جان
پاسي تن وسن جي، سي ڇماندر سڪيا.

## حڪايت

لطائف معنويءَ ۾ لکيل آهي ته عدل ۽ انصاف جي صاحب امير المؤمنين عمر بن خطاب رضه سراسر نور ۽ صداقت ظهور قديمي عاشق حضرت ابوبڪر صديق رضه جي وفات ڪان پوءِ سندن حرمن کي نڪاح ۾ آندو. جڏهين اڪيلا ٿيا ته مجاهد مرد جي باري ۾، مشاهدي جي درياءَ ۾ غرق ٿيل جي شان ۾، ۽ اونداهين راتين ۾ يار جي وصال جي حقيقت پڇڻ لڳو. سندن پاڪ ٻيبي فرمائڻ لڳي ته جڏهين رات جو بسترو وڇائي سمهڻ جو وقت ٿيندو هو ته پاڻ مصلو وڇائي نماز شروع ڪندا هئا، جا عاشقن جي معراج آهي. پر پهرين ئي سجدي ۾ صبح صادق تائين ”سجدو ڪر ۽ قرب حاصل ڪر“ جي حڪم موجب استغراق ۽ محويت ۾ هليا ويندا هئا. اڌ رات ڪان پوءِ اَسر ٿيڻ سان، انهي شهودي شمع جي پرواني جي سڙيل جگر مان ۽ وحدت وجود جي محفل جي شمع جي سڙيل جگر مان، گابي جي ڪباب ٿيل جيري جي خوشبوءِ پاڙي وارن جي نندن وڏن کي اهڙي پهچندي هئي، جو ڏينهن جو پاڙي وارا ماڻهو ڪباب جي خبرچار پڇڻ ايندا هئا. جڏهين صبح جو نشان ”ڪيئن نه پاڇي

ڪي پڪيڙيائين“ جي حڪم موجب روشن ٿيندو هو ته اذان جي ٻڌڻ وقت، جا مشتاقن واسطي محبوب جي حضور ۾ جسم ۽ جان سان حاضر ٿيڻ جو اعلان آهي، ٻڌي سندن اعلىٰ همت جي محويت جو هماءُ پڪي جسماني عضون ڏانهن ايندو هو ته مسجد ڏانهن متوجهه ٿي عبديت جي آداب ادا ڪرڻ ۾ لڳي ويندا هئا. جڏهين فاروق اعظم ۽ عارف معظم رضہ انهي مجاهد مرد جي خبر ٻڌي ته معافي وٺي فرمائڻ لڳو ته: اوهان ڪي نڪاح ۾ آڻڻ جو مقصد اهو هو ته صديق اڪبر جي سهڻي چال جي مضبوط رسيءَ ڪي وٺي جدوجهد ۾ ڪوشش ڪري هميشه واري سعادت حاصل ڪريان ۽ اميد اٿم ته اهڙي سهڻي، سدا ملوڪ ۽ مضبوط طريقي تي ترقي حاصل ٿيندي.

فارسي متن

## درجه بيست و هفتم

## در و ثوق رجائي غفران و اهندام بنايُ حرمان

### آيت

قَالَ الله تعالىٰ جَلّ جلاله وَ عَمّ نوالُه:قُل يا مِبادِيَ الذينَ اَسْرَفُوا علىٰ انفسهم لاتقنطوا من رحمةِ الله ان الله يغفر والذنوب جميعاً انه' هو الغفور الرحيم.

(پ-24:س-زمر:ع-6)

### حديث

عن ابي هريرة رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: لما قضي الله الخلق كتب كتاباً فهو عنده' فوق عرشِهِ ان رحمتي سبقت غضبي و في روايت غلبت غضبي. (متفق عليه)

### مثنوي

سويُ تاريڪي مرو خورشيدها ست
ڪوئي ناميدي مپو اميدها ست
هين مشو نامید نور از آسمان
حق چون خواهد ميرسد دريک زمان
تو مگو مارا بدان شه بار نيست
با ڪريمان ڪارها دشوار نيست

### بيت

عيبن سان ئي وچ، پيهي در دوستن جي
شڪ مڙيئي پڄ، سهج ملندا سپرين.

## حکايت

درحديث آمده است که دو تن از بني اسرائيل باهم مخالطت داشتند يمي انبار صدور باجناس فرط محبت يکديگرا نباشتندي ليکن يکي متعبّد بود و ديگر مبتدع، پسي وقتي عابد رفيق خودرا از معصيت ورزي ممانعت کرد، و او اجدية رجائي بر زبان آورد تاکه روزي زاهد عاصي را مرتک منهيات يافت، بسبب غيرت با او بسبيل زجر و توبيخ لساني شتافت غريق لجه عصيان عرضداشت که عاقبت کار اين گنه گار را برحمت آمرز گار بگزار و بدينيان چين اعتراض در ابرو مبار که ترا بجهة نگهباني مانه فرستاده اند و رتق و فتق معامله اخروي بدست تو نداده اند.

عابد از آنجا که کلاه پنداري برسر داشت و قبائِ خود بيني در بربي رعايت ادب بر زبان آورد که قسم باسم منتقم قهار که نام چون تو هوا پرست در ديوان آمرزيد گان نه خواهد نوشت و طينت چون تو مفسد باب رحمت نخواهد سرشت، پس چون متقاضي ازل بحکم پروردگار اجل نقد جان هردو بخزينه بادشاه ابد و ازل حاضر آوردبخشايش الاهي بمقتضائِ فحوائِ مرحمت انتهائِ "قل کل يعمل و علي شاکلة" مراحم و افيه بحال آن اميدوار مصروف داشته نوشته سوءُ القضاءُ را بکزلک "يَمحُوالله مايشاءُ" ستردو رحمت نامتناهي موجب مضمون ترقب مشحون "وسعت رحمتي کل شيءً عواطف کافيه دستگير افتاده گشته جان ترصد توامان ويرا مخاطب به الهام نوازش انجام "فادخلي عبادي وادخلي جنتي" گرديد، وزاهد خود بين عتاب انتقام نصاب فرموده پرسيد که خشنودي جناب رحمت مآب من موقوف بر رضائي تست و عطيه درگاه مرحمت اشتاه من منحصر برعطائي تو.

گفت ني. منتقم باري فرمان داد که اورا درکانِ اسفل السافلين داخل گردانند و درمعرکه "بيئس مثوىٰ المُتکبرينَ" نشاندند.

سنڌي ترجمو

## درجو ستاويهون

**<u>ڪنهن به حالت ۾ نا اميد نه ٿيءُ</u>**

## آيت

(منهنجي طرفان انهن کي) ٻڌاءِ ته اي منهنجا اُهي ٻانهؤ! جن پاڻ تي ظلم ڪيو آهي، ته اوهان الله جي رحمت کان نااميد نه ٿيو ڇو ته الله سڀ گناهه بخشيندو، چاڪاڻ ته اهو ئي بخشڻهار مهربان آهي.

(پ-24:س-زمر:ع-6)

## حديث

ابو هريره رضه کان روايت آهي ته فرمايو رسول اللهﷺ: جڏهين الله خلقڻ جو فيصلو ڪيو، تڏهين هڪ ڪتاب لکيائين پوءِ پنهنجي عرش مٿان پاڻ وٽ رکيائين، تحقيق منهنجي رحمت منهنجي غضب ۽ غصي جي اڳيان هوندي. (ٻي روايت ۾ آهي ته منهنجي غضب تي غالب هوندي ) **(متفق عليه)**

## مثنوي

اونداهين ڏانهن نه وڃو سج آهن
نااميديءَ جي گهٽيءَ ڏانهن نه ڊوڙو اميدون آهن
اوهان آسمان جي نور کان نااميد نه ٿيو
جڏهين رب گهريو ته انهيءَ مهل پهچبو
تون ائين نه چئو اسان جو اعلىٰ دربار تائين پهچڻ مشڪل آهي
ڪريمن اڳيان اهي ڪم ڪي ڏکيا نه آهن

## بيت

عيبن سان ئي وڃ، پيهي در دوستن جي
شڪ مڙيئي پيچ، سهج ملندا سپرين.

## حڪايت

حديث ۾ آيو آهي ته بين اسرائيلن مان ٻه شخص هئا، جيڪي پاڻ ۾ ڏاڍا گهرا هئا ۽ گهڻي محبت جي ڪري هڪ ٻئي کان جدا نه ٿيندا هئا، پر هڪ عابد شخص هو ٻيو بدعتي ماڻهو هو. هڪڙي وقت عابد شخص پنهنجي دوست کي گناهن ڪرڻ کان روڪيو ته هن اميد ڀريا لفظ زبان سان ادا ڪيا. زاهد هڪڙي ڏينهن، انهيءَ گنهگار ماڻهوءَ کي وري اهي ڪم ڪندي

ڏنا جن کان ڪيس منع ڪئي هئائين، سو غيرت منجهان هن کي سخت گهٽ وڌ ڳالهايائين. گناهن جي درياءَ ۾ ٻڏل شخص عرض ڪيو ته هن گنهگار جي ڪم جي پڇاڙي بخشڻهار جي رحمت تي ڪٽي ڇڏ، ۽ ايڏو منهن ۾ گهنڊ نه وجهه، توکي اسان جي نگهباني واسطي ڪونه موڪليو اٿس ۽ آخرت جو معاملو تنهنجي هٿ ۾ نه ڏنو اٿس. عابد اهڙي جاءِ تي هو، جتي ڪيس پائڻ ۽ خودبيني جي ٽوپي ۽ جبو پيل هو، سو ادب ۽ لحاظ ڇڏي چوڻ لڳو ته: انتقام ۽ بدلي وٺندڙ قهار جو قسم آهي ته (الله تعاليٰ) تو جهڙي هوا پرست جو نالو بخشيل ماڻهن جي دفتر ۾ نه لکندو ۽ تو جهڙي فسادي مٿيءَ کي آب رحمت مان نه ڳوهيندو. پوءِ جڏهن پروردگار جي حڪم سان ملڪ الموت ٻنهي جو روح قبض ڪري الله جي حضور ۾ پيش ڪيو ته بخشڻهار خدا، ”اي محبوب چئي ڏي ته هر هڪ پنهنجي ڏنگ ۽ ڊول تي عمل ڪندو آهي“ جي فرمان موجب انهيءَ اميدوار جي حال تي رحم فرمائي ”جو ڪجهه چاهيندو آهي تنهين کي ميٽي ڇڏيندو آهي“ جي ڪلڪ سان ڊڪي ”منهنجي رحمت هر ڪنهن شيءَ تي پکڙجي ويندي آهي.“ جي ارشاد موجب، ڪريل شخص جي دستگيري ڪري حڪم ڏنو ته” تون منهنجن ٻانهن ۾ داخل ٿي وڃ“ جي فرمان موجب جنت ۾ داخل ٿي وڃ. خودبيني ۽ پاڻ کي ڏسندڙ زاهد کان سوال جواب پڇڻ لڳو ته خوشنودي ۽ رضا، تنهنجي رضا ۽ مرضيءَ تي ڇڏيل آهي ڇا؟ ۽ منهنجي عطا ۽ بخشش، تنهنجي عطا تي منحصر آهي ڇا؟

جواب ۾ چيائين، نه. انتقام ۽ بدلي وٺندڙ خدا فرمان ڏنو ته هن کي دوزخ جي هيناهين کان هيٺ واري طبقي ۾ وجهو ۽ ”هنيلن جو هنڌ تمام بڇڙو آهي“ جي هنڌ رکوس.

فارسي متن

**درجه بيست و هشتم**

**در فضيلت مجاهدان بر قاعدان**

**آيت**

قالَ الله تَعاليٰ جَل جلاله وَ عَم نواله: لا يستوي القاعدون من المؤمنين غير اولي الضّرر والمجاهدون في سبيل الله باموالهم و انفسهم فضل الله المجاهدين باموالهم و انفسهم علي القاعدين درجة.

(پ-5:س-نساءِ:ع-13)

**حديث**

عن ابي هريرةء رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: من آمن بالله رسوله و اقام الصلواة وصام رمضان كان حقاً علي الله ان يدخله الجنة، جاهدو في سبيل الله او جلس في ارض التي ولد فيها، قالو يا رسول الله ﷺ افلا تبصر به الناس. قال ان في الجنة مائة درجةً، اعدها الله للمجاهدين في سبيل الله ما بين الدرجتين كما بين السماءِ والارض. و اذا سالم الله ماسئلوا الفردوس فانه' اوسط الجنة واعلیٰ الجنة و فوقه' عرش الرحمان ومنه تفجر انهار الجنة: **(رواه البخاري)**

## مثنوي

دوست دارد دوست اين آشفتگي
كوشش بيهوده به از خفتگي
اندک جنبش بكن همچون جبين
تابه بخشندت حواسِ نور بين
چون شگوفه ريخت ميوه سركند
چون كه تن بشكست جان سربركند

## بيت

جفا وارن جس، جس جفا ري نہ ٿئي
مُنَي متان چڙئين، سندو گورن گس
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر پوندءِ ڏس
پنهون هلي پس، سر پر رڙهي سسئي.

## حكايت

سرير پيرايُ مملكتي و كشور آرايُ سلطنتي متعهدان امور ديوان خود را فرمان داد كه مرسوم فلان هرچه كه هست دوچندان نمائيد و بررويُ ترصدش ابواب عطايُ شاهانه دوباره كشائيد كه جان نثار درگاه است وفدوي صداقت انتباه و متعلقان ديگر ليل و نهار خود در هوس بازي و هوا پرستي بسرمي برند و بصرف ود انفاس امتعه خشنودي سركاري نمي خرند. صاحبدلي اصغانموده خروشي برآور دو افغان دلستان كرد پرسيد ندش كه باعث سوزش بنياد و آه جانگاه چه بود. فرمود ترقي درجات عباد و علو مراتب ابدال و اوتاد ببارگاه سلطان حقيقي بداين منوال است و فضائل ارباب مجاهده را ترجيح بر اصحاب قعود بهمين مثال.

## درجو اٺاويھون

**ويڙهي رب ريجهائڻ وارن کان، جاڪوڙا افضل ۽ اعلىٰ آهن**

**آيت**

مومنن مان (جهاد کان) ويهي رهندڙ، ضرر ۽ ڏک وارن کان سواءِ ۽ جيڪي شخص الله جي راهه ۾ پنهنجي مالن ۽ جانين سان ڪيڏن ٿا، سي هڪ جهڙا نہ آهن. جيڪي شخص پنهنجي مالن ۽ جانين سان سر جي بازي لڳائيندڙ آهن، تن کي ويهي رهندڙن کان الله درجي ۽ مرتبي ۾ افضل ۽ اعلىٰ ڪيو آهي. **(پ-5:س-نساءِ:ع-13)**

**حديث**

ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله ﷺ: جنهن شخص الله ۽ سندس رسول تي ايمان آندو ۽ نماز قائم ڪئي ۽ رمضان جا روزا رکيا، تنهن کي جنت ۾ داخل ڪرڻ الله تي لازم ٿيو (جيتوڻيڪ) انهيءَ شخص الله جي راهہ ۾ جهاد ڪيو هجي يا پنهنجي انهيءَ زمين ۾ ويٺو ئي رهيو هجي جتي ڄڻيو ويو آهي. تنهن تي صحبت ۾ رهندڙن عرض ڪيو تہ: يا رسول الله ﷺ اها بشارت عام ماڻهن کي نہ ٻڌايون ڇا؟ پاڻ فرمايائون تہ: جنت ۾ سؤ درجا آهن، جن کي الله في سبيل الله جهاد ڪندڙن لاءِ تيار ڪيو آهي. ٻن درجن جي وچ ۾ ايترو فاصلو آهي جيئن زمين ۽ آسمان. سو جڏهين اوهان الله کان سوال گهرو تہ فردوس جنت جي گهر ڪجو. ڇاڪاڻ تہ بهترين ۽ اعلىٰ جنت آهي ۽ انهيءَ جي مٿان رحمان جو عرش آهي، ۽ انهي عرش مان جنت جون نهرون وهن ٿيون.

**(رواه البخاري)**

**مثنوي**

اها ديوانگي دوست کي پسند ٿي اچي
سمهڻ ۽ غفلت کان بيڪار ڪوشش بہ چڱي ٿي لڳي
ڪچي ٻار وانگر ٿورڙي سهي جنبش ڪر
تہ توکي نور ڏسندڙ حواس عطا ڪن
جڏهين گوشو نِوندو تہ ميوو ايرندو
جڏهين بت پُرندو تہ جان ايرندو.

## بيت

جفا وارن جس، جس جفا ري نہ ٿئي
مُني متان چڙئين، سندو گورن گس
ليڙن جو لطيف چئي، ڏونگر پوندءِ ڏس
پنهون هلي پس، سر پر رڙهي سسئي.

## حڪايت

وقت جي بادشاھ پنهنجي دربار جي عهديدارن کي فرمان ڏنو تہ فلاڻي چوبدار جي پگھار ٻيڻي ڪريو ۽ سندس لاءِ بادشاهي بخشش جو دروازو کولي ڇڏيو، ڇاڪاڻ تہ دربار جو جان نثار ۽ صداقت سان فدا آهي، ۽ ٻيا ملازم رات ڏينهن پنهنجي هوس بازي ۽ هوا پرستي ۾ لڳا پيا آهن، ۽ قيمتي دمن ۽ ساھ جي رقم کي، حڪومت جي خوش ڪرڻ لاءِ استعمال نٿا ڪن. هڪڙو صاحبدل ٻڌي، دردناڪ دانهون ۽ آهون ڪرڻ لڳو. انهيءَ کان پڇيائون تہ اهڙو جان جهوريندڙ ۽ جان سوز آواز ڪرڻ جو ڪهڙو سبب هو؟ جواب ڏنائين تہ حقيقي بادشاھ جي دربار مان بہ ٻانهن جي منزل ۽ درجا وڏڻ ۽ ابدالن، اوتادن جا مرتبا انهيءَ طرح وڌندڙ هوندا آهن ۽ مجاهدي وارا وينلن ماڻهن کان انهيءَ طرح افضل ۽ اعلیٰ هوندا آهن.

فارسي ترجمو

## درجه بيست و نهم

## در ترک مصاحبت باحکام و عدم مخالطت باظلام

## آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: ولا ترکنو الي الذين ظلمو فتمسکم النّارُ. (پ-12:س-هود: ع-10)

## حديث

عن اوس بن شرجيل اِنه سمع رسول الله ﷺ يقول: من مشيُ مع ظالمٍ وهو يعلم انه ظالمٌ فقر خرج من الاسلام.

**(رواه البهيقي في شعب اليمان)**

## مثنوي

اهل دنيا چون سگِ ديوانه اند

دور شوز ايشان که بس بيگانه اند
اهل دنيا سربسر در غفلت اند
مردهء نانند و کشتهء شهوتند
اهل دنيا چه کهين وچه مهين
لعنة الله عليهم اجمعين

**بيت**

ڳجهہ نہ ڳري لاءِ، ڪڻ بورائو باز کي
آهي تنهن انديءَ جيءِ، جيفي پاسي جاءِ
وجيو ڪاڄ تهائين ڪاءِ، هو جو قوت ڪتن جو.

**حکايت**

درويشي بخواب ديد که سلطاني بدرجات نعيم "جناتٌ تجري تحتها الانهار" خلود دارد و فقيري بدرکات "سعيرٌ لَهَا شهيقٌ وَهي تفور" دخول مي آرد، پرسيد که موجب حصول رتبہ"الذين انعمت عليهم" که تونگر بدان کامياب است چه اعمال اند، وباعث وصول جزايُ "قوماً غضب الله عليهم" که درويش بدان درتب وتاب است کدام افعال. گفتند که اين دولتمند از سبب ارادت صادق اهل الله وعقيدت واثق زمره آگاه بحکم "حب الفقراءُ مفتاح الجنةِ" بطائفه عليه "ان الابرار لفي عليين" واصل است، و اين زاهد از ممر مصاحبت ملوڪ و سلاطين و مخالطت دنيا پرستان غفلت آئين بمقضايُ "حب الدنيا راسٌ کل خطيئة" بجماعت ذليله "ان الفجار لفي سجيين" داخل چراکه "نعم الامير علیٰ باب الفقير" واقع است " وبئيس الفقير علیٰ باب الامير" ثابت.

سنڌي ترجمو

## درجو اُوڻٽيهون

**حاڪمن ۽ ظالمن جي صحبت ۽ ميل ميلاپ کي ترڪ ڪرڻ**

**آيت**

ظالمن ڏانهن لاڙو نہ ڪريو نہ تہ اوهان کي باهہ لڳندي.

(پ-12:س-هود: ع-10)

## حديث

اوس بن شرجيل کان روايت آهي، انهيءَ پاڻ رسول الله ﷺ کان ٻڌو، جو پاڻ فرمايائون تي ته: جو شخص ظالم سان گهميو ڦريو، حالانڪ ڪيس معلوم آهي، سو اسلام ڪان خارج آهي.(**رواه البهيقي في شعب الايمان**)

## مثنوي

دنيادار ڇتي ڪتي وانگر آهن
انهن کان پري ڀڄ ڇاڪاڻ ته هي بيگانه آهن
دنيادار سراسر غفلت ۾ آهن
ماني تي مرندڙ ۽ شهوت جا ڪنل آهن
دنيادار وڏو خواهه ننڍو
انهن سيني تي الله جي لعنت آهي.

## بيت

ڳجهه نه ڳري لاءِ، ڪڻ ٻورائو باز ڪي
آهي تنهن انديءَ جي، جيڪي پاسي جاءِ
وڃيو ڪاڄ تهائين ڪاءِ، هو جو قوت ڪتن جو.

## حڪايت

هڪڙي درويش خواب ۾ ڏٺو ته هڪڙو بادشاهه نعمتن وارن درجن ۾ داخل آهي "اهڙيون جنتون جنهن جي هيٺان نهرون وهي رهيون آهن" ۽ فقير هيٺين طبقن ۾ داخل آهي. "جتي ٻرندڙ باه آهي". پڇا ڪيائين ته اهو مرتبو ڇا جي ڪري حاصل ٿيو آهي؟ هي ته اهي شخص آهن "جن تي تو انعام ڪيو آهي". سو تونگر انهيءَ نعمت سان ڪامياب آهي، ڪهڙا عمل ڪيا اٿس، ۽ هو سزا جو حقدار ڇا جي ڪري آهي؟ هي اُهي ماڻهو آهن جن تي الله غضب ڪيو آهي، سو درويش وڏيءَ سختيءَ ۾ آهي، ڪهڙا ڪم ڪيا اٿس؟ جواب مليو ته هي دولتمند الله وارن ۾ سچو ارادو رکندو هو ۽ معرفت وارن ۾ مضبوط عقيدو رکندو هو. هن حڪم موجب "فقيرن جي محبت جنت جي ڪنجي آهي،" "نيڪ شخص مٿانهن درجن ۾ آهن" واري جماعت ۾ شامل آهن. ۽ هي زاهد بادشاهن ۽ غفلت ڀري دنيا پرستن سان ميل ميلاپ رکڻ جي ڪري 'دنيا جي محبت سيني خطائن جو منڍ آهي" ذليل

جماعت ۾ آهي. ”گنهگار ماڻهو هيٺين طبقن ۾“ داخل هوندا ڇاڪاڻ ته ”امير جي نعمت فقير جي دروازي تي آهي“ جو حڪم ٿيل آهي ۽ ”فقير جي بچڙائي امير جي دروازي تي“ ثابت آهي.

فارسي متن

## درجه سي ام

## در خوگيري خاطر عوام بمواصلت دنيايُ دني نافرجام

**آيت**

واذا ذکر الله وحده اشمارت قلوب الذين لا يؤمنون بالآخرة- واذا ذکر الذين من دونه اذا هم يستبشرون. **(پ-24:س-زمر:ع-5)**

**حديث**

عن ابي هريرة رضہ قال، قال رسول الله ﷺ: آلدنيا سجن المؤمنين من و جنة الکافر. **(رواه مسلم)**

**مثنوي**

طمع و ذوقِ اين حياتِ پر غرور
از حياتِ راستينت کرد کور
پس طمع کورت کند نيکو بدان
بر تو پوشاند يقين را بي گمان
حق ترا باطل نمايد از طمع
در توصد کوري فزايد از طمع

**بيت**

محروم ئي مري ويا، ماهر تي نہ مئا
چڙي جيان ڇهنب هڻي، لڏيئون لئا
حبابي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

**حکايت**

دباغي در بازار عطاران رسيد چون روائح عطريات و فوائح مطيبات برقوت مشامش مستولي گرديد از تواتر و تواهلي نكهات عنبرين شده تام در دماغش افتاد، پس مانند، مسكوت نقش رويُ زمين شده سر ببالين بيخبري نهاد. حاضران وقت چندانكه بخورو گلاب بكار بردند، غريق لُجّهُ مدهوشي را بساحل افاقه نياوردند تاكه از مصاحبانش اتفاقاً برو گذر نمود برحال سراپا و بالش نظر فرمود، زودتر سرگين سكش ببويانيد ديدند كه اشمام آن نجاست عين باعث حسن و حركات آن خوگير منتنات شده شگوفه تفريح در دوحه وجود آن خباثت آمود رويانيد و بحكم مضمون قدرت مشحون ”ولكل وجهةٌ هو موليها“ از وصول ريح منتن شاخ حياتش نزهت گرفت. و بمقتضايُ كلام حقيقت نظام ”يحبون هم كحب الله“ از حصول قرب نجس غنچهُ دلش چون گل بشگفت.

سنڌي ترجمو

## درجو ٽيهون

### خوديءَ خدا کين ماپن هڪ ماڳ ۾

### آيت

جڏهين الله جي وحدانيت جو ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ جن شخصن جو آخرت (باطن جي حالات) تي ايمان نہ آهي، تن جون دليون ٿهنديون آهن ۽ جڏهن الله کان سواءِ انهن جي (خودي جو) ذڪر ڪيو ويندو آهي تہ ان وقت اُهي سرها ۽ خوش ٿيندا آهن.

(پ-24:س-زمر:ع-5)

### حديث

ابي هريره کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم: دنيا (ڪثرت) مومن جو بنديخانو آهي ۽ ڪافر جي جنت آهي.

(رواه مسلم)

### مثنوي

هن پُر غرور حياتيءَ جي لذت ۽ طمع
توکي حقيقي حياتيءَ کان انڌو ڪري ڇڏيو
طمع توکي انڌو ڪري ڇڏيندي پڪ سمجھ
سچ پچ تنهنجي يقين کي ڍڪي ڇڏيندي
طمع جي ڪري حق باطل نظر ايندو
طمع جي ڪري پردن مٿان پردو چڙهندو ويندو.

وضاحت: دوکي باز دنيا جي لذتن ۽ طمع جي ڪري وحدت کان نابينائي ۽ نفرت جو مرض پيدا ٿي پوندو آهي.

## بيت

محروم ٿي مري ويا، ماهر ٿي نہ مئا
چڙي جيان ڇهنب هٽي، لڏيائون لئا
حبابي هئا، انهيءَ واديءَ وچ ۾.

## حڪايت

هڪڙو ڇمڙو رنگينڊڙ، عطر وارن جي بازار ۾ وڃي پهتو، جڏهين عطرن ۽ خوشبوءِ دار شين جي لڳاتار هٻڪار سندس دماغ کي پهتي تہ ڪيس غشي ۽ مدهوشي اچي وئي ۽ زمين تي ڪري پيو. موجوده ماڻهن گلاب جا عربق پياريا ۽ ٻيا ڪلي حيلا هلايا پر هوش ۾ نہ آيو، تان جو اوچتو سندس دوستن مان هڪڙو اتان لنگهيو. سندس احوال مان واقف ٿي ڪيس ان وقت ڇيڻو ڪٽي سنگهايائين، انهيءَ نجاست ۽ بدبوءِ دار شيءِ جي سنگهڻ ڪري چرڻ لڳو، ۽ بدبوءِ جو عادي ۽ هيراڪ خوش ٿي اٿي ويهي رهيو. قدرتي راز سان پريل مضمون موجب تہ "هر هڪ لاءِ هڪ طرف آهي، پوءِ اهو انهيءَ ڏانهن مهاڙ ڪندو آهي" بدبوءِ جي حاصل ٿيڻ ڪري سندس حياتي سر سبز ٿي پئي. حقيقت پرئي مضمون موجب "هي شخص انهن شين سان محبت اهڙي رکندا آهن جهڙي الله سان رکڻ گهرجي". نجس ۽ پليت شيءَ جي قرب حاصل ٿيڻ ڪري، سندس دل جي مکڙي گل وانگر ٽڙي پئي.

فارسي متن

## درجه سي ويکم

### در مذمت ايثار برحظوظ دنيوي و ترک تلذ ذات اُخروي

## آيت

قال الله تعالیٰ جل جلالہٗ و عم نوالہ: بَل تؤثرون الحيواة الدنيا، والا آخرة خيرٌ و اَبقیٰ.

(پ-30:س-اعلیٰ: ع-1)

## حديث

عن ابي هريرة رضہ قال، قال رسول الله صلي الله عليہ وآلہ وسلم: مَثلي کمثل اجلِ اِستو قد نارا فلما اضاءَت ماحولها جعل الفراش و هاذہِ الدّواب التي تقع في النار يقعن فيها

وجعل يحجز هنّ و يَغلّبنَه فيتقحمن فيها فانا اَخذٌ بحجز کم عن النّار و انتم تقحمون فيها. هاذہٖ راوية البخاري والمسلم نحوها وقال في آخر قال فذالک مَثلي و مَثلکم انا آخذٌ بحجز کم عن النّار هَلّمُ عن النَار هَلمُ عن النّار فتغلبوني تقحمون فيها.

**(متفق عليه)**

## مثنوي

زينهار اي عاقلان زين گلشني
کو حقيقت بد ترست از گلخني
الفرا رايُ جاهلان زين گلشکر
کو بسوزاند دهانرا چون شرر
هر که شيرين زيست آخر تلخ مرد
هر که اندر بند تن شد جان نيرد

## بيت

قريا پسي قيڻہ کرين کير نہ چکيو
دنيا ڪارڻ دينہ وڃائي ولها ٿيا.

## حکايت

چون شقاوت آثار وجهالت اطوار اعدا عدو خاندان خاص عمرو بن سعد بن وقاص بفرمان ضلالت نشان ملحد سراپا عناد مرتد کفر نزاد لعين غوايت آگين بن زياد متعهد سفک دماءِ اهلبيت رسول خدا عليه و عليهم التحيته والثنا گرديده از کوفه قدم بيرون نهادہ شخصي آثار بشاشت و ابتهاج بر چهره آن روسياه طاغي بدمزاج ديده زبان تعرض بکشاد که اي منکر تيره دل و اي کافر مضمحل خونريزي کسي که کلام معجزه نظام "الحسين مِني و انا من الحسين" در شان اوست و آيت سراپا هدايت "الا المودة في القربیٰ" موجب مودت بندگان او برذمه خود متحتم ساختي و در مقمار طغيان و روز که "وما الحيواة الدنيا متاع الغرور" طغراي منشور اوست و نقد ايمان بيکبار باختي. گفت بہ يقين مي دانم که محارب شهسوار مضمار امانت گلبن گلذار کرامت داخل اسفل سافلين است و تخلف سفينه محبت عترت نبوي و سبط مصطفوي غرق طوفان آتشين ليکن چون رياست رَي که در جلد وي اين عمل شنيع مشروط است ياد مي آيد بحکم "سنستر رجهم من حيث لايعلمون شاهد نهيب "نار الله

المؤقدة التي تطلع علي الافئدة“ از مراءة دل ضلال منزل چهره نمي نمايد و گوش بسبب آگندگي پنبهء غفلت صداي ”سيصلىٰ ناراً ذات لهب“ نمي شنود و خاطر وسوسه مأثر موجب نكته ”فما اصبرهُم علي النار“ بسويُ نجات نميگرود.

سنڌي ترجمو

## درجو ايڪٽيهون

**دنيا جي چشڪن تي موهجڻ ۽ آخرت جي لذتن کي ترڪ ڪرڻ.**

**آيت**

بلڪ اوهان دنيا جي حياتيءَ تي گهور گهوران وجو ٿا؛ حالانڪ آخرة افضل ۽ بقادار آهي.

**(پ-30:س-اعلىٰ:ع-1)**

**حديث**

ابو هريره کان روايت آهي تہ: فرمايو رسول الله صلعم تہ منهنجو مثال هڪ باهہ ٻارينڌڙ ماڻهو جي مثال وانگر آهي. پوءِ جڏهن سندس آسپاس روشن ٿي وجي تہ پروانا اچڻ لڳندا آهن ۽ اهي ڦري ڦري وجي باهہ ۾ ڪرندا آهن، ۽ اهو شخص انهن کي پري ڪرڻ لڳندو آهي ۽ (اهي پروانا) انهيءَ تي غالب پئجي باهہ ۾ ڪاهي پوندا آهن. آءٌ بہ اوهان کي باهہ (دنيا) کان روڪيان ٿو ۽ اوهان انهيءَ ۾ ڪاهيندا وجو ٿا.

هيءَ روايت بخاري ۽ مسلم جي آهي. انهي باري ۾ بي روايت هن طرح سان ارشاد فرمايل آهي تہ: منهنجو مثال اوهان جي مثال وانگر آهي، آءٌ اوهان کي باهہ کان پري ڪريان ٿو ۽ باهہ کان بچايم، پوءِ اوهان مون تي غالب اچي ان ۾ ڪاهي پيؤ.

**(متفق عليه)**

**مثنوي**

اي عقل وارؤ! هن (دنيا) جي گلشن کان،ڪنارو ڪري وجو

سچ پچ اهو (گلشن) تنور کان بہ بدتر آهي.

جاهلو! هن گلقند کان پيڇي وجو.

نہ تہ اهو باهہ جي اُلن وانگر چپن کي ساڙي ڇڏيندو

جنهن شخص ناز ۽ نعمت جي زندگي گذاري

سو آخر خراب ٿي مئو.
جيڪو شخص جسم ۾ بندڻي رهيو تنهن جي
جان جي قيمت ڪجهه نه آهه.

## بيت

ڦريا پسي ڦيڻ، ڪرين ڪير نه ڇڪيو
دنيا ڪارڻ دين، وڃائي ولها ٿيا.

## حڪايت

جڏهن شقاوت آثار، جهالت اطوار، ۽ خاص خاندان جو وڏو دشمن عمرو بن سعد بن وقاص، ضلالت نشار، ملحد، سراپا عناد، مرتد، ڪفر نژاد ۽ لعين غوايت آگين ابن زياد جي فرمان سان رسول خدا جي اهلبيت عظام جي رت وهائڻ جي عهدي تي مقرر ٿي ڪوفي کان ٻاهر نڪتو ته ڪنهن خوشرو ۽ خوش چهري شخص، انهيءَ ڪارمنهين طاغي ۽ بدمزاج اک واري کي چئي ڏنو ته: اي ڪاري دل وارا منڪر! اي ڪفر جي رنگت وارا! اهڙيءَ هستيءَ جي خونريزي واسطي وڃي رهيو آهين، جنهن جي حق ۾ معجز نظام ڪلام آيل آهي ته ”حسين منهنجو آهي ۽ مان حسين جو آهيان“ ۽ سندس شان ۾ سراسر هدايت واري آيت ”صرف منهنجن قريبن سان محبت رکو“ آيل آهي (تون ان جي مارڻ) جو ذمو کڻي آيو آهين ۽ سرڪشي جي ميدان ۾ سرڪش ٿي پيو آهين. حالانڪ هي فرمان آهي ته ”دنيا جي حياتي صرف ٻوڪي بازي جو سامان آهي“ سو ايمان جي روڪڙ هڪدم ختم ٿو ڪري ڇڏين؟ عمرو بن سعد جواب ۾ چيو ته: مان يقين سان سمجهان ٿو ته امامت جي ميدان جي شهسوار ۽ ڪرامتي باغ جي گل سان وڙهڻ پاڻ کي اسفل السافلين ۾ داخل ڪرڻو آهي ۽ نبي ۽ مصطفيٰ جي محبت واري اولاد جي مخالفت ڪرڻ ڪري پنهنجي ٻيڙي ٻاهه جي طوفان ۾ غرق ڪرڻي آهي، پر ري رياست جي حڪومت هن ناجائز ڪم جي ڪري شرط ٿيل آهي، اها ياد ٿي اچي (ته سڀ ڳالهيون وسري ٿيون وڃن)، ”اسان انهن کي اهڙي هنذان ڪيرائيندا آهيون، جو انهن کي خبر ئي نٿي پوي“ جي حڪم موجب ۽ هيبتناڪ نظاري ”هيءَ الله جي اها ٻاهه آهي، جا دلين تي چڙهي ويندي آهي“ کي دل جي آئيني مان نٿا ڏسن، غفلت جي ڪپهه پوڻ جي ڪري ۽ ڪنن جي گندگيءَ ڪري ”جيئي واري ٻاهه ۾ گهڙندا“ جو آواز ٻڌي نٿا سگهن ۽ وسوسي سان پريل ”انهن کي ٻاهه تي ڪيئن ٿو صبر اچي“ جو نڪتو نجات ۽ ڇوٽڪاري ڏانهن نٿو آڻين.

فارسي متن

## درجه سي ودوم

## در ايثار قناعت برغنا و خشنودي حق بر هوا

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلاله و عم نواله: ولا تمُدّن عينيک الیٰ ما متعنا به ازواجاً منهم ولا تحزن عليهم.

**(پ-16:س-طه:ع-8)**

### حديث

عن علي رضي الله عنه و كرم الله وجه قال: قال رسول الله ﷺ: من رضي من الله باليَسيرِ من الرزّق، رضي الله عنه بالقليل من العمل.

**(رواه البيهقي في شعب الايمان)**

### مثنوي

بند بگسل باش آزاد اي پسر
چند باشي بند سيم و بند زر
كوزهء چشم حريصان پر نہ شد
تا صدف قانع نشد پور در نشد
نيست كسبي از توكل بيشتر
چيست از تسليم خود محبوب تر

### بيت

ڳوريون پاسي ڳوٺ، هورنِ هاڙهو لنگهيو
كيچ تنين كي كوٺ، كين جنين جي كيچ ۾.

## حكايت

در حديث آمده است كہ زوجه ابي الدّر داء رضہ بشوهر خود از ممر ضيق معاش عرضداشت كه اي گلچين حديقهء صحبت نبوي، و عندليب روضهء رتبهء علوي بدنع مي آيد و غريب مي نمايد كه باچنين افلاس و استيلايء حرمان و ياس در تحصيل اموال

دنيوي جهد وافي و کوشش کافي مبذول نداري و شست تدبير بجهته اصطياد ماهي معيشت ناگزيز نمي گماري. ابوالدّ رداء رضہ از آنجاکه از وسعت عالم قناعت خبرداشت علم تکلم در عرصهء پاس آن پاکدامن افراشت که از زبان رشوت بيان خطيب منبر قاب اوسين او آدنیٰ يعني حضرت احمد مجتبیٰ محمد مصطفیٰ ﷺ به اصفايُ ارادت انتمايُ اين کمترين حضار بارگاه عرش اشتباه رسيده که مي فرمودند کہ اي مصاحبان من شمارا عقبه دشوار درپيش است که ارتقاءِ وي گرانبار آنرا محال خواهد بود و مثقلانرا عين وبال لهذا بحکم مضمون ارشاد مشحون " هلک المثقلون و نجي المخففون" بقلّت مال و تگي حال مي باشم و ريش دل را بناخن تاسف و تحسر نمي خراشم. (1)

---

(1) حاشيي تي حافظ جو هي بيت لکيل آهي:

از زبان سوسن آزاده ام آمد بگوش

کاندرين دير کهن کار سبکساران خوش است

سنڌي ترجمو

## درجو ڇٽيهون

**<u>تونگريءَ جي بجاءِ قناعت ۽ خواهشن جي بجاءِ حق جي رضا پسند ڪرڻ.</u>**

### آيت

اوهان هرگز اُنهن مختلف جماعتن جي مال متاع ڏانهن اک بہ کڻي نہ ڏسو ۽ نکي انهن (اصحابن جي مس ڪينيءَ تي) غم ۽ ڏک ڪريو.

**(پ-16:س-طه:ع-8)**

### حديث

علي رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم: جيڪو شخص الله کان ٿوري رزق تي راضي ٿيو، تنهن کان الله ٿوري عمل کان راضي ٿيندو.

**(رواه البيهقي في شعب الايمان)**

### مثنوي

اي پٽ! بند ٿوڙي ڇڏ ۽ آزاد رهہ

ڪيترو سون ۽ چاندي جو فڪر ڪندين

حرص وارن جي اک جو ڪوزو ڪڏهن نہ ڀربو

جيستائين سِپَ قناعت واري نہ ٿيندي،
لعلن سان پرپور نہ ٿيندي
توڪل کان وڏيڪ ڪو بہ هنر ۽ حرفت نہ آهي
رضا ۽ تسليم کان وڏيڪ پياري ٻي ڪهڙي آهي.

## بيت

ڳوريون پاسي ڳوٺ، هورنِ هاڙهو لنگهيو
ڪيچ تنين کي ڪوٺ، ڪين جنين جي ڪيچ ۾.

## حڪايت

حديث ۾ آيو آهي تہ ابي درداءَ جي عورت پنهنجي مڙس کي ڪاڏي خوراڪ جي تنگي ڪري عرض ڪيو تہ: اي نبيءَ جي صحبت واري باغ جا گل چونديندڙ ۽ اعلیٰ مرتبي جي گلستان جا بلبل! اهڙي مسڪيني ۽ تنگيءَ جي ڪري، جو مايوسي ڇانئجي وئي آهي، جيڪڏهن اوهين دنيا جي مال حاصل ڪرڻ لاءِ ڪافي ڪوشش ڪندؤ يا مڇي مارڻ کان منهن نہ موڙيندؤ تہ چڱو ۽ بهتر ٿيندو. ابو درداءَ رضہ جو قناعت جي وسيع عالم کان واقف هو، سو فرمائڻ لڳو تہ مون هدايت ۽ فيض واري زبان مان ۽ قَابَ قَوسَيۡنَ اَو اَدنیٰ جي منبر واري خطيب يعني حضرت احمد مجتبیٰ ۽ محمد مصطفیٰ صلعم کان ٻڌو آهي، جو پاڻ فرمايائون ٿي تہ: اي منهنجي صحبت ۾ رهڻ وارو! اوهان جي اڳيان هڪ ڏکيو لڪ آهي، جو بار وارن کي انهيءَ تي مٿي چڙهڻ ڏکيو ۽ محال ٿي پوندو، بلڪ ڳؤرن شخصن واسطي نسورو وبال هوندو. هن هدايت پريل مضمون موجب ” ڳؤرا شخص هلاڪ ٿي ويندا ۽ هلڪا شخص پار وڃي پوندا“، انهيءَ ڪري مال جي ٿورائي ۽ حال جي تنگيءَ ۾ گذاريان ٿو ۽ دل جي زخم کي ارمان ۽ افسوس جي ننهن سان ڪرڙيان ۽ ڇليان نٿو.

فارسي متن

## درجه سي و سوم

## در تواتر ذکر نهاني و تصفيه آئينه روحاني

## آيت

قال الله تعاليٰ جَل جلالهُ و عَمّ نوالهُ: وِاذكُر رَبُکَ في نَفسِکَ تَضَرعّا و خِيفةً وَّدُون؟ الجَهرِ مِنَ القَوّلِ بالغرو وآلاَ صَالِ ولاَ تَکنّ مِنَ الغافِلِين.

(پ-9:س-اعراف: ع-24)

## حديث

قال النبي صلي الله و عليہ وآلہِ وسلم: أذکر واللهَ ذکراً حامداً، قِيلَ يا رسُولُ الله وَمَا الذّکر والحامِدُ قَالَ الذّکرُ الخفِي.

## مثنوي

ذکر آرد فکر را در احتراز

ذکر را خورشيد اين افسرد ساز

عام مي خوانند هردم نام پاک

اين اثر نکند چو نبود عشق ناک

چونکه باحق متصل گرديد جان

ذکر او اين ست و ذکر اين ست آن

## بيت

ائين چرخو چور، جيئن پُوڻ پٽکو نہ سٽي

اوڳي پنهنجي ارٽ کي، وجهہ ڏيهاڙي ڏور

ڪُهي نيڻ نہ ڪوڙ، متان آتڻ اچڻ نہ ٿئي

## حکايت

منقول است که از جناب وحدت نصاب برهان الواصلين سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره العزيز پر سيدند که باعث چيست که ذکر زبان که رطوبت بخش لسان و عزوبت ده دل و جان است از حضور درياۓ نور بظهور نمي آيد، و ترانه ذکر اسم جل و علا شانه بميانچي سخن دافع محن آن کليم طور لدن هوش مستمعان را نمي ربايد. فرمودند که زبان درخلوت سراۓ وصال بيگانه است و درميان ذاکر و مذکور بہِ نمي گنجد و ذکر محبوب حقيقي گوهر نهانہ است که در پلہء ميزان السنه محبان نمي سنجد، حصول طاعت بي ريا در ذکر خفي صورت مي بندد و غنچه قلبي زود تر بدين نسيم وهبي چون گل مي خندد.

# درجو ٽيٽيهون

## دائمي مخفي ذڪر ۾ رهڻ ۽ روحاني آئينو صاف ڪرڻ.

### آيت

پنهنجي رب جو پنهنجي اندر ۾ بنا آواز مخفي ذڪر ڪر، ۽ غافلن مان هرگز نہ هج.

(پ-9:س-اعراف: ع-24)

### حديث

نبي صلعم فرمايو آهي تہ الله جو ذڪر ڪريو، حامد ۽ ساراه وارو ذڪر. عرض ڪيائون تہ: يا رسول الله صلعم! حامد ذڪر ڪهڙو آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ خفي ذڪر آهي.

### مثنوي

خفي ذڪر فڪر ڪي جنبش ۾ آڻي ٿو

انهيءَ سج (جي گرميءَ وارو) ذڪر (هستيءَ) ڪي ٻاري ۽ ماري ٿو

عام ماڻهو هر وقت الله الله ڪندا رهن ٿا

(پر) اهو اثر نہ ڪندو، جڏهين عشق ۽ سوز پيل نہ ڪندا

جنهن وقت جان حق سان ملي وئي

اُهو ذڪر اِهو آهي، ۽ اِهو ذڪر اُهو آهي.

### بيت

ائين چرخو چور، جيئن پُوڻ پٽڪو نہ سٽي

اوڳي پنهنجي ارٽ کي، وجهہ ڏيهاڙي ڏور

ڪُهي نيڻ نہ ڪوڙ، متان آتڻ اچڻ نہ ٿئي

### حڪايت

نقل آهي تہ جناب وحد نصاب، برهان الوصالين، سلطان العارفين شيخ بايزيد بسطامي قدس سره العزيز کان سوال ڪيائون تہ ڪهڙو سبب آهي، جو اوهان کان زباني ذڪر نٿا ٻڌون، حالانڪ زباني ذڪر، زبان کي رطوبت بخشيندڙ آهي ۽ دل و جان کي ميناج عطا ڪندو آهي ۽ الله تعالیٰ جي اسم جي ذڪر جو ترانو سپ دک دور ڪندڙ آهي، ۽ موسیٰ جهڙي هستيءَ کي مستانو بڻائيندڙ آهي؟ پاڻ فرمايائون تہ وصال جي وحدت سراءِ ۾ زبان

بيگاني ۾ اوپري آهي،(۽) ذاڪر ۽ مذڪور جي درميان ۾ نٿي سمائجي سگهي. حقيقي محبوب جو ذڪر هڪ مخفي گوهر ۽ موتي آهي، سو عاشقن جي زبانن جي ترازيءَ جي پُڙ ۾ نٿو سونهي ۽ بي ريا عبادت خفي ذڪر ۾ حاصل ٿئي ٿي. قلب جي مُڪڙي انهيءَ بخشش جي ٿڌڙي هوا سان، ان وقت ئي گل وانگر ٽڙي پوي ٿي.

فارسي متن

## درجه سي و چهارم

### در بيان تنبيه بر عظمت شان فقرا و تحريض بر تعظيم اين زمره بي سروپا

### آيت

قال الله تعالیٰ جلَّ جلالهُ وَ عَم نوالهُ وَلا تَطرُدِ الذِينَ يَدعُونَ رَبُهم بالغَدَاةِ وَالعَسِيّ يُردُونَ وَجَهہ مَاعَليکَ مِنِ حسابهِم مِن شيءِ وَمامِن حبِسابِک عَليهِم مِن شيءِ فَتَطرُدَ هُم فَتکُونَ مِن الظالِمِينَ.

**(پ-7:س-انعام: ع-6)***

### حديث

عَن اَنسِ رضہ اَنَ النّبي ﷺ قال: اَللهُمَ اَحيِني مِسکيناً وَاَمتِني مِسکيناً و اَحشُرُ فِي زَمرَةِ المَساکينَ فَقَالَت عَاشِيتہ لِمَ يَا رسول اللهِ، قالَ اَنهُم يَدخُلونَ الجَنته قَبلَ اَغنِياءَ هُم بهِ ربعينَ خَرِيفاً يَا عَائشِيه لا تُرَ دَيَّ المساکينَ وَلو بِشقِ تَمرَةٍ، يَا عَائشيةَ اَحبِي المساکينَ وَقرَ بَيهِم فَان الله يقربک يوم القيامة.

**(رواه الترمذي والبيهقي في شعب الايمان)**

### مثنوي

اوليا اطفال حقند اي پسر
در حضور و غيبت آگه باخبر
گفت اطفال من اند ابن اوليا
در غريبي فرد از کار وکيا
از برايُ امتحان خوار وي يتيم
ليک اندر سر منم يار و نديم

## بيت

ڪڪيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇيءَ هاٽان ڇڄ
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ
سمون ڄام سهڄ، اُيو ڪري اُن سين.

## حڪايت

سرمست پيمانه رحيق مختوم عبدالله بن اُم مڪتوم رضہ خاڪبوس عتبه فلڪ رتبہ درگاه عرش اشتباه نبوي گرديده در حين مشغول بودن آنحضرت بدعوت قريش از ممر نابينايُ و ڪمال نشه آشنايُ بحضور وافر السرور بتڪرار عرضداشت ڪه جرعه چند از ساتڪين "دنیٰ فتدلیٰ" بڪام جان تشنگان صهبايُ معنیٰ بريزيد و بصور مقالات لدني آيات ڪشتگان تيغ محبت را در عرصات اثبات برانگيزيد. جناب محبويت نصاب ازجناب از آنجاڪه بدعوت اشراف قريش اشغال داشتند تڪرار عرضداشت اورا مڪروه پنداشتند بحدّي ڪه رقوم ڪلوح و اعراض بر صفحهءِ جبين آن محبوب نازنين بظهور آمد و حروف عبوست و ڪلاح بر ورقه ناصيه آن جناب عاليه مسطور شد در اثنايُ اين حال پيڪ ذوالجلال جلّ و علیٰ پيغام "عبسَ وتولیٰ" بمسامع اجلال حضور سراپا نور رسانيد. حضرت رسالت پناه ﷺ بعد از نزول اين فحوايُ ڪه باعث بر دلبري درويشان وحدت ڪيش و وحدت ڪيشان حقيقت انديش بود و در اڪرام و نوازش آن محب صميم و مخلص قديم ڪوشش بليغ مي نمود حتیٰ ڪه هنگام قدوم عظمت لزوم آن فارس ميدان محبت و شهسوار مضمار معرفت ڪلمهُ مرحبا بمن عاتبني فيه ربیٰ مي فرمود.

سنڌي ترجمو

## درجو چوٿيهون

### فقرا جي اعلیٰ شان کان خبردار ڪرڻ ۽ هن بي سروپا ٽولي جي تعظيم ڪرڻ جي ترغيب ۾

### آيت

(پنهنجي محفل مان) اُنهن الله وارن کي نہ تڙ جيڪي صبح شام پنهنجي رت کي سندس ديدار جي تمنا رکي سڏيندا آهن. انهن درويشن جو ڪجهہ بہ حساب اوهان تي نہ آهي ۽

نکي اوهان جو ڪو بہ حساب انهن تي آهي. سو جي اُنهن کي تڙي ڇڏيؤ تہ اوهان نامناسب ڪم ڪندڙن مان ٿي پوندؤ. **(پ-7:س-انعام: ع-6)***

## حديث

انس رضہ کان روايت آهي تہ نبي صلعم فرمايو: اي الله! مون کي مسڪينن ۾ زنده رک ۽ مون کي مسڪينن ۾ مار ۽ مسڪينن جي ٽوليءَ ۾ اُٿار. بيبي عائشه رضہ فرمايو تہ: يا رسول الله! ڇا جي ڪري (اهڙي دعا گهرو ٿا)؟ پاڻ فرمايائون تہ اهي مسڪين شاهوڪارن کان چاليهہ سال اڳي جنت ۾ داخل ٿيندا. اي عائشه! مسڪينن کي واپسي نہ موٽائجانءِ توڙي اڌ کارک جو هجي اي عائشہ مسڪينن سان سان محبت رکجانءِ ۽ اُنهن جي قريب رهجانءِ، ڇاڪاڻ تہ الله توکي قيامت جي ڏينهن قريب ڪندو.

## مثنوي

اي پٽ! اولياءَ، الله جا ٻچا آهن
ظاهر ۽ باطن کان آگاه ۽ باخبر آهن
فرمايو اتس تہ اولياءَ منهنجا ٻچا آهن
ڪم ڪار کان (الڳ) غريبيءَ ۾ تن تنها آهن
امتحان جي ڪري خوار ۽ يتيم آهن
پر اندر ۾ منهنجو سرّ اسرار، دوست ۽ ساٿي آهن.

## بيت

ڪکيءَ هاٽيون ڪاريون، ڇڇي هاٽان ڇج
پاند جنين جي پاند سين، لڳو ٿئي لڄ
سمون ڄام سهج، اُيو ڪري اُن سين.

## حڪايت

الستي شراب جو سرمست عبدالله بن مڪتوم رضہ اعلىٰ نبوي درگاه ۾ اهڙي وقت خاڪ بوس ٿيڻ لاءِ اچي حاضر ٿيو، جنهن وقت رسول الله صلعم قريشن کي دعوت ڏيڻ ۾ مشغول هو، تنهن مستاني، نابينائي ۽ معرفت جي ڪمال نشي جي ڪري، سرور ۽ راحت سان مالا مال ڪندڙ حضور جي خدمت ۾ عرض ڪيو تہ: (يا نبي!) دَنىٰ فَتدلّىٰ جي ساغر مان حقيقت جو شراب، اُجايل جان جي وات ۾ پالو ڪريو ۽ لدني آيتن جي ظاهري

گفتار سان محبت جي تلوار جي ڪنلن ڪي اثباتي ميدان ۾ ڪڙو ڪريو. حضور سائين، جو شريف قريشن جي دعوت ڏيڻ ۾ مشغول هو، سو بار بار عرض ڪرڻ ڪين ناپسند لڳو، انهيءَ ڪري سندن منهن مبارڪ ۾ غصي جا آثار ۽ نيشان ظاهر ٿيڻ لڳا. انهيءَ حالت ذوالجلال ڪان "عبس وَتوَلیٰ" (گهنڊ وڌائين ۽ منهن ڦيريائين) جو پيغام حضور سراپا نور تائين پهچي ويو. حضرت رسالت پناه صلعم هن آيت جي نزول ڪان پوءِ وحدت وارن درويشن ۽ حقيقت انديش موحدن جي دلبري ڪرڻ لڳا ۽ اهڙن ۽ سچن پختن محبن ۽ قديمي مخلصن جي نوازڻ لاءِ وڏي ڪوشش ڪرڻ لڳا.

فارسي متن

## درجه سي و پنجم

## دربيان رفع تکلفات شرعيه از رجال الله و

## عفو تکاليف عرفيه از واصلان درگاه

### آيت

قال الله تعالیٰ جل جلالهُ و عم نوالهُ: و اَعبد ربک حتیٰ يَاتيک اليقينُ.

(پ-14:س-حجر : ع-6)*

### حديث

قالَ النبي ﷺ: اَلصّلواة مِن عادتي لا من عبادتي.

### مثنوي

شرع بهرِ زندگان و اغنياست

شرح بر اصحاب گورستان کجاست

آن گروهي کز فقيري پي برند

صد جهت زان مردگان فاني ترند

همچون جرجيس اندهر يک در شرار

کشته گشته زنده گشته شصت بار

### بيت

ڇڏيائون سڀ سانگ، ڪندا ڪوهہ نماز ڪي

جاڏي عالم آسرو، تاڏي ڪن نہ تانگ

نڪو پڙهن ڪلمون، نڪو ٻڌن ٻانگ

لاهوتي بي لانگ، عدم کئون اڳي ٿيا.

## حڪايت

وقتي ساقي ميکده اسرار ازلي و شمع کاشانه انوار لم يزلي شيخ ابوبڪر شبلي قدس الله سره بقصد اقامت نماز استاده از نشه رحيق را زميفرمود که اگر درين حالت که بيگانگي تبديل يافته و خورشيد ربوبيت از افق عرفان تافته متوجه لوازم عبوديت مي شوم شرک کرده باشم، و اگر مراسم بند گيات را ترک داده در عقب جاذبه معنوي ميروم، حروف اسلام جلي را از لوح جبين خود بکزلک کفر مي تراشم، چراکه زمرهء ظاهر بينان بسبب ترک فريضه بکفر منسوب خواهند نمود و طائفه کور باطنان از مر عدم عبادت من در جهل و عناد خواهند افزود.*

سنڌي ترجمو

## درجو پنجٽيهون

**اهل الله تان شرعي حڪمن جو هٽڻ ۽ واصل بالله**

**تان ظاهري پنڌٽن جو معاف ٿيڻ جي باري ۾.**

**آيت**

ايستائين پنهنجي رب جي عبادت (پيو) ڪر جيسين توکي يقين اچي.

**(پ-14:س-حجر :ع-6)***

**حديث**

نبي صلعم فرمايو ته نماز منهنجي عادت آهي، نه منهنجي عبادت آهي.

**مثنوي**

شريعت زنده ماڻهن ۽ شاهوڪارن واسطي آهي

شريعت قبر وارن واسطي ڪٿي آهي؟

اُهو ٽولو، جيڪو فقيريءَ ڏانهن وڃي رهيو آهي

سو مُردن کان به ڪيئي ڀاڱا بلڪل فاني آهي

جر جيس وانگر هر هڪ باهه جي شعلن ۾ آهي

سٺ دفعا مري زنده ٿيو آهي.

**بيت**

چڏيائون سپ سانگ، ڪندا ڪوهہ نماز ڪي
جاڏي عالم آسرو، تاڏي ڪن نہ تانگ
نڪو پڙهن ڪلمون، نڪو ٻڌن ٻانگ
لاهوتي بي لانگ، عدم ڪئون اڳي ٿيا.

## حڪايت

هڪڙي وقت ازلي اسرار جي شراب خاني جو ساقي ۽ دائمي نوراني محلات جي شمع شيخ ابوبڪر شبلي قدس الله سره نماز ادا ڪرڻ جي ارادي سان اُٿي، حقيقت جي شراب جي نشي مان فرمائڻ لڳو تہ: بيگانگي، يگانگيءَ ۾ تبديل ٿي وئي آهي، ۽ ربوبيت آسپاس ڪان معرفت جون جهلڪارون ڏئي رهي آهي، سو جيڪڏهين اهڙي حالت ۾ بندگيءَ جي لوازمن ڏانهن متوجه ٿيان ٿو تہ مشرڪ بڻجي پوان ٿو ۽ جيڪڏهين حقيقي جذبي جي پنيءَ ڪي لڳي بندگي جي رسم ڇڏي ڏيان ٿو تہ ظاهري اسلام، منهنجي پيشانيءَ تي ڪفر جي فتوىٰ لڳائي ٿو. ڇاڪاڻ تہ ظاهربين جماعت فرض ڪي ڇڏڻ ڪري ڪفر ڏانهن منسوب ڪندا ۽ باطن جي انڌن جي جماعت وارا، منهنجي عبادت نہ ڪرڻ ڪري مون ڪي جاهل ۽ مغرور سمجهندا. *

فارسي متن

## درجه سي و ششم

### محبت باعث بي آرامي است و مودت موجب ناکامي

### آيت

قَالَ اللہ تَعالىٰ جَلَّ جَلاَّلَهُ وَ عَمَّ نوالَهُ: اِنّاعَرَ عَرَضِنَا اْلاَ مَانَةَّ عَلَي السّماواتِ والارضِ وَالجِبَالِ فَاَبَينَ اَنْ يّحمِلنَهَا وَاَشفَقنَ مِنهَا وَحَمَلهَا الانِسَانُ اِنهُ کَانَ ظَلُوماً جَهُولاً.

(پ-22:س-احزاب:ع-9)

### حديث

عَن اِبن عبّاسِ رضہ قالَ رسولُ اللہِ ﷺ: قالَ اللہُ تعالىٰ يا آدَمَ اِني عَرضتُ الأمانَةَ عَليَ السّماواتِ والأرضِ فَلَم تُطِقها، فَهَلُ اَنتَ حامِلها بِما فِيها، قالَ وَمالِي فِيها يا رَبِ، قالَ اِن حَمَلتَهَا اَجَرّتَ، وَاِن ضَيّعِتَها عُزّبُتَ، فَقالَ قَدْ حَمَلتُها بِما فِيها. فَلَمّْ يَلبثُ فِيّ الجَنّةِ اِلاّ

مابَينَ الصّلواةِ ٱلأُوۡلیٰ والعَصرِ حَتّیٰ اَخرَجَ الشّیطٰانِ مِنها. (رواهُ الشیخ اِبنِ حبان)

## مثنوي

بهر گريه آمد آدم بر زمين
تابود گريان نالان و حزين
چون بگريد آسمان گريان شود
چون بنالد چرخ يا رب خوان شود
عاشقي رنج ست و تاوان تا ابد
خيزَ لأُقسم بخوان تافيٌ كَبَدِ. (1)

## بيت

ڪاتيءَ ڪني سيڪا، اکين ڪُني آءٌ
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيان پوندي مامري

## حکايت

از سلطان العارفين قدس سره منقول است که پيش از ايجاد آدم صفي الله و قبل از وجود آن محرم بارگاه عشق از محبت کامل و مودت شامل ميخواست که از مظهري سر بر زند و از کدام آئينه ظهور کند. اما از آنجا که ملائکه لياقت مظهريت اسرارش و استحقاق مطلميت انوارش نداشتند در خلوت خانه غيب متواري بود تاکه چون هت عزازيل علم عبادت رب الجليل بر افراخت. عشق اورا مستحق ظهور خود دانسته برسرش تاخت ليکن سلطان غيرت بانگ بروي زد که آشنا شناس باش و شيشه عطريات برکلابه مپاش. عشق باز مدني درحجله هوّيت منزوي ماند و قطرات انتظار از ديده اضطرار مي فشاند تا وقتي که آدم از زاويه غيب بعرصه شهود جلوه گر گرديد و مشام وجودش نکهت گلشن ظهورات شميد. عشق را ممثّل بصورت شجره منهيه نموده بد و نمودند و در شيفتگي برو بکشو دند. خواست که ثمره آن شجره در بستان سرايُ خلد بکام دل بچندو در آرامگاه جنّت شاهد عشق و محنت را برفاقت گزيند. گفتندش که حضول اين دولت ابد پيوند باوجود آسايش و راحت صورت نہ بندد و گلبن عشق باوجود اين ناز و نعم بروي تو نخندد چرا که منزل کاديءُ محبت جز بدکان دل غمديده نيست و فردوس اعلیٰ ماوا و ملجا ماتم رسيده ني.

* انهي آيت جو شان نزول هن درجي جي حاشيي ۾ لکيل هينين عبارت تان نقل ڪيل آهي: شان نزول اين آيت بطريق اجمال آن ست که ضاديد قريش بجاب رسالت عرضداشتند که مارا بامثل اين مسعودو بلال و مقداد و عمار و صهيب و سهيل و امثال آبهارا رضي الله عنهم که درويشان و غلامانند در حضور تو همنشين شدن عارست اگر آنهارا از صحبت در رسازي بامصاحب تومي باشم. حضرت فرمود من راندن مومنان نتوانم گفتنا، بس بودن مان بحضور تو ممکن نيست در اثنايُ اين گفتگو امير عمر فاروق رضہ فرمود که يا رسول الله چينن توان کرد تابه بينم که مهم رؤسا عرب بچه ميکشد. حضرت رسال پناه درخواست اشراف را قبو کرده، مرتضیٰ علي کرم الله وجه را امر بکتابت وثيقه نمود آيت فرود آمد. لا تطرد..... الخ' حديث قدسي: اَلمالُ مالي والا غناءُ عالِي والفقراءُ عيالِي ومنُ لم يُنفِقَ مالِي علیٰ عيالِي فهوفِي النّار ولأؤبالِي.

* انهي آيت جو شان نزول هن درجي جي حاشيي ۾ لکيل فارسي عبارت تان ورتل آهي تہ: رسول الله جي خدمت ۾ هينيلن ۽ هوڏي قريشن عرض ڪوي تہ مسعود، بلال، مقداد، عمار، صهيب ۽ سهيل، انهيءَ قسم جا ٻيا رضي الله عنهم جهڙا درويش ۽ غلام جيکي اوهان جي حضور ۾ اوهان سان گهڏ وينا آهن، تن سان اسان کي گڏ ويهڻ عار ۽ شرم ٿو لڳي، جيڪڏهين انهن کي صحبت کان پري ڪندؤ تہ اسين اوهان وٽ ويهي ڳالهيون ٻڌنداسون. حضرت جن فرمايو تہ مومن کي آءٌ هٽائي نٿو سگهان. پوءِ هنن چيو تہ اسان جو اوهان جي حضور ۾ ويهڻ ناممکن آهي. انهيءَ گفتگو درميان امير عمر فاروق رضہ فرمايو تہ يا رسول الله ائين ڪرڻ ڪري عرب جي رئيسن جون تڪليفون هٽي سگهن ٿيون. حضرت رسالت پناه اشرافن جي درخواست قبول ڪري علي المرتضیٰ ڪرم الله وجه کي حڪم فرمايو تہ اهڙو عهدنامو هنن کي لکي ڏيو. تڏهن "ولا تطرد...الخ" واري آيت نازل ٿي. حديث قدسي: (هي سمورو) مال منهنجو مال آهي، ۽ (هر قسم جي) تونگري منهنجو عمل آهي ۽ فقراءَ منهنجو عيال ۽ ڪٽنب آهي. جنهن شخص منهنجي عيال تي منهنجو مال نہ خرچ ڪيو، سو باهہ ۽ وبال ۾ هوندو.

* هن آيت جي شرح بيدل صاحب پنهنجي مثنوي نهر البحر جي 46 صفحي تي ڪئي آهي:

| قال الله تعالیٰ عزوجل واعبد ربک حتیٰ ياتيک اليقينُ | |
|---|---|
| تا يقين نبود ترا اي مرد راهہ | کہ منم ذات خدا سر الہ |
| لاف مردي کم زن خاموش مان | کزتو تاحالي نشد رفع گمان |

| اين يقين را اهل علم ظاهري | کرده تفسيري بمرگ ازماهري |
|---|---|
| اين هم از معنیٰ مدان خالي همي | که چو مير دسالک از خود محرمي |
| رست از تکليف چون اومات شد | بعد مرگِ معنوي اثبات شد |
| نيست، تکليف، عبادت بعد ازان | کوشده فاني بذاتِ بي نشان |
| ليکن اين سر خفي هست از عوام | در نيايد فهم عامش والسلام |

* هن درجي جي حاشيہ ۾ هينئين عبارت لکيل آهي:

قال الشبلي قدس سره: اِن صليتُ اَشرکتُ و اِن لم اصل کفرتُ

* انهيءَ آيت جي شرح بيدل صاحب پنهنجي مثنوي نهر البحر جي 46 صفحي تي هن طرح ڪئي آهي:

اي سالڪ جيسين توکي يقين نہ ٿيو آهي تہ مان خدا جي ذات ۽ الاهي اسرار آهيان تيستائين دم نہ هٽجانءِ ۽ خاموش رهجانءِ، جيسين گمان وڃي، حال نہ حاصل ٿئي. ظاهري علم وارن هن يقين جي (معنیٰ) جيڪڏهن تون ماهر آهين تہ تفسيرن ۾ موت ڪئي آهي. اها پڻ معنیٰ حقيقت کان خالي نہ آهي. چو تہ جڏهين سالڪ مري ٿو تڏهين پاڻ کان آگاه ٿئي ٿو. جڏهين هو مري ويو، تڏهين تڪليفن کان ڇٽي پيو. معنوي مرڻ کان پوءِ اثبات ٿئي ٿو، انهيءَ کان پوءِ عبادت جي ڪا تڪليف نہ آهي، چو تہ هو فاني ٿي، بي نشان ذات وڃي ٿيو، پر هي ڳجهہ عام ماڻهن کان مخفي آهي، عام ماڻهن جي فهم ۾ نہ ايندو، تنهنڪري السلام عليڪم چئي موڪلايون ٿا.

* هن درجي جي حاشيہ ۾ لکيل عبارت جو ترجمو هينئين ريت آهي:

حشرت شبليءَ قدس سره جا چيل اصل الفاظ هي آهن:

جيڪڏهن مون نماز ادا ڪئي تہ مشرڪ بڻجي پيس ۽ جيڪڏهين مون نماز ادا نہ ڪئي تہ ڪافر ٿي پيس.

(1) لا أقسمُ بِهاذَا لبلد لَقَدٌ خَلَقنا الانسانَ فِي کَبَد.

**(پ-33: س – بلد: ع- 1)**

## درجو ڇهون

### عشق ۽ محبت سراسر بي آرامي ۽ نامرادي آهي

### آيت

اسان ئي آسمانن، زمين ۽ جبلن کي امانت جي آڇ ڪئي، پوءِ( انهن سيني) اُن جي کڻڻ کان انڪار ڪيو ۽ کانئس ڊڄي ويا، ۽ اُن کي انسان (اچي) کنيو، بلاشبه اهو تمام ظالم ۽ جاهل آهي.

(پ-22:س-احزاب: ع-9)

### حديث

ابن عباس رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم تہ، الله تعالىٰ فرمائي ٿو تہ مون زمين ۽ آسمان جي اڳيان امانت پيش ڪئي پوءِ (اُنهن) اُن جي (کڻڻ) کان انڪار ڪيو. سو (اي آدم) تون انهيءَ کي کڻندين ۽ جيڪي انهيءَ جي وچ ۾ آهي سو بہ؟ آدم عرض ڪيو تہ: اي منهنجا رب! انهي ۾ منهنجي لاءِ ڇا آهي؟ جواب مليو تہ، جيڪڏهين اهو تو کنيو تہ توکي اجر عطا ٿيندو ۽ جيڪڏهين انهيءَ کان تون تنگ ٿئين تہ توکي عذاب ٿيندو. پوءِ (آدم) چيو تہ اهو ۽ انهيءَ جي اندر جيڪي بہ آهي سو سڀ سر متي آهي. انهيءَ کان پوءِ جنت ۾ ظهر ۽ عصر جي نماز جي درميان جيترو بہ نہ ترسيو، تان جو شيطان انهي مان ڪڍي ڇڏيس.

(رواه الشيخ ابن حبان)

### مثنوي

آدم زمين تي روچ راڙي ڪرڻ واسطي آيو
تان تہ روئيندڙ، دانهون ڪندڙ ۽ ڏکيو هجي
جڏهن روئي ٿو تہ آسمان کي روئاڙي ٿو ڇڏي
اوچنگارون ٿو ڏئي تہ آسمان ترتلي ۾ اچي ٿو وجي
عاشقي هميشه لاءِ دک ۽ تاوان آهي
اُتي لاَ اُقسَمُ، فِيِّ ڪَبَدِ تائين پڙهي ڏس.

### بيت

ڪاتيءَ ڪني سيڪا، اکين ڪُني آءٌ
جا نينهن ڳنهندي نانءُ، سا مون جيان پوندي مامري

## حڪايت

سلطان العارفين قدس سره کان نقل ٿيل آهي تہ آدم صفي الله جي پيدا ٿيڻ کان اڳي ۽ انهيءَ محرم بارگاه جي وجود کان اڳي عشق تمام محبت ۽ چاهنا منجهان چاهيو ٿي تہ ڪنهن مظهر مان ظاهر ٿئي ۽ ڪنهن آئينه مان نروار ٿئي. پر جيئن جو ملائڪ سندس اسرار جي مظهريت جي لائق ۽ سندس انوار جي جلوه گري ٿيڻ جهڙا نہ هئا. تنهنڪري غيب جي خلوت خانه ۾ پوشيدو رهيو، تان جو عزازيل همت سان عبادت ڪندي رب الجليل وٽ اچي پهتو. عشق اُن کي لائق سمجهي مٿس پنهنجو ظهورو ڪرڻ لڳو، پر شاهي غيرت مٿس دانهن ڪري چيو تہ پنهنجي ۽ پرائي کي سڃاڻ ۽ عطر جو شيشو گند تي نہ ڇٽڪاءِ. انهيءَ ڪري وري عشق ڪجهہ وقت هويت جي حجري ۾ رهيو ۽ انتظار جا نير، مظطرب نيٽن مان وهائڻ لڳو، جيستائين شهودي ميدان ۾ آدم جلوه گر ٿي ظاهري گلشن ۾ نروار ٿيو. عشق منع ٿيل وڻ جي بهاني سان سامهون ٿي، سندس هوش حواس تي پردو ڏيئي، چاهيائين تہ جنت جي باغ ۾ انهي وڻ جو ڦل کائي تہ جنت جا آرام ڇڏي جفاڪشي اختيار ڪري. ڪيس ارشاد ٿيو تہ اها ابدي ۽ دائمي نعمت، ظاهري آسائش ۽ راحت هوندي حاصل نہ ٿيندي ۽ انهيءَ ناز نعمت جي هوندي عشق جي مڪڙي نہ ٽڙندي، ڇاڪاڻ تہ محبت جو بلند مڪان ۽ منزل، دکايل دل کي عطا ٿيندو آهي ۽ فردوس اعلیٰ جي رهڻ جو هند واويلا ڪرڻ واري کي ملندو آهي. *

فارسي متن

### درجه سي و هفتم

### در منمت جمع و امساک

### آيت

قَالَ اللہ تَعالیٰ جَلَّ جَلاَلَهُ وَ عَمَّ نوالَهُ: وَالذينَ يَكنِزُوْنَ الذَّهَبَ وَالفِضّةَ وَلاَ يُنفِقوْ نَهَا فِيْ سَبيلِ اِللہ فَبَشِرْ هُمْ بِعَذَاب.

**(پ-10:س-توبه: ع-5)**

### حديث

عَنْ اَبيْ هُرَيرَةُ رضہ قَالَ، قَالَ رسول الله ﷺ: مَنْ اَتَاهُ اللهِ فَلَمْ يَوَدَّ زَكواتهِ مُثِلَ لَهُ مَالُهُ يَوْمَ اْلقِيامَةِ شُجَاعاً اَقرَعَ لَهُ زبِيبَتَبانِ يَطَوَّ قَهُ يَوْمَ القِيامَةِ ثُمَّ يَاْخُذُهُ بلَهِز مَتَيَہِ يعني شُدْقَهُ

ثُمَّ يَقُوْلُ اَنَامَالُکَ اَنَاكَزُکَ ثُمَّ تَلاَ وَلاَ يَحسَبَنَّ الذِين يَبخَلُوْنَ بِما آتيهمُ اللهُ مِن فَضلهِ هُوَ خَيرُلّهُمْ بَلْ شَرُلّهُمْ سَيَطَوَّقُونَ مَابَخِلُوْا بِهِ يَوْمُ القِيَامَةِ. **(رواه البخاري)**

## مثنوي

مال خس آمد چون آمد بي ثبات
در گلويت مانع از آب حيات
هر که کارد گردد انبارش تهي
ليکش اندر مرزعه باشد بهي
و آنکه در انبار ماند و صرفه کرد
اسپش و موش حوادثهاش

## بيت

ڳجهہ نہ ڳري لاءِ، ڪڻ بورائو باز ڪي
آهي تنهن انڌيءَ جي جيفي پاسي جاءِ
ڪاڄ تهائين ڪاءِ، هو جو قوت ڪتن جو.

## حکايت

در حديث آمده است که بامر رب رحيم جواد کريم دو تن از سبز پوشان جنات النعيم يعني دو فرشته پاک سرشته شبانروزي در بازار کائنات و مجلس کون و نشات مناديان اين نداءِ تنبيه انتماءِ باشند کہ اي بار خدايا آنانکه ورقه حال شان بحواشي "مِمّاَ رَزَقنَاهُم يُنفِقُونَ" مُحَشَاست و لوح ضمائر آنها از سواد حروف بخل مُعرّا تزئيد مال و تقويت حال بايشان عطا فرماءِ و اَنانکه بصفت "يَکْنِزُوْنَ انذّهَب وَالفِضّةِ" موصوف اندو بعلامات "يُنفِقُوْنَها فِيّ سَبيل اللهِ" معروف احوال و اموال آنهارا مَورد نقص ابدي پَنماَ.

سنڌي ترجمو

## درجو سٺيهون

## مال جمع ڪرڻ ۽ روڪي رکڻ جي مذمت ۽ ڏڪارڻ ۾

## آيت

۽ جيڪي شخص سون ۽ چانديءَ جو خزانو گڏ ڪندا آهن ۽ اُهو الله جي راهه ۾ خرچ نہ ڪندا آهن، تن کي ڏکوئيندڙ عذاب جي خبر ڏي.

**(پ-1:س-توبه:ع-5)**

## حديث

ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم: جنهن شخص کي الله (مال) ڏنو آهي (۽) اُنهيءَ پنهنجي مال جي زڪوات ادا نہ ڪئي، (تہ) اهڙي شخص جي مال جو مثال قيامت جي ڏينهن خوفناڪ نانگ وانگر هوندو، جنهن کي ٻہ نقطن جا نيشان هوندا. اُن (مالدار) کي قيامت جي ڏينهن وڪوڙي ويندو. انهيءَ کان پوءِ انهيءَ جي ٻن پاسن يعني ڄارن کي پڪڙيندو. پوءِ ڪيس چوندو تہ مان تنهنجو اُهو مال آهيان ۽ مان تنهنجو اُهو خزانو آهيان. انهيءَ کان پوءِ (پاڻ ڪريمن) هي آيت پڙهي ”جيڪي شخص بخل ڪن ٿا اهڙي شيءِ جو، جو الله اُنهن کي پنهنجي فضل سان ڏني آهي تہ اُها ڪا انهن لاءِ خير ۽ ڀلي سني آهي. بلڪ اُنهن لاءِ شرّ ۽ مصيبت آهي، جنهن مال کي بخل ڪري رکي ڇڏيائون، سو ڪين قيامت جي ڏينهن وڪوڙي ويندو.

**(رواه بخاري)**

## مثنوي

جو مال بي بقا آهي، سو ڪک ڪچرو آهي
توڙي آب حيات هجي، تہ بہ تنهنجي گلي اندر نہ ويندو
جو شخص اناج جا خرار پوکي فارغ ٿي وينو
پر اهو شخص پوک ۾ گهٽو ڪجهہ نيندو
جنهن شخص اناج جا خرار رکي ڇڏيا ۽ خرچ نہ ڪيا
.جيت،ڪوئاءِ زماني جا حادثا وجائي ڇڏيندا(اناج کي)تنهن جي

## بيت

ڳجهہ نہ ڳري لاءِ، ڪڻ بورائو باز کي
آهي تنهن انڌيءَ جي جيفي پاسي جاءِ
.ڪاج تهانئين ڪاءِ، هو جو قوت ڪتن جو

## حڪايت

حديث ۾ آيو آهي تہ الله تعاليٰ جي فرمان سان ٻہ فرشتا هن دنيا جي بازار ۾ تنبيه ڀريل آواز جو اعلان ڪندا آهن تہ: اي خدايا! جيڪي شخص هن آيت جي موافق آهن تہ ”اسان جو ڪجهہ انهن کي ڏنو آهي تنهن مان( خدا جي راه ۾) خرچ ڪندا آهن ۽ بخل جي ڪاڙهہ کان پاڪ ۽ صاف آهن،“ تن کي مال زياده ڏي ۽ سندن حال ۾ قوت عطا ڪر، ۽ جيڪي شخص هن آيت جا موصوف آهن تہ سون، چانديءَ کي گڏ ڪري رکن ٿا ۽ انهي کي خدا جي راه ۾ خرچ نٿا ڪن، تن جي حال ۽ مال ۾ هميشه لاءِ نقصان رساءِ.

فارسي متن

## درجه سي و هشتم

## در صفت ترک و انفاق

### آيت

قَالَ اللہ تَعالىٰ جَلّ جَلاَلَهُ وَ عَمَّ نوالَهُ: مَثلُ اَلّذينَ يُنفِقُونَ اَموالَهُمْ فِيْ سَبيلِ اللہِ كَمَثَلِ حَبّةِ وَاللہُ يُضاعِفُ لِمَنْ يّشَآءُ واللہُ وَاسِعٌ عَلِيهُمٌ.

(پ-3:س-بقره: ع-36)

### حديث

عَنْ اَبيِّ هُرَيرَةُ رضہ قَالَ، قَالَ رسول الله ﷺ: مَنْ تَصدَّقَ بِعَدْلِ تَمرْةِ مِنْ كَسَبِ طَيّبِ، وَلاَ يَقبَلُ اللہُ اِلاَّ الّطيّبَ، فَاِنَّ اللہَ يَتَقَبّلَهَا بيمينهِ ثُمَّ يُرّبِيَهَا لِصَاحبهَا كَمَا يُرَبيَّ اَحَدُكُمْ فَلَوَّهُ حَتّىٰ تَكُوْنَ مِثلَ الجَبَلِ.

(متفق عليه)

### مثنوي

آندرم دادن سخي را لائق ست
جان سپردن خود سخايُ عاشق ست
نان دهي از بهر حق نانت دهند
جان دهي از بهر حق جانت دهند
گر بريرد برگهايُ اين چنار
برگ بي برگيش بخشد کردگار

### بيت

نہ گندي نہ گبرُو نہ لٿو نہ لينگ
پونگا جنين پينگ، سڄڻ تني سامهون

## حکايت

منقول است که سرور اوليا و رهبر اصفيا جناب ارشاد فتوه مخدوم سلامت مخدوم نوح قدس سره را ازبسکه نظر قبوليت بچهره اين محتاله کج نهاد که عروس صد هزار داماد است نميکشادند يعني دنئي دني را بحسب فحوايُ تقويت انتمايُ فرد. بان خواري که سگ را ميکشند از مسجد بيرون مکرر رانده ام از آستانِ خوش دولت را. در قرب جواد خود بار نمي دادند سوال کردند که سبب چيست که صاحب ارشاد مطلق خليفه رباني مولانا خواجه بهاءُ الحقّ غوث ملتاني قدس سره باوجود تکميل عرفان و تحصيل وجدان وسعت معاش متجاوز از حد قياس داشتند و همت وافيه و همت کافيه بر اطراد اين مطروده ابدال و اوتاد نمي گماشتند و طبع حضور رشدت ظهور بکمال عسرت قانع است و تهيهء اسباب يُسرت را مانع فرمودند که روز ميثاق روح شيخ ملتاني در عقب روح حضرت سليمان علیٰ نبينا و عليه السلام بود و جان اين مشتاق اقتدا بروح مطهر مقدس مهتر پيغمبران سرور انس و جان صلوات الله عليه و علیٰ آلهِ العظام نمود ازان ممر جناب غوث العالم بفوز نعمت دارين محظوظ است و درويش متابعت کيش از آفت آن مظهر شو روشن محفوظ.

سنڌي ترجمو

## درجو اٺيهون

(دنيا کي) ترڪ ڪرڻ ۽ (خدا جي راهه ۾) خرچ ڪرڻ جي بيان ۾

### آيت

جيڪي شخص پنهنجا مال الله جي راهه ۾ خرچ ڪندا آهن، تن (جي مال) جو مثال، انهيءَ داڻي جي مثال وانگر آهي، جو ست سنگ ڄمائي، (۽) هر هڪ سنگ ۾ سؤ داڻا هجن. الله جنهن شخص لاءِ گهرندو آهي (تنهن کي اجان بہ) ٻيڻو ڪري ڏيندو آهي، ۽ الله (اجان بہ) وڏي وسعت وارو (۽ سيڪجهہ) ڄاڻندڙ آهي. (پ-3:س-بقره: ع-36)

### حديث

ابو هريره رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم تہ، جنهن شخص پاڪ ڪمائيءَ مان اڌ ڪارڪ خيرات ڪري ڇڏي (پر هي شرط آهي) تہ الله، پاڪ شيءَ کان سواءِ (ٻي ڪنهن) شيءَ کي قبول نہ ڪندو آهي ڇو تہ الله انهيءَ شيءَ کي پنهنجي سڄي هٿ ۾ قبول ڪندو آهي، انهيءَ کان پوءِ اهو خير پنهنجي مالڪ واسطي اهڙي طرح وڌندو آهي جهڙي طرح اوهان مان هر هڪ پنهنجي موڙيءَ کي وڌائيندو آهي، تان جو سندس موڙي جبل جيڏي ٿي ويندي آهي. **(متفق عليه)**

## مثنوي

پيسو ڏيڻ، سخيءَ کي لائق آهي<br>
پنهنجي جان ڏيڻ، عاشق جي سخا آهي<br>
خدا ڪارڻ ماني ڏيندين تہ توکي ماني ملندي<br>
خدا واسطي جان ڏيندين تہ توکي جان ملندي<br>
جيڪڏهين هي وڻ پن ڇاٽي ٿو ڇڏي<br>
تہ پروردگار انهيءَ ٻي پن واري کي ٻيا پن ٿو بخشي

## بيت

نہ ڳندي نہ ڳبرُ، نہ لٽو نہ لينگ<br>
يونگا جنين پينگ، سڄڻ تني سامهون

## حڪايت

سرور اوليا ۽ رهبر اصفيا، صاحب ارشاد مخدوم نوح قدس سره جي باري ۾ لکيل آهي تہ سندن دنيا ۾ ڏاڍي شهرت ۽ مشهوري هئي پر پاڻ نالائق دنيا کان اهڙي طرح پاسو ڪندا هئا، جهڙي طرح نئين ڪنوار عام ماڻهن کان پري ۽ لڪندي رهندي آهي، جيئن پاڻ فرمايو اٿن تہ”جهڙي طرح ڪُتي کي مسجد مان ڌوڙائي ڪڍبو آهي، اهڙي طرح مان پنهنجي دروازي تان دنيا ۽ دولت کي ڪيئي دفعا تڙي ڪڍيو آهي“ جي فرمان موجب پنهنجي ويجهو اچڻ نہ ڏيندا هئا، انهيءَ ڪري ڪائنن ڪن (ماڻهن) سوال ڪيو تہ: ڪهڙو سبب آهي جو صاحب ارشاد، خليفه رباني مولانا خواجہ بهاءُ الحق غوث ملتاني قدس سره وٽ ڪمال وحدت ۽ عرفان جي باوجود ۽ مال متاع جي بي انداز هوندي، باقاعده ابدال ۽ اوتاد تي فيض ۽ برڪت جاري هو، (۽) اوهان هيڏي تنگدستي هوندي بہ آسان ذريعن جي استعمال ڪرڻ کان پاڻ روڪي رهيا آهيو؟ پاڻ فرمايائون تہ روز ميثاق ۾ ملتاني صاحب جو روح حضرت سليمان عليه السلام جي پٺ ۾ هو ۽ جان سرور عالم صلي الله

عليہ وآلہِ العظام جي ڪڍ هئي، انهيءَ سبب ڪري جناب غوث الاعظم بہ ٻنهي جهانن جي نعمتن کان بهرور هئا ۽ اهي ٻئي حضرات زماني جي تنگدستيءَ کان محفوظ هئا.

فارسي متن

## درجه سي و نهم

### در ترغيب رضا دادن به قضا

### آيت

قَالَ اللهُ تَعالىٰ جَلَّ جَلاَلَہٗ وَ عَمَّ نوالَہٗ: وَلَنبلُوَ نّكُم بشَيءٍ منَ الْخوفِ وَالجُوعِ ونَقْصِ منَ الاَموالِ وَالثمراتِ. (پ-2:س-بقرة:ع-19)

### حديث

عَن سعدِ رضہ قالَ، قالَ رسُولُ اللهِ ﷺ: مِنْ سَعادَةِ اِبنِ آدَمِ رضِاہُ بمَا قُضيَ اللهُ لہُ وَمن شقَاوةِ اِبنِ بمَا تركه اِستخارةَ الله وَمِنْ شقاوَةِ اِبن آدم سَخطهُ آدَم قُضيَ اللهُ لہُ.

**(رواه احمد والترمذي وقال هاذا حديثٌ غريبٌ)**

### مثنوي

مابها و خون هارا يافتيم

جانب جان باختن بشنافتيم

اُقْتلُوني اُقْتلُوني يا ثقات

اِنَّ في قَتلي حَيواةٌ في الحيوات

اِنَّ في قتلي حياتي دائماً

اُقتُلُوني اُقتلُوني لائمَا

### بيت

سر ڏونديان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڏونديان سر ناهہ

هٿ ڪرايون آڱريون، ويو ڪيچي ڪانهہ

وحدت جي وهانءِ، جي وئا سي وڍيا.

### حڪايت

آورده اند که سرتاج صوفیان حقیقت آگاه و پیر طریقت عارفان احدیت انتباه شهید الحق مشهود مطلق حضرت شاه عنایت الہ قدس اللّٰہ رُوحه وَ اَفاض علینا فتوحہ روزي بطریق مکاشفه از مقدمه شهادت مقرون سعادت خود بجمعي که جرّعه چشان جام ارشاد و باده کشان ساغر اتحاد بودند خبر میدادند و بحکم "مَوتُ الفُقراءِ رَاحةٌ" بکمال بهجت و سرور مانند شاه منصور بہ تشریح قضیه مستقبل لب مي کشادند بعض از مریدان درگاه باستماع این خبر جانکاه بتصرفي که داشتند لوايُ جرائت در میدان جواب بجناب مستطاب چنان افراشتند که حاکم سنده راچہ مجال که بارتکاب این چنین امر محال سراپا وبال دست اندازي کرداند و تکاور تعنت در مضمار تعصب دواند که متوسلان حضور کرامت دستور و معتقدان حضرت جلالت رتبت جراءني دارند که بیک صدمه جلالت حال سراپا کمال آفت برعالمي بگمارند و تختگاه والي هندوستان رابیک جولان الوهیت عنوان بموجب فرمان "مِنهُم من خسفنابهِ وَبَدارَهِ الارضِ" بحیطه تصرف زمین سپارند. نظم:

بردر میکده رندان قلندر باشند
که ستانند و دهند افسر شاهنشاهي

فرمودند که باینقسم مقالات لب کشودن و باین نوع مکالمات متبادر بودن شائسته ما زمره اهل تسلیم نیست و باسته عشاق دل دو نیم ني چرا که مارا از داغداران تولاً حضرت سید الشهدا علیه التحیة والثنا شمرده اند نه در مریدان مولوي جامي محسوب کرده اند.

نظم:

جفا بریم ملامت کشیم خوش باشیم
که در شریعت ما کافریست رنجیدن

حاضران عرضداشتند که عارف نامي مولانا جامي قدس سره مگر از سالکان راه معاني و ماهران راز لدني نبوده و برید روح معني فتوحش رابطه سیر في اللّٰه را بکام همت مردانه نه پیموده؟ فرمودند که مولانا ممدوح در سیر عروج مقامات روح و تماشايُ منازل کمال رشدت و فتوح منتهي بودند بکل عقده تقايُ مستفیدان طریقت و مستفیضان حقیقت باناملِ ارشاد کبریٰ مو کشودند لیکن معتاد طبیعت آن مظهر راز معیت تصرف و کرامت بود نه اعتصام بجبل متین تسلیم و رضا و پسند خاطر خاکبوسان عتبه امامت رتبه قرة عیني نبيَّ الخافقین سیدنا و مولانا ابو عبداللّٰہ الحسین علیه التحیات الوافیات من رب المشرقین و المغربین احتمال بار بلا و محنت بود و رضا دادن بقضا.

* حاشيه تي حافظ جو هي بيت لکيل آهي:
دلا در عاشقي ثابت قدم باش
که در اين ره نباشد کار بي اجر
(اي دل عاشقيءَ ۾ پختو رهجان ڇاڪاڻ تہ هن راهہ ۾ اجوري بنا ڪم ڪونہ آهي.)

# درجو اوڻيتاليهون

## قضا يعني رب جي ڪيل فيصلي تي راضي رهڻ جي ترغيب ۾

### آيت

اوهان کي خوف، بک، مالن، جندن ۽ ميون مان ڪنهن نہ ڪنهن شيءِ سان ضرور پرکينداسون. **(پ-2:س-بقرة: ع-19)**

### حديث

سعد رضہ کان روايت آهي تہ فرمايو رسول الله صلعم: آدم جي نيڪ بخت اولاد مان اهي شخص آهن، جيڪي الله اُنهن لاءِ جو ڪجهہ فيصلو ڪيو آهي، تنهن تي راضي رهيا، ۽ آدم جي بدبخت اولاد مان اُهي شخص آهن، جن الله کان خير جي طلب ڪرڻ ڇڏي ڏني، ۽ آدم جي نياڳي اولاد اُهي شخص آهن، جيڪي الله جي ڪيل فيصلي تي ناراض رهيا.
**(رواه احمد والترمذي وقال هاذا حديث غريب)**

### مثنوي

اسان قيمت ۽ خون بها حاصل ڪئي سون
(جڏهين) جان، بازيءَ جي طرف ڊوڙائيسون
مون کي قتل ڪر، مون کي قتل ڪر مضبوطيءَ سان
تحقيق منهنجي قتل ڪرڻ ۾ حياتيءَ ۾ حياتي آهي
بلاشڪ منهنجي قتل ڪرڻ ۾ دائمي حياتي آهي
مون کي قتل ڪر، مون کي قتل ڪر، فيصلي موجب

### بيت

سر ڍونديان، ڏڙ نہ لهان، ڏڙ ڍونديان سر ناهہ
هٿ ڪرايون آڱريون، ويو ڪپجي ڪانهہ
وحدت جي وهانءِ، جي ويا سي وڍيا.

## حڪايت

حقيقت آگاه صوفين جي سرتاج ۽ احديت انتباه عارفن جي پير طريقت شهيد الحق مشهود مطلق حضرت شاهه عنايت الله قدس سره جي باري ۾ ڳالهه ڪندا آهن ته هڪڙي ڏينهن سندن شهادت جو واقعو ڪين ڪشف جي رستي معلوم ٿيو، سو وحدت جي نشي مان فرمائڻ لڳا ته ”فقيرن جو موت راحت آهي“ ۽ انهيءَ ايندڙ واقعي ڪي وڏي خوشيءَ سان ۽ منصور جي مثل سرور مان ڪولي ڪولي بيان ٿي ڪيائون. مريدن مان هڪڙو فقير جان جهوريندڙ خبر ٻڌي، صوفي صاحب جي خدمت ۾ عرض ڪرڻ لڳو ته: سنڌ جي حاڪم ڪي ڪهڙي مجال ائين ڪرڻ جي، ڇو ته سائين جن جا غلام ئي اهڙي طاقت رکندڙ آهن، جو هڪ گهڙيءَ ۾ ملڪ تي آفت برپا ڪري ڇڏين ۽ هندوستان جي والي جو تخت گاهه آيت ”أنهن مان ڪن ڪي زمين ڳهي وئي“ موجب زير زمين ڪري ڇڏين.نظم:

رندن جي شراب خانه جي دروازي تي قلندر هوندا آهن
جيڪي حڪومت ڪسيندا به آهن ۽ عطا به ڪندا آهن

پاڻ فرمايائون ته اهڙي قسم جي گفتار ڪرڻ تسليم ۽ رضا واري ٽولي ڪي لائق نه آهي، ڇاڪاڻ ته اسان ڪي سيد الشهدا حضرت امام حسين عليه السلام جي عاشقن ۾ شمار ڪيو اٿن، نه مولانا جاميءَ جي مريدن ۾. نظم:

جفا ۽ ملامت سر تي سني سون ۽ خوش آهيون
ڇو ته اسان جي شريعت ۾ جو ناراض ٿيو سو ڪافر آهي.

حاضر فقيرن عرض ڪيو ته: مولانا جامي لدني راز جي ماهرن مان نه هو ڇا؟ ۽ فنا في الله جي سير ۾ نه هو ڇا؟ پاڻ فرمايائون ته مولانا صاحب عروجي سير ۾ منتهىٰ ڪي رسيل هو، فيض جو صاحب فيض بخشيندڙ هو، صرف تسليم ۽ رضا جي مضبوط رسيءَ ڪي پختو ڪري نه ورتو هئائين. اهو مقام ۽ منزل صرف حضرت حسين عليه السلام جو شايان شان هو. قضا تي راضي رهڻ ۽ هر قسم جو بار سر تي سهڻ، اسان انهيءَ قسم جي دروازي جا خاڪبوس آهيون.

فارسي متن

# درجه چهلم

## در شفاعت خواص عوامِ را

## آيت

قَاَلَ اللّٰه تَعالىٰ جَلَّ جَلاَّلَهُ وَ عَمَّ نوالَهُ: وَلَسَوفُ يُعطِيکَ رَبّکَ فَتَرضیٰ.

**(پ-30:س-ضحیٰ: ع-1)**

## حديث

عَن اَنسِ رضہ اِنَّ النّبيَّ ﷺ: قَاَلَ شَفَاعَتِي لاَهلِ الکَبائِر مِن اُمّتِي.

**(رواه الدارمي والترمذي و ابن ماجه عن جابر)**

## مثنوي

بندگانِ حق رحيم و بردبار

خويُ حق دارند در اصلاح کار

مهربان بي رشوتان ياري کنان

در مقامِ سخت و در روزِ گران

هين بجو اين قوم را اي مبتلا

هين غنيمت دار شان پيش از بلا

## بيت

سَرٽن جا سونا سهي، وسيلو ولهن

لُڏي کين لطيف چوي، اڳيان لال لکن

جِتِ ڪورين ڪين ڪچن، اُت پاٻوهون پٽرو.

## حکايت

آورده اند که وقتي که دارالسلطنت دهلي در تصرف عسکر سياست پيکر سلطنت پناه سطوت دستگاه نادر شاه رسيد حکم شاهي بحسب تقدير الاهي بقتل عام يک محله از محلات وي نافذ گرديد، ناگاه از دست يکنفر خونريزي عارف سرزده که بعد از انفصال سرش از تن بگفتگو آمده مخاطب بقاتل شده چنان سخن راند که خون دو مردم برگردن تو بماند، مرد سپاهي باستماع اين سخنان دهشت ترجمان و وحشت عنوان از اُرد شاهي رو بفرار آورده کرم پويُ باديه استعفاء جريم خود گرديد و از غايت هيجا و نهايت جولان در

اندک زمان رخت اقامت در ملک عربستان کشیده بر در بارگاه عالم پناه شفیع مجرمان وسیله عاصیان سرور کائنات شافع العصاة یوم العرصات علیه و علیٰ آلهِ افضل الصلواة و اکمل التحیات رسید و رویُ التجا بجناب شفاعت نصاب آورد و قدم استقامت برجاده حصول مطلب افشرد بعد از مرور ایام چند بسبب مداومت اِمطار اقطار تشوبر آن دامنگیر سراپا تقصیر از سنگلاخ حرمان سبزه امید غفران رست یعني اشارت فیض بشارت درگاه والا در بارهٔ آن آوارهٔ بظهور پیوست و انامل تلطف احمدي عقده مهماتش کشاد هاتف تعطف سرمدي درگوش جانش بدین کونه آوازي داد که عفو این قسم جرائم که هدر شدن خون بیگناه مي باشد منحصر بر استرضايُ حضرت سید شهداءُ کربلا علیه التحیته والثنا است و موقوف بر خشنودي آن زینت آل عبا چراکه سائر شهیدان حاضر حضور نور دیده سید الثقلین خواهند بود و جمیع مقتولان دست در فتراک سرور سینه نبي الخافقین و حصول این مرام یعني وصول چو نتو عام در درگاه مقدس آن قائم مقام خیر الانام علیه و علیٰ آله الصلواة والسلام بوساطت جناب ولایت انتساب سلطان العاشقین برهان الصوالین مخزن اسرار یکتايُ حضرت شاه عبداللطیف پٹائي قدس سره که در ملک سنده طرح اقامت انداخته اند و لوايُ تعشق و تعرف افراخته صورت ایجاد خواهد پذیرفت و گلبن مقصود تو بابیاري الطاف آن جامع الاوصاف بکام دل خواهد شگفت آن مرد غمناک سراپا درد سینه چاک یعین اِصغايُ این مژده رهکرايُ گردید بعد از طي مراحل و قطع منازل بشرف خاکبوسي خدام کرام مشرف شده و بصدق عقیدت و رسوخ طویت دست در دامن فیض میامن حضور تلطف دستور زده اظهار مطلب گردانید جناب کرامت مآب بحکم "اِنَّ اللّٰہ سِرُ ویِحبُ سِرّاً" نخستین از تعد این امر نازک پهلو تهي کرده آخر برحال سراپا نکال آن متعطش رشحات زلال بخشید تا شبي بعد نصف اللیل آن سرخیل عشاق وحدت میل مانند سهیل برنگ دادن ادیم روح آن صداقت فتوح متوجه گشته عزم نزول از مکان تشریف فرمودو آن غمدیده از خود رمیده را همراهي سراپا آگاهي خود قبول نمود عاقبت الامر برسر شاهراهي که تحت المکان بود منتظر قدوم کدام ممینت لزول توقف گزید تا آنکه کوکبه عالم ارواح مُمَثظل بشکل اشباح بهمراهي شاهنشاه که کشور مطهر قاب قوسین او ادنیٰ تختگاه اوست و افسر منوّر لَلولاکَ خلقتُ الاَ فلاک کلاه وي. فرد:

شهنشاهي سریرِ قاب قوسین احمد و مرسل

که بر پیشاني تقدیر مرقوم ست فرمانش

عليه الصلواة والسلام مع اهلبيتهِ العُظام و اصحابهِ الكرام رسيد و چون چسم آن سر گروه عاشقان نامي و سر آمد عارفان گرامي بمشاهدهُ جمال جانفزايُ و چهرهء دلكشايُ محبوب خدايُ . شعر:

كالزُهرِ في تِرفِ والبدرِ في شرفِ
والبحر في كردمِ والدَّهرِ في همم
كائهُ و هوَ فردءٌ في جلالهِ
في عسكرِ حينَ تلقاهُ و في حشمِ

فائز شده دست رجايُ بفتراک حضرت سيد الشهداءُ عليه التحية والثناء زده لب باستمداد آن واسخ الاعتقاد كشاد، جناب شاه شهيدان عليه و علیٰ من تبعه التحية والرضوان في الفور باحضٰار آن مقبول معنوي يعني مقتول دهلوي فرمان داد، چون حاضر شد فرمودند كه ترا گردن انقياد بمطاوعت اين سيادت نژاد سراپا صدق وسداد بايد نهاد و شهيد موصوف بحسب امر معروف باسترضاء خسرو اقليم يكتايُ حضرت شاه صاحب بهتايُ قدس سره تن در داده از خطايُ قائل خود در گذشت و خارهايُ ادبار آن معتصم حبل متين اعتبار بوسيله جريله آن صاحب كمال والا اقتدار بگلهاي اقبال مبدل گشت.

## خاتمه

سنڌي ترجمو

## درجو چاليهون

**خاص شخص عام ماڻهن واسطي شفاعت ۽ سفارش كندا**

**آيت**

تنهنجو رب توكي اُهو (شفاعت جو تاج) عطا كندو، جو تون راضي ۽ خوش ٿي پوندين.

**(پ-30:س-ضحیٰ:ع-1)**

**حديث**

انس رضہ كان روايت آهي تہ: فرمايو نبي صلعم تہ منهنجي شفاعت منهنجي امتين منجهان كبيرن گناهن كرڻ وارن لاءِ هوندي.

**(رواه الدارمي والترمذي و ابن ماجہ عن جابر)**

**مثنوي**

خدا جا بندا رحيم ۽ بردبار هوندا آهن
اصلاح ڪار ۾ خويُ حق ۽ شفيق هوندا آهن
بنا رشوت جي مهربان ۽ مددگار هوندا آهن
ڏکئي هنڌ ۽ ڏکين ڏينهن ۾
اي مصيبت ۾ ورتل! اهڙن انسانن کي ڳول
مصيبت کان اڳي،اهڙن انسانن کي غنيمت سمجهه.

## بيت

سَرڻن جا سونا سهي، وسيلو ولهن
لُڏي ڪين لطيف چوي، اڳيان لال لکن
جِتِ ڪورين ڪين ڪڇن، اُت پاٻوهون پڌرو.

## حڪايت

بيان ٿيل آهي ته هڪڙي وقت نادر شاه دهلي جي دارالحڪومت کي پنهنجي قبضي ۾ آڻي، شاهي حڪم جاري ڪيو ته هتان جي محلن مان فلاڻي محلي ۾ قتل عام ڪري ڇڏيو. اوچتو هڪ سپاهي جي هٿان، هڪڙو عارف شهيد ٿي پيو. سر ڌڙ کان ڌار ٿيڻ کان پوءِ قاتل کي مخاطب ٿي چوڻ لڳو ته ٻن مردن جو خون تنهنجي گردن تي پئجي ويو. سپاهي دهشت ۽ وحشت پريا سخن ٻڌي، حڪومت جي نوڪري ڪرڻ کان منهن موڙي فوراً استعيفا ڏئي، لڏو ٻڌي سڌو عربستان روانو ٿي عالم پناهه، شفيع مجرمان ۽ وسيلهءِ عاصيان حضرت محمد مصطفىٰ صلعم جي دربار اقدس ۾ اچي پهتو. سندن حضور ۾ دل و جان سان خون جي معافي ملڻ جي عريضي پيش ڪندو رهيو ۽ ارادو ڪرڻ لڳو ته جيستائين معافي نه ملندي تيستائين در نه ڇڏيندس. ڪجهه ڏينهن گذرڻ بعد پاڻ ڪريمن نظر عنايت فرمائي سندس جان ۾ ارشاد فرمايو ته انهيءَ قسم جي گنهگارن جو دارو مدار سيد الهشداء حضرت امام حسين عليه السلام جي رضا ۽ خوشيءَ تي آهي، ڇاڪاڻ ته سڀ شهيد ۽ ڪل مقتول سندن حضور ۾ حاضر رهندا آهن، پر سيد الشهداء تائين سڌو سنئون پهچي نه سگهندين، تنهنڪري سنڌ ۾ سلطان العاشقين و برهان الصوالين سيد عبداللطيف ڀٽائي وٽ وڃي حال اور ته تون پنهنجي مقصد ۾ ڪامياب ٿي ويندين. انهي خوشخبري ٻڌڻ سان غمگين مرد منزلون طئي ڪندي آخر اچي سندن (شاه ڀٽائي) حضور ۾، مضبوط ۽ سچي عقيدي سان دل جو سوز سلڻ لڳو. شاه صاحب پهرين ته ”تحقيق الله ڳجهو آهي ۽ لِڪ کي پسند ڪندو آهي“ واري حڪم موجب پاڻ لڪايو ۽ پاسو ڪري ويا

پر آخر أجايل جي حال تي رحم فرمائي تسلي ڏئي فرمايائون تہ تون اڌ رات کان پوءِ فلاڻي سڙڪ جي هيٺاهين هنڌ اچي بيهجانءِ. وسوڙيل غمگين شخص فرمان قبول ڪري، آخر اچي أنهيءَ جاءِ تي پهتو. تيستائين منتظر رهيو، جيستائين عالم ارواح جو ستارو ظاهري صورت ۾ اهڙي شهنشاه سان همراه هو، جنهن جو تخت قاب قوسين جي پاڪ ولايت ۾ آهي، ۽ لولاکَ خلقتُ الافلاک (جيڪڏهين توکي نہ خلقيان ها تہ افلاڪ ئي بہ خلقيان ها جي نوراني آفسريءَ جو تاج مٿس آهي.بيت:

قاب قوسين جي تخت جو شهنشاه احمد مرسل آهي
تقدير جي پيشاني تي سندس فرمان لکيل آهي.

سو عليہ السلام، اهل بيت عظام ۽ اصحاب ڪرام سميت اچي پهتا، تہ هيڏانهن عاشقن جو سردار شاه صاحب بہ خدا جي حسين ۽ جميل محبوب سان ملاقي ٿيو. شعر:

نزاڪت ۾ گل وانگر آهي ۽ شرافت ۾ چوڏهينءَ جي چنڊ وانگر آهي
سخا ۾ سمنڊ وانگر آهي ۽ همت ۾ دهر وانگر آهي
گويا هو پنهنجي جلال ۾ يڪتا آهي
۽ پنهنجي حشمت ۾ مقابلي جي وقت فوجي آهي.

اهڙي شهنشاه سان ملاقي ٿي حضرت سيد الشهداء عليه السلام جي ڳجهہ ۾ اميد جو هٿ وجهي احوال پيش رکيائون. پاڻ ڪريمن ان وقت ئي انهيءَ معنوي مقتول يعني دهلي جي شهيد کي حاضر ٿيڻ جو فرمان ڏنو. جڏهن هو حاضر ٿيو تہ پاڻ فرمايائون تہ: هن خالص ۽ سچار جي سفارش توکي قبول ڪرڻ گهرجي. موصوف شهيد عرض ڪيو تہ: قبلا! وحدت جي ولايت جي بادشاه حضرت شاه صاحب ڀٽائي قدس سره جي رضا ۽ خوشي لاءِ پنهنجي قاتل جي خطا معاف ٿو ڪري ڇڏيان. سو نهلي راسخ الاعتقاد جي بدبختي جا ڪنڌا، وسيلي جي ڪري بخت جي گلن سان بدلجي ويا.